ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع 25 مارچ 2026ع 05 شوال المڪرم 1447 ھ صفحا 6 - ملهه 30 وييه شمارو (219)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

حڪومت جو وڏو فيصلو پيٽرول ۽ ڊيزل جو حساب ڪتاب ٿيندو شهرين کي تيل ڪوٽا موجب ڏيڻ جو اعلان

وزيراعظم شهباز شريف پيٽروليم شين تي سبسڊي ۾ صوبن کي شامل ڪرڻ لاءِ صدر آصف علي زرداري کي اعتماد ۾ وٺندو ۽ ان سلسلي ۾ ملاقات به طئي ٿي وئي هئي

وفاقي سرڪار پيٽروليم شين تي 100 ارب روپين جي سبسڊي ڏئي چڪي، سڄي ملڪ جو عوام لاڀ حاصل ڪري رهيو آهي، وزيراعظم جون صوبائي حڪومتن سان به سبسڊي ۾ حصو وجهڻ لاءِ ڳالهيون

وفاقي حڪومت پيٽروليم شين جي راشن بندي لاءِ ڊجيٽل نظام آڻي رهي آهي، حڪومت هڪ ايپ تيار ڪري رهي آهي جنهن کي پيٽروليم شين جا واهپيدار ڊائون لوڊ ڪري سگهندا

هر شهري پنهنجي گاڏيءَ جو نمبر ۽ پنهنجو سجاڳ ڪارڊ نمبر لڪرائي ايپ ۾ رجسٽريشن ڪرائيندو، حڪومت هر شهري جو سنڌس گهرج ۽ دستيابي موجب پيٽروليم ڪوٽا مقرر ڪندي

هر شهري کي ايپ ۾ طئي ٿيل ڪوٽا موجب روزانو پيٽرول يا ڊيزل ملي سگهندو ۽ ان سلسلي ۾ حڪومت ڳڏريل مارچ ڪان هلندڙ مارچ تائين پيٽروليم شين جي استعمال جو تقابلي جائزو ورتو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف پيٽروليم شين تي سبسڊي ۾ صوبن کي شامل ڪرڻ لاءِ صدر آصف علي زرداري کي اعتماد ۾ وٺندو ۽ ان سلسلي ۾ اڄ ملاقات جو امڪان آهي جڏهن ته وفاقي حڪومت پيٽروليم شين جي راشن بندي لاءِ ڊجيٽل نظام آڻي رهي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

باقر ذوالقدر ايراني نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جو نئون سيڪريٽري مقرر

اهواهم عهدو شهيد علي لاريجاني وٽ هو جنهن وڏو عرصو خدمتون سرانجام ڏنيون

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران محمد باقر ذوالقدر کي سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جو نئون سيڪريٽري مقرر ڪري
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

حزب الله پاران ميزائل حملن ۾ اسرائيلي فوج کي شديد نقصان پهچائڻ جي دعويٰ

بيروت (ھ د) لبنان جي مزاحمتي تنظيم حزب الله ميزائل حملن ۾ اسرائيلي فوج کي شديد نقصان پهچائڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. حزب الله جو چوڻ آهي ته ڪالهه صبح اتر اسرائيل ۾ ٻن حملن دوران
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير شزا فاطمه سان گلگت بلتستان جو وقتي وڏو وزير ملاقات ڪري رهيو آهي

ايران - آمريڪا جنگ روڪرائڻ لاءِ پاڪستان جون ڪوششون، فيلڊ مارشل ۽ صدر ٽرمپ جو رابطو، ڳالهين لاءِ ميزباني جي به دعوت

وائيٽ هائوس ايران جنگ جي معاملي تي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي آرمي چيف جنرل عاصم منير سان ٽيليفون تي ٿيل ڳالهه ٻولهه جي تصديق ڪري ڇڏي

اهي حساس سفارتي ڳالهيون آهن، ميڊيا ذريعي ڳالهيون نه ڪندو، ملاقاتن بابت اڳڪٿين کي ان وقت تائين حتمي نه سمجهڻ گهرجي، جيستائين وائيٽ هائوس اعلان نه ڪري: ترجمان

وزيراعظم پاران وچ اوڀر ۾ جاري تڪرار جي جامع حل لاءِ ڳالهه ٻولهه جي ڪوششن جي آجيان، ڳالهين جي حمايت ڪريون ٿا ته جيئن خطي ۾ امن قائم ٿئي: شهباز شريف

پاڪستان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ بامعنيٰ ۽ لاڀائتي ڳالهه ٻولهه جي ميزباني لاءِ تيار آهي ۽ ان کي پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهي ٿو ته جيئن جاري تڪرار جي جامع حل تائين پهچي سگهجي

پاڪستان پنهنجي پراڻي پاليسي موجب وچ اوڀر/ نار فارس جي جاري تڪرارن کي سفارتي ذريعن ۽ ڳالهه ٻولهه جي ذريعي حل ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهي: پرڏيهي کاتي جو ترجمان

سفارتڪاري ۽ ڳالهه ٻولهه اڪثر ان ڳالهه جا گهرجائو هوندا آهن ته ڪجهه معاملن کي رازداري سان اڳتي وڌايو وڃي، ميڊيا کي گذارش آهي ته بي بنياد افواهن کان پاسو ڪري

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ/اي پي پي) پرڏيهي وزارت جي ترجمان چيو آهي ته پاڪستان پنهنجي پراڻي پاليسي موجب وچ اوڀر/ نار فارس جي جاري تڪرارن کي سفارتي ذريعن ۽ ڳالهه ٻولهه جي ذريعي حل ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهي ڪالهه اڪاري ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب پرڏيهي وزارت چيو ته سفارتڪاري ۽ ڳالهه ٻولهه اڪثر ان ڳالهه جا گهرجائو هوندا
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: نائي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب جي صدارت ۾ تيل قيمتن بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

اسرائيل جا ايران جي اهم توانائي ڍانچن تي فضائي حملا، تهران پاران سڌين ڳالهين جي ترديد

اوير ۾ جاري ڇڪتاڻ نئين ۽ خطرناڪ موڙ ۾ داخل ٿي وئي، تبريز ۽ اصفهان جي توانائي انفرااسٽرڪچر تي بمباري

حزب الله جي جوابي ڪارروائين ۽ تل ابيب تي ايراني ميزائل حملن اسرائيل ۾ خوف واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي

آمريڪا صدر پاران ڳالهين جي دعويٰ نفسياتي حربو آهي ته جيئن عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جا اگهه گهٽجي سگهن: ايران

تهران/تل ابيب/ واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وچ اوير ۾ جاري ڇڪتاڻ نئين ۽ خطرناڪ موڙ ۾ داخل ٿي وئي آهي، جتي هڪ طرف آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران سان معاهدي لاءِ پرعزم هئڻ جون دعوائون
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اتر ڪوريا جي سربراهه جو جوهري صلاحيت وڌائڻ جو اعلان

اسان جو ملڪ ڪڏهن به جوهري هٿيار ختم نه ڪندو: ڪم جونگ ان

جيڪڏهن اتر ڪوريا خلاف ڪو به قدم کنيو ويو ته بي رحمانو جواب ڏنو ويندو

پيونگ يانگ (ويب ڊيسڪ) اتر ڪوريا جي سربراهه ڪم جونگ ان اعلان ڪيو آهي ته اسان جو ملڪ ڪڏهن به جوهري هٿيار ختم نه ڪندو ۽ ايٽمي قوت کي وڌيڪ مضبوط بڻائيندو رهندو سپريم پيپلز اسيمبلي کي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ امڪاني برساتون: گيانچند

اسراني پاران ادارن کي هاءِ الرٽ رهڻ جون هدايتون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير جي بحالي بابت صلاحڪار گيانچند اسراني لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي آهي ته سياٽي ڪان صوبي ۾ متوقع برساتن کي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

آبناءِ هرمز دشمن جي جهازن ڪانسواءِ سڀني لاءِ کليل آهي: ايران

ايران عالمي ميري ٽائم آرگنائيزيشن کي بهتر بڻائڻ ۾ تعاون جاري رکندو

آبناءِ هرمز جي جيڪا صورتحال آهي ان جو بنيادي سبب ايران تي اسرائيل ۽ آمريڪا جا حملا آهن

لنڊن (اي پي پي) ايران چيو آهي ته آبناءِ هرمز دشمن ڪانسواءِ سڀني لاءِ کليل آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب اها ڳالهه گڏيل ڏينهن گڏيل قومن جي ميري ٽائيم ايجنسي ۾ شامل ايران جي نمائندي علي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر اياز صادق ۽ ڊپٽي اسپيڪر گورنر نهال هاشمي سان ملاقات ڪري رهيا آهن

گهرن جي تعمير لاءِ بينڪن کان قرضن جي فراهمي دوران ساليانو بنيادن تي اضافو رڪارڊ

فيبروري ۾ گهرن جي تعمير لاءِ بينڪن طرفان فراهم ڪيل قرضن جو ڳاڻيٽو 224 ارب روپيا آهي: اسٽيٽ بينڪ

گذريل سال فيبروري ۾ گهرن جي تعمير لاءِ بينڪن طرفان مجموعي طورتي 200 ارب روپين جو قرض فراهم ڪيو ويو هو

اسلام آباد (اي پي پي) گهرن جي تعمير لاءِ فيبروري دوران بينڪن طرفان قرضن جي جاري ڪرڻ ۾ ساليانو بنيادن تي اضافو رڪارڊ ڪيو ويو. اسٽيٽ بينڪ مطابق فيبروري ۾ گهرن جي تعمير لاءِ بينڪن
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

آمريڪي صدر ايران سان معاهدي لاءِ پرعزم آهي: اسرائيلي اختياريون

ان ڳالهه جو امڪان گهٽ آهي ته ايران آمريڪي مطالبن کي قبول ڪندو

هن وقت تائين جنگ دوران 4 هزار 829 اسرائيلي زخمين کي اسپتال آندو ويو

تل ابيب (ھ د) اسرائيلي اختيارين جو چوڻ آهي ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران سان معاهدو ڪرڻ لاءِ پرعزم نظر اچي رهيو آهي جڏهن ته ان ڳالهه جو امڪان گهٽ آهي ته ايران آمريڪي مطالبن کي قبول ڪندو ٻئي پاسي اسرائيلي صحت واري وزير موجب، 28 فيبروري کان هن وقت
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

پاڪستان پيٽروليم ڊيلرز ايسوسيئيشن 26 مارچ تي پيٽرول پمپ بند ڪرڻ جو فيصلو ملتوي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيٽروليم ڊيلرز ايسوسيئيشن 26 مارچ کان ملڪ ۾ پيٽرول پمپ بند ڪرڻ جو فيصلو ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي ايسوسيئيشن
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ايران-آمريڪا ڳالهين جو حصو ناهيون: قطر

اسان جو ڌيان پنهنجي ملڪ تي ٿيندڙ حملن جي خاتمي تي آهي

خميس ڪانپوءِ ايران قطر تي ڪو به ميزائل يا ڊرون حملو ناهي ڪيو

دوحا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) قطر جي پرڏيهي کاتي چيو آهي ته هو آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ جنگبندي ڪرائڻ واري ڪوشش جو حصو ناهي هڪ پريس بريفنگ دوران قطري پرڏيهي کاتي جي ترجمان ڊاڪٽر ماجد الانصاري جو چوڻ هو ته "اسان جو ڌيان پنهنجي ملڪ تي ٿيندڙ حملن جي خاتمي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ شيري رحمان سان اياز صادق ۽ غلام مصطفيٰ شاهه جي ڏيءَ جي وفات تي تعزيت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ۽ ڊپٽي اسپيڪر
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ٽي بي جي خاتمي لاءِ پرعزم آهيون: سينيٽ چيئرمين

ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ جامع ۽ اثرائتا قدم جاري آهن

پرڏيهي ملڪن ۾ اهو مرض هن وقت به سنگين چئلينج موجود آهي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته پاڪستان (ٽي بي) جي خاتمي لاءِ پرعزم آهي ۽ ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ جامع ۽ اثرائتا قدم جاري آهن سينيٽ سيڪريٽريٽ مطابق ٽي بي جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي جاري پنهنجي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار جو گڏيل عرب امارات جي هم منصب سان فون تي رابطو

مسئلن جي حل لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري ئي واحد قابل عمل رستو آهي: نائب وزيراعظم

ٻنهي اڳواڻن عيد جي مبارڪباد جي ڏي وٺ ڪئي ۽ گڏيل ويجهي رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار گڏيل عرب امارات جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير شيخ عبدالله بن زايد النهيان سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ڪالهه آڱاري ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب ٻنهي اڳواڻن خطي جي بدلجندڙ
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي سميت سنڌ جي سڀني ضلعن ۾ ترقياتي منصوبا جاري آهن: سيد ناصر حسين شاهه

روهڙي ۾ قائم جديد واٽر فلٽر پلانٽ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن جو حصو آهي

جيڪڏهن توانائي جي گهٽتائي ڏکيو عرصو تائين رهي ته لاڪ ڊائون جهڙا قدم پڻ زير غور آڻي سگهجن ٿا

اير ڪيو ايم جي ڳالهين کي سنجيدگي سان نه ورتو وڃي ۽ گورنر جي تبديلي جو فيصلو وفاقي حڪومت جو اختيار آهي

سکر (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهه سکر جي علائقي روهڙي ۾ قائم نئين واٽر ٽريٽمينٽ پلانٽ جو دورو ڪري ان جي ڪارڪردگي جو تفصيلي جائزو ورتو ان موقعي تي
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ جهيڙي دوران هڪ شهري مارجي ويو، جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهه لطيف پوليس اسٽيشن جي حد ۾ جهيڙي دوران هڪ شهري مارجي ويو پوليس بروقت ڪارروائي ڪئي ۽ ڪجهه ڪلاڪن اندر جوابدار کي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪولمبيا: فوجي جهاز حادثي ۾ فوٽگين جو انگ 66 ٿي ويو، ڪيترائي زخمي

فوجي جهاز سي130 هرڪيوليس ڏکڻ سرحدي علائقي طرف روانگي بعد حادثي جو شڪار ٿيو

حادثي جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ وڏت گهرجي جهاز ۾ 114 فوجي ۽ عملي جا 11 ميمبر سوار هئا: اختياريون

بگوٽا (اي پي پي) ڪولمبيا ۾ فوجي جهاز ٽيڪ آف ڪانپوءِ ڪري تباهه ٿي وڃڻ جي نتيجي ۾ 66 ڄڻا اجل جو شڪار ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي ميڊيا فوجي ذريعن جي حوالي سان ٻڌايو ته هڪ فوجي جهاز سي130 هرڪيوليس ڏکڻ سرحدي علائقي پورٽو ليگوزامو مان روانگي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جو سيڪريٽريٽ ۽ تغلق هائوس جو اوچتو دورو، ڪارڪردگي جو جائزو

مختلف کاتن جي آفيسن مرمت ۽ نئين ڪاميٽي روم جو معائنو جديد ٽيڪنالاجي سان ڪمانڊ سينٽر کي ليس ڪرڻ جون هدايتون

سمورا کاتا عوامي مسئلن جي حل ۽ بهتر خدمتون مهيا ڪرڻ لاءِ مؤثر ۽ ذميواري سان ڪردار ادا ڪن: مراد علي شاهه

ملازم پنهنجون ذميواريون ايمانداري ۽ پيشه ورانه انداز ۾ نڀائين، وقت تي آفيس پهچن ۽ سنڌن ڪم تي مڪمل ڌيان ڏنو وڃي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه آڱاري جي صبح سنڌ سيڪريٽريٽ ۽ تغلق هائوس (اولڊ سيڪريٽريٽ) جو اوچتو دورو ڪيو جتي هن مختلف کاتن جي ڪارڪردگي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

بن قاسم ۾ پوليس ڪارروائي، اسٽيل مل مان لوهه ۽ ٽامي جي چوري ۾ ملوث 9 جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير ضلعي جي علائقي بن قاسم ۾ پوليس ڪارروائي ڪندي اسٽيل مل مان لوهه ۽ ٽامي جي چوري ۾ ملوث 9 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي.بن قاسم پوليس موجب
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: اير پي اي فريال ٽالپر شيري رحمان سان تعزيت ڪري رهيو آهي

ڪراچي نارٿ ناظم آباد حيدري مارڪيٽ ۾ گارمنٽس شو روم جي مئنيجر پاڻ کي گولي هڻي خودڪشي ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شروعاتي جاچ ۾ پوليس ٻڌايو آهي ته خودڪشي جو سبب مالي مسئلا هئا. حيدري مارڪيٽ پوليس ٿاڻي جي علائقي ۾ نارٿ ناظم آباد بلاڪ ايڇ حيدري مارڪيٽ ۾ واقع گارمنٽس جي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ماڻهو ڊمپر جو شڪار ٿين ٿا، حڪومت افڙن ساڻهن تي خاموش آهي:علي خورشيدي

ٻجيٽ جي موقعي تي سڀني سرڪاري ميمبرن کي فنڊ ڏنا ويا پر اسان کي نظرانداز ڪيو ويو

تحريڪ انصاف ۽ جماعت اسلامي ڪراچي تي سياسي ڪئي، گهڻين جي ذميواري شهرن تي آهي

سياسي پارٽين جي قيادت سڀني لاءِ قابل احترام آهي، اهو سڌو آهي ته خالد مقبول ۽ پاڪستان جي صدر سان ملاقات ڪن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي چيو آهي ته اسين عوام جا ماڻهو آهيون اسين اهو ڪندا آهيون جيڪو ماڻهو چون ٿا. ڪراچي هن وقت رهڻ لاءِ بدترين شهرن مان هڪ آهي اير ڪيو ايم پاڪستان جي اسيمبلي ميمبرن سان گڏ ڪراچي پريس
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جا ماڻهو چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا ته ڪير نااهل ۽ ناڪام آهي:گنهور خان

عوام ڄاڻي ٿي ته ڪير هٿا جن ٽن ڏهاڪن تائين ڪراچي کي مال غنيمت سمجهي برباد ڪيو

سنڌ حڪومت جيڪي ترقياتي ڪم ڪري رهي آهي، اهي ايم ڪيو ايم کي هضم نٿا ٿين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان گنهور خان اسران ايوزيشن اڳواڻ علي خورشيدي جي پريس ڪانفرنس تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته ڪراچي جا ماڻهو چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا ته ڪير نااهل ۽ ناڪام آهي ۽ خيراتي مينڊيٽ تي سياست ڪندڙن کي به عوام سڃاڻي چڪو آهي.
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪورنگي ۾ ترقياتي ڪمن تي دير ۽ قبضن خلاف رهواسي پاران درخواست داخل

ڪورنگي (ن ع) ڪورنگي ۾ هلندڙ ميگا پراجيڪٽ ڊرينيج سسٽم جيڪو 80 ڪروڙ روپين جي لاڳت سان شروع ٿيو هو جيڪو روايز ٿي ڏيڍ ارب تاءِ پهچڻ جي باوجود ڪم نصرف سست رفتاري سان هلندڙ آهي
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڊو تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي آءِ جي سنڌ جي روٽري ڪلب جي ساليانو اجلاس ۾ شرڪت

اجلاس ۾ انتظامي، جمهوري ماڊلز ۽ پوليسنگ انفرااسٽرڪچر تي تفصيلي بحث

جديد ۽ ٽيڪنالاجي بهتر پوليسنگ امن قائم رکڻ ۽ ڪرائم رڪارڊ لاءِ مستقبل جو حل آهن: آءِ جي سنڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڊو روٽري ڪلب جي ساليانو اجلاس ۾ شرڪت ڪئي جيڪو مقامي هوٽل ۾ منعقد ٿيو اجلاس جو موضوع "چيلنجز آف گورننگ سنڌ" هو ۽ ان ۾ روٽري ڪلب ڪراچي جي صدر نائلا مسعود، اعزازي سيڪريٽري ڏوهير علي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ۽ بلدياتي قيادت شهرن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات سرگرم آهي:ڪرم الله وقاصي

شهري پاڻي، روڊن جي بحالي، نيڪالي آب، پارڪن جي بهتري ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي منصوبن ۾ غير معمولي تيزي آندي وئي آهي

هن سال ميئر ڪراچي جي نگراني هيٺ 75 ارب روپيا ڪراچي جي ترقياتي ڪمن تي خرچ ڪيا ويندا، اينڊز مهينن ۾ انهن جا واضح اثر عوام کي نظر ايندا

اهو تاثر غلط آهي ته موڪلن دوران ڪم بند ٿي ويو ٿو حقيقت ۾ بلدياتي عملو عيد جهڙن موقعن تي وڌيڪ ذميواري سان ڪم ڪندو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي جي ترجمان ۽ ڪي ايم سي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي پارلياماني ليڊر ڪرم الله
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

تپ دق هڪ قابل علاج مرض آهي، جنهن لاءِ بروقت علاج لازمي آهي:وڏو وزير

عوام کي گهرجي ته تپ دق جي علامتن ظاهر ٿيڻ تي فوري طور معائنو ڪرائين

سنڌ حڪومت طرفان مفت علاج جون سهولتون موجود آهن، هر شهري فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جو عالمي ڏينهن ٽپ دق تي اهم پيغام سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته هر سال عوام ۾ ٽپ دق جي حوالي سان شعور پيدا ڪرڻ لاءِ عالمي ڏينهن ملهايو ويندو آهي. وزيراعليٰ موجب ٽپ دق جي صحت، سماجي ۽ معاشي اثرن بابت آگاهي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

مانجهند پرسان ڪوچ جو ٽڪر لڳڻ سبب نوجوان فوت

مانجهند(ن- ع) مانجهند پرسان ڳوٺ
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

پ پ قرارداد منظور ڪرائي سنڌ جي وحدت خلاف سازش کي دفن ڪري ڇڏيو آهي: نثار احمد کهڙو

جيستائين پيپلز پارٽي سنڌ اسيمبلي ۾ اڪثريت ۾ آهي تيستائين سنڌ ۾ نئون صوبو ڪڏهن به نه ٺهندو

آئين موجب نئين صوبي لاءِ لاڳاپيل اسيمبلي مان ٻه ٽهائي اڪثريت سان قرارداد جي منظوري لازمي آهي

پ پ مالي بچت جي پيش نظر شهيد عوام جي 47 هين ورسي تي ضلعي سطح تي دعائيه تقريبون منعقد ڪندي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو چيو آهي ته پيپلز پارٽي سنڌ اسيمبلي ۾ قرارداد منظور ڪرائي سنڌ جي وحدت خلاف سازش کي دفن ڪري ڇڏيو آهي ۽ جيستائين
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سيوهڻ جي لعل باغ وٽ اڙل واهه ۾ ٻڏي ويل ٽينگر جو لاش مليو

سيوهڻ(ن ع) عيد جي ڏينهن 3 ڏينهن اڳ سيوهڻ جي لعل باغ وٽ اڙل واهه ۾ 10 سالن جي ٽينگر جو ٻيڙي تان هيٺ ڪري ٻڏي سيوهڻ جي لعل باغ وٽ اڙل واهه ۾ وهڻ واري واقعي جي 48 ڪلاڪ بعد
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو گڏجاڻي کي خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ عيد الفطر جي موڪلن کانپوءِ تيزي جو رجحان

ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 1225.99 جي واڌ بعد 153966.36 پوائنٽس تي بند

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ عيد الفطر جي موڪلن کانپوءِ گذريل ڏينهن شروع ٿيل ڪاروباري هفتي جي شروعات تي تيزي جو رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 1225.99 پوائنٽس جي اضافي کانپوءِ 153966.36 پوائنٽس تي بند ٿيو
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سکر: صوبائي وزي ناصر شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي: چيف سيڪريٽري سنڌ جو برسات جي تيارين لاءِ اهم اجلاس

ڪمشنرن، ڊي سيز ۽ اي سيز کي فيلڊ ۾ رهڻ ۽ صورتحال جي نگراني ڪرڻ جون هدايتون

شهرين ۽ هارين لاءِ احتياطي تدبيرون، مشينري ۽ غير محفوظ ڍانچن جي بروقت انتظام تي زور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ امڪاني برساتن کي نظر ۾ رکندي اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ سڀني ڪمشنرن، ڊپٽي ڪمشنرن ۽ اسسٽنٽ ڪمشنرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ برسات جي نئين اسپيل بابت تيارين جو تفصيلي
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ پاڪ فوج زنده باد مومينٽ تنظيم طرفان ريلي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ 23 مارچ يوم پاڪستان جي موقعي تي پاڪ
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: ماڻهو عيد بعد ريل رستي واپس وڃي رهيا آهن

قبوسعيدخان پرسان45 سالن جي شخص خودڪشي ڪري ڇڏي

قبوسعيدخان (ن ع) قبوسعيدخان پرسان ڳوٺ محمد نواز مڪسي جي رهواسي 45 سالن جي شخص عبدالقادر ولد ايوب مڪسي سبينا ڦاهو ڏيئي خودڪشي ڪري پنهنجي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير جو منگهوپير ندي ۾ ٽن ڄڻن جي ٻڏي وڃڻ واري واقعي تي افسوس جو اظهار

انساني جان جو ضياع انتهائي ڏک وارو آهي، ڏک جي گهڙي ۾ متاثر خاندانن سان گڏ آهيون

اهڙن حادثن کان بچڻ لاءِ احتياطي تدابير اختيار ڪيون وڃن:مراد علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهوپير ندي ۾ ٽن ماڻهن جي ٻڏڻ تي وزيراعليٰ سنڌ جو رد عمل سيد مراد علي شاهه ٽن ماڻهن جي ٻڏڻ واري افسوسناڪ واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. وزيراعليٰ سنڌ
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: هڪ ناري ريلوي پليٽ فارم تي بيٺل آهي

سنڌ ۾ پي ڊي ايم اي پاران برسات ۽ تيز هوائن جو الرٽ جاري

29مارچ تي برسات ۽ طوفان جو امڪان، ڪراچي ۽ ٻين ضلعا متاثر ٿي سگهن ٿا

تيز هوائون ڪمزور اڏاوتن، سولر پينلز ۽ بينل فصلن لاءِ خطرو آهن:سلمان شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي آفتن جي انتظام واري اداري (PDMA) سنڌ سڄي صوبي ۾ برسات ۽ تيز هوائن جي الرٽ جاري ڪئي آهي ۽ اختيارين ۽ عوام کي احتياطي اپاءَ وٺڻ جي هدايت ڪئي آهي حڪومتي عملدارن موجب پاڪستان جي موسميات کاتي 25 ۽ 26 مارچ ۽ 28 ۽
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سيد طحه ڪي-اليڪٽرڪ جو نئون سي اي او مقرر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سيد طحه کي ڪي اليڪٽرڪ جو نئون سي اي او مقرر ڪيو ويو آهي ڪي-اليڪٽرڪ جي ترجمان موجب سيد طحه پي ايس او جي ايم ڊي ۽
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد جي پاساڪي 13 کوهه مان تيل جي پيداوار شروع

پاساڪي-13 پاڪستان جو پهريون ڪامياب هوريزونٽل تيل جو کوهه قرار

کوهه مان روز 460 بيرل تيل جي پيداوار حاصل ٿي رهي آهي: او جي ڊي سي ايل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) او جي ڊي سي ايل سنڌ جي ضلعي حيدرآباد ۾ پاساڪي-13 کوهه مان تيل جي پيداوار شروع ڪري ڇڏي. پاساڪي-13 پاڪستان جو پهريون ڪامياب هوريزونٽل تيل جو کوهه آهي.
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پاڪستان ڊي ٽي آل ڪراچي والي بال ٽورنامينٽ 2026 منعقد

شهر ۾ جا نوجوان رانديگر پنهنجون صلاحيتون ڏيکاريندي ناظرين کي محظوظ ڪيو

اسپورٽس نوجوانن ۾ نظم و ضبط، ٽيم ورڪ ۽ خود اعتمادي وڌائيندڙ: سنڌي پرويز

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان ڊي جي موقعي تي اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ جي اهتمام هيٺ آل ڪراچي والي بال ٽورنامينٽ 2026 جو انعقاد ڪو ڪر ڪلب شاهه فيصل ۾ ڪيو ويو. ٽورنامينٽ
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: شيري رحمان سان ڌيءَ وفات تي بلاول ڀٽو ۽ آصفه ڀٽو جي تعزيت

بلاول ۽ آصفه ڀٽو شيري رحمان ۽ سيد نديم حسين سان ملاقات ڪري ڏک جو اظهار ڪيو

وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه، سعيد غني ۽ جميل سومرو پڻ موجود هئا

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ بي بي آصفه ڀٽو زرداري سينيٽر شيري رحمان جي رهائشگاهه تي پهچي، سندن ڌيءَ ماروي خورشيد ملڪ جي وفات تي گهري تعزيت
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: نيشنل انٽيليجنس سينٽر پاران ڪائونٽر ٽيررازم هيلپ لائن 1719 متعارف

هيلپ لائن ذريعي مشڪوڪ سرگرمين ۽ دهشتگردي جي خطرن بابت بروقت اطلاع ڏئي سگهجي ٿو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيشنل انٽيليجنس فيوزن اينڊ ٿريٽ اسيسمينٽ سينٽر (NIFTAC) پاران ڪائونٽر ٽيررازم هيلپ
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي جي گورنر سنڌ سان ملاقات، عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ۽ ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي سيد غلام مصطفيٰ شاهه گورنر سنڌ محمد نهال هاشمي سان گورنر
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

سيالڪوٽ: مملڪتي وزير چوڌري ارمغان سبحاني تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي قائد آباد لڳ تيز رفتار ڪوسٽر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، 2 ڄڻا فوت

ايبٽ ڪمپني ويجهو موٽر سائيڪل سوارن کي بي قابو ڪوسٽر زوردار ٽڪر هنيو

حادثي جي نتيجي ۾ لعل ولد ارمڪا ۽ گوپي ولد سيتل موقعي تي ئي فوت ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو، ڪوسٽر ڊرائيور موقعي تان فرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قائد آباد جي علائقي ايبٽ ڪمپني لڳ تيز رفتار ڪوسٽر موٽر سائيڪل کي ٽڪر هنيو جنهن سبب ٻه ڄڻا موقع تي ئي فوت ٿي ويا. ريسڪيو ذريعن موجب حادثو ان وقت
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

يوم پاڪستان تي ڄامشوري ۾ ڊي سي آفيس کان ڊي سي چوڪ تائين ريلي

ڄامشورو(۽ ر) يوم پاڪستان 23 مارچ جي موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جي اڳواڻي ۾ ڊي سي آفيس ۾ هڪ شاندار ۽ پروقار تقريب
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ثقافت کاتي پاران ڪرايل راڳ جي محفل ۾ صنم ماروي ڳائي رهي آهي

علي خورشيدي جي ڳالهه ٻولهه حقيقتن کان خالي آهي: سيد ذوالفقار علي شاهه

ڪراچي مسئلن جو راڳ الاپيندڙ پهريان اهو ٻڌائين ته پنهنجي دور ۾ هن شهر لاءِ ڇا ڪيو

پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه سنڌ جي ثقافت ۽ عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير ثقافت ۽ سياحت سيد ذوالفقار علي شاهه اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي جي ميڊيا ٽاڪ تي
بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

گلاب لغاري ويجهو ڳوٺ شادمان لغاري ۾ پنجن سالن جو معصوم ٽينگر واٽر ڪورس ۾ ٻڏي فوت

گلاب لغاري(ن ع) گلاب لغاري ويجهو ڳوٺ شادمان لغاري ۾ پنجن سالن جو معصوم ٽينگر عبدالمنان ولد مراد لغاري
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير شاهينه شير علي سان محمد سليم بلوچ جي ملاقات

ملاقات ۾ ملير ضلعي ۾ سياسي صورتحال ۽ ترقياتي ڪمن تي بحث ڪيو ويو

عورتن ۽ ٻارن کي سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي:شاهينه شير علي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير شاهينه شير علي ايم پي اي ۽ وڏي وزير سنڌ جي خاص مددگار محمد سليم بلوچ سان ملاقات ڪئي ملير ضلعي ۾ سياسي صورتحال ۽ ترقياتي ڪمن تي بحث ڪيو
بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد کان ماتلي ايندڙ ڪار سوار ماتلي واسي جو نامعلوم ماڻهن پاران پيڇو

ماتلي (ن ع) اسلام آباد کان ماتلي ايندڙ ڪار سوار ماتلي واسي عامر قائمخاني جي فيملي کي ڪنڊو محمد خان جي حد ايوب اسٽاپ وٽ هڪ ڪار ۾ سوار ۽ پاڻ کي
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: مڇر وڌڻ بعد مڇردانيون وڪري لاءِ رکيل آهن

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن سبب 7 ڄڻا فوت، هڪ زخمي

ڪورنگي نمبر هڪ پارٽي دور جي ويجهو نالي جي پٽ وٽان 50 سالن جي عورت جو لاش مليو

اورنگي ٽائون نمبر 14 بڪشيا مسجد ويجهو گهر مان 37 سالن جي دانش جو ڦندو پيل لاش مليو

ڳاڙهي ندي ۾ وهجندي عورت ۽ مرد ٻڏي فوت، ٽينڪر ٽڪر سبب بلال فوت ۽ ساجد زخمي ٿي پيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ ٻن عورتن سميت 7 ڄڻا فوت ٿي ويا ۽ هڪ ڄڻو پڻ زخمي ٿي پيو زمان ٽائون ٿاڻي جي حد ڪورنگي نمبر هڪ پارٽي دور جي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني "عبرت"

آهن ته ڪجهه معاملن کي رازداري سان اڳتي وڌايو وڃي. تنهن ڪري ميڊيا کي گذارش آهي ته قياس آرائي کان پاسو ڪري ۽ فيصلن ۽ نتيجن بابت سرڪاري اعلانن جو انتظار ڪري. ٻئي طرف وزيراعظم محمد شهباز شريف وچ اوڀر ۾ جاري تڪرار جي جامع حل لاءِ ڳالهه ٻولهه جي ڪوششن جي آجيان ڪندي چيو آهي ته پاڪستان ان ڳالهه ٻولهه جي ميزباني کي پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهي ٿو ڪالهه اڳاري ڏينهن "ايڪس" تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته پاڪستان وچ اوڀر ۾ جاري جنگ جي خاتمي جي لاءِ ڳالهه ٻولهه جي فروغ جي جاري ڪوششن جي آجيان ڪري ٿو ۽ ان جي مڪمل حمايت ڪري ٿو ته جيئن خطي ۽ ان کان ٻاهر امن ۽ استحڪام کي يقيني بڻائي سگهجي. هن چيو ته آمريڪا ۽ ايران جي رضامندي سان مشروط، پاڪستان بامعنيٰ ۽ لايائتي ڳالهه ٻولهه جي ميزباني جي لاءِ تيار آهي ۽ ان کي پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهي ٿو ته جيئن جاري تڪرار جي جامع حل تائين پهچي سگهجي. وائيٽ هائوس ايران جنگ جي معاملي تي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي پاڪستاني آرمي چيف جنرل عاصم منير سان ٽيليفون تي ٿيل ڳالهه ٻولهه جي تصديق ڪري ڇڏي آهي. پرڏيهي خابرو اداري جي رپورٽ موجب، آمريڪي صدر جي ڏکڻ ايشيا لاءِ خاص نمائندي وٽڪوف ۽ صدر ٽرمپ جي نائي جيرڊ ڪشنر جي اسلام آباد جي امڪاني دوري بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ وائيٽ هائوس جي ترجمان ڪيرولين ليوٽ چيو ته " اهي حساس سفارتي ڳالهيون آهن، تنهنڪري آمريڪا ان معاملي تي ميڊيا ذريعي ڳالهيون نه ڪندو". ڪيرولين ليوٽ جو وڌيڪ چوڻ هو ته بدلجندڙ صورتحال دوران ملاقاتن بابت اڳڪٿين کي ان وقت تائين حتمي نه سمجهڻ گهرجي، جيستائين وائيٽ هائوس طرفان باضابطا اعلان نه ڪيو وڃي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن مختلف ميڊيا پليٽ فارمز تي رپورٽ ٿيو هو ته آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس، وٽڪوف ۽ جيرڊ ڪشنر امڪاني طور ايندڙ هفتي اسلام آباد ۾ ايران بابت ٿيندڙ ڳالهين ۾ آمريڪا جي نمائندگي ڪندا. ٻئي پاسي، پاڪستاني پرڏيهي کاتي جي ترجمان جو چوڻ هو ته جيڪڏهن ٻئي ڌريون (ايران ۽ آمريڪا) راضي آهن ته پاڪستان ٽياڪڙي جي ميزباني لاءِ تيار آهي.

بقايا 2 روزاني "عبرت"

ڪري رهيو آهي، ته ٻئي پاسي اسرائيل طرفان ايران جي اهم شهرن تبريز ۽ اصفهان جي توانائي انفرااسٽرڪچر تي فضائي حملن ۾ شدت اچي وئي آهي، هوڏانهن ايران انهن ڳالهين کي "نفسياتي حربو" قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏيو آهي، حزب الله جي جوابي ڪاروائين ۽ تل ابيب تي ايراني ميزائل حملن اسرائيل ۾ خوف واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته بحرين سلامتي ڪائونسل ۾ آبناءِ هرمز کي طاقت جي زور تي کولرائڻ جي تجويز پيش ڪئي آهي.

بقايا 3 روزاني "عبرت"

خطاب ڪندي ڪم جونگ ان چيو ته اتر ڪوريا پنهنجي جوهري صلاحيت وڌائيندو ۽ دشمن قوتن خلاف پنهنجي جدوجهد تيز ڪندو. هن چيو ملڪ جو آئين به ان ڳالهه جي گهر ڪري ٿو ته دفاعي جوهري قوت کي وڌيڪ مضبوط بڻايو وڃي. ڪم جونگ ان آمريڪا تي سخت تنقيد ڪندي الزام هنيو ته اهو سڄي دنيا ۾ رياستي دهشتگردي ڪري رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته اتر ڪوريا کي باضابطا طور سڀ کان دشمن رياست قرار ڏينداسين ۽ ان سان ڪنهن به قسم جي مفاهمت نه ڪنداسين. ڪم جونگ ان چيو ته جيڪڏهن اتر ڪوريا خلاف ڪو به قدم کنيو ويو ته بي رحمانو جواب ڏنو ويندو.

بقايا 4 روزاني "عبرت"

نظر ۾ رکندي هاءِ الرٽ رهڻ. گيانچند اسراڻي ڊي جي پي ڊي ايم اي سنڌ ۽ ريسڪيو 1122 کي هدايت ڪئي آهي ته اڳواٽ احتياطي اپاءَ ورتا وڃن. گيانچند اسراڻي هدايت ڪئي ته هيٺاهين وارن علائقن ۾ پاڻي نيڪال جا انتظام فوري طور تي يقيني بڻايا وڃن، گيانچند اسراڻي چيو آهي ته ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ريسڪيو ٽيمون ۽ مشينري ميدان ۾ تيار رکي وڃي، گيانچند اسراڻي چيو آهي ته ضلعي انتظاميا کي شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ باهمي رابطي کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ گهرجي. متوقع تيز هوائن ۽ ڳڙي جي طوفان کي نظر ۾ رکندي، حساس علائقن ۾ خاص نگراني ڪئي وڃي. گيان چند اسراڻي ريسڪيو 1122 کي هدايت ڪئي ته هنگامي جوابي وقت کي گهٽ ۾ گهٽ ڪيو وڃي ۽ فوري امدادي ڪاروايون يقيني بڻايو وڃي. ڊي جي پي ڊي ايم اي کي روزاني جي بنياد تي صورتحال جي رپورٽ جمع ڪرائڻ گهرجي. هارين ۽ شهرين کي بروقت آگاهي فراهم ڪرڻ لاءِ اثرائتي عوامي صلاح مشوري جاري ڪئي وڃي. ٽريفڪ ۽ شهري لاڳاپيل ادارن کي سهولتون بحال ڪرڻ لاءِ هم آهنگي سان ڪم ڪرڻ گهرجي، گيان چند اسراڻي عوام کي اپيل ڪري ٿو ته احتياطي اپاءَ وٺن ۽ غير ضروري سفر کان پاسو ڪن.

بقايا 5 روزاني "عبرت"

موسوي هڪ انٽرويو ۾ چيئي علي موسوي برطانيا ۾ ايران جو سفير به آهي. هن چيو ته ايران عالمي ميري ٽائم آرگنائيزيشن کي بهتر بنائڻ ۽ سمنڊ ۾ بحري جهازن جي تحفظ لاءِ تعاون جاري رکندو. ايران جي دشمن کانسواءِ ٻيا بحري جهاز حفاظتي تعاون سان آبناءِ هرمز مان گذري سگهن ٿا. هن چيو ته سفارتڪاري ايران جي ترجيح آهي، جڏهن ته جارحيت جو مڪمل خاتمو ۽ گڏيل اعتماد ان کان وڌيڪ اهم آهي. هن چيو ته هن وقت آبناءِ هرمز جي جيڪا صورتحال آهي ان جو بنيادي سبب ايران تي اسرائيل ۽ آمريڪا جا حملا آهن.

بقايا 6 روزاني "عبرت"

گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ محمد سعد جي نالي سان ڪئي وئي آهي. ملزم پنهنجي ساٿي سان گڏجي جهيڙي دوران مقتول محمد بن جاويد کي نشانو بڻايو. شروعاتي جاچ موجب جوابدار ۽ مقتول پاڙيسري هئا. دوست ڪاوڙ ۾ اچي ويا ۽ لٺين سان حملو ڪيو جنهن سبب مقتول محمد بن جاويد علاج دوران فوت ٿي ويو. پوليس واقعي ۾ ملوث ٻين جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇاپا هڻي رهي آهي.

بقايا 7 روزاني "عبرت"

پيغام ۾ سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته ٽي بي علاج جوڳي بيماري آهي، جڏهن ته پرڏيهي ملڪن ۾ اهو هن وقت به سنگين چئلينج موجود آهي. هن چيو ته ٽي بي نه رڳو مريضن پر انهن جي خاندانن ۽ مجموعي صحت جي نظام تي به وڏو بار آهي. سينيٽ چيئرمين ان ڳالهه تي زور ڏنو ته عوامي آگاهي ۾ اضافو ۽ وقت تي تشخيص کي يقيني بڻائڻ انتهائي ضروري آهي ته جيئن ان بيماري تي شروعاتي مرحلي ۾ ئي قابو ڪري سگهجي. هن چيو ته مريضن کي معياري علاج بلا رنڊڪ فراهمي اثر آهي ۽ ان سلسلي ۾ صحت جي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ قومي ترجيح هجڻ گهرجي. سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته احتياطي قدمن ۽ سيڪاري ذريعي ٽي بي جو خاتمو ممڪن آهي، طبي ماهرن ۽ فرنٽ لائن ورڪرز جون خدمتون واکاڻ جوڳيون آهن، جيڪي ان بيماري خلاف جنگ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته ٽي بي کان پاڪ پاڪستان لاءِ حڪومتي ادارن، سول سوسائٽي ۽ عوام جون گڏيل ڪوششون اختيار ڪرڻيون پونديون ته جيئن ان موتمار بيماري جو مڪمل خاتمو ممڪن بڻائي سگهجي.

بقايا 8 روزاني "عبرت"

صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. نائب وزيراعظم اسحاق ڈار امن ۽ استحڪام جي اهميت کي اجاگر ڪندي چڪتاڻ ۾ فوري گهٽتائي جي ضرورت تي زور ڏنو هن ان ڳالهه تي پڻ زور ڏنو ته مسئلن جي حل لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري ئي واحد قابل عمل رستو آهي. هن قيمتي جانين جي زيان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو جن ۾ ٻه پاڪستاني شهري به شامل آهن. نائب وزيراعظم هن مشڪل وقت ۾ گڏيل عرب امارات سان پاڪستان جي ڀرپور يڪجهتي جو ورجاءُ ڪيو. ٻنهي اڳواڻن عيد جي مبارڪباد جي ڏي وٺ ڪئي ۽ گڏيل ويجهي رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو.

بقايا 9 روزاني "عبرت"

چيئرمين ضلعي ڪائونسل سيد ڪميل حيدر شاهه، ڪمشنر سکر عابد سليم، ڊپٽي ڪمشنر نادر خان سميت پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٻين اڳواڻن به شرڪت ڪئي. دوري دوران صوبائي وزير کي پلانٽ جي ڪارڪردگي، پاڻي جي صفائي واري نظام ۽ شهرين کي فراهم ڪيل سهولتن بابت بريفنگ ڏني وئي. سيد ناصر حسين شاهه هدايت ڪئي ته سکر ۽ روهڙي جي عوام کي صاف ۽ معياري پاڻي جي فراهمي هر صورت ۾ يقيني بڻائي وڃي ۽ هن منصوبي کي مؤثر انداز ۾ هلايو وڃي.ميڊيا سان ڳالهائيندي صوبائي وزير چيو ته روهڙي ۾ قائم جديد واٽر فلٽر پلانٽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن جو حصو آهي، جنهن تي سنڌ حڪومت عملدرآمد ڪري رهي آهي. هن چيو ته ڪراچي سميت سنڌ جي سڀني ضلعن ۾ اربين رپين جا ترقياتي منصوبا جاري آهن ۽ عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي ترجيح آهي.هن وڌيڪ ٻڌايو ته سنڌو درياهه تي سکر ۽ روهڙي کي ملائڻ لاءِ هڪ نئين پل جي منظوري ڏني وئي آهي جنهن جي تعمير جلد شروع ٿيندي منصوبي تحت پل کي پهرين مرحلي ۾ زيرو پوائنٽ سکر کان ڊي ايس پي آفيس تائين ۽ ٻئي مرحلي ۾ موٽر وي سان منسلڪ ڪيو ويندو جنهن سان سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي وچ ۾ آمد و رفت ۾ نمايان بهتري ايندي ۽ ٽريفڪ جي مسئلن ۾ گهٽتائي ٿيندي.سيد ناصر حسين شاهه توانائي جي بحران جي حوالي سان ڪفايت شعاري جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو ته جيڪڏهن توانائي جي گهٽتائي ڊگهي عرصي تائين رهي ته لاڪ ڊائون جهڙا قدم پڻ زير غور آڻي سگهجن ٿا. هن ٻڌايو ته سنڌ حڪومت ڪفايت شعاري پاليسي تحت سرڪاري گاڏين جي استعمال ۾ 60 سيڪڙو ۽ پيٽروليم شين جي استعمال ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي ڪئي آهي، جڏهن ته ان حوالي سان روزاني بنياد تي اجلاس پڻ منعقد ڪيا پيا وڃن.عالمي صورتحال تي ڳالهائيندي هن چيو ته ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل جي وچ ۾ تڪرار سبب توانائي جو عالمي بحران شدت اختيار ڪري سگهي ٿو جنهن جا اثر پاڪستان سميت پوري دنيا تي پوندا. هن ميڊيا تي زور ڏنو ته هو عوام ۾ پارٽ جي بجيٽ بابت آگاهي پيدا ڪري.سياسي معاملن تي ڳالهائيندي صوبائي وزير چيو ته ايم ڪيو ايم جي ڳالهين کي سنجيدگي سان نه ورتو وڃي ۽ گورنر جي تبديلي جو فيصلو وفاقي حڪومت جو اختيار آهي. هن چيو ته چاهي گورنر ڪنهن به جماعت سان تعلق رکي هو سڀني لاءِ قابل احترام آهي.هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان عالمي سطح تي هڪ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ۽ جتي به امن جي قيام لاءِ پاڪستان جي ضرورت پوندي هو پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪندو.هن دعا ڪئي ته عالمي سطح تي جاري تڪرار جلد ختم ٿين ته جيئن دنيا ۾ امن ۽ استحڪام قائم ٿي سگهي.

بقايا 10 روزاني "عبرت"

شاهپور جو رهواسي 17 ورهين جو عبدالجبار ائڊ ولد الهڏنو ائڊ عرف پوڙهو فقير مائٽن سان عيد ملڻ لاءِ قاضي احمد وڃي رهيو هو ته قومي شاهراهه تي تيز رفتار ڪوچ جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي مقامي ماڻهن تعلقه اسپتال قاضي احمد منتقل ڪيو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو جنهن اطلاع تي سنڌس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو قاضي احمد پوليس ڪوچ کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو جڏهن ته واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي لاش جي پوسٽ مارٽم بعد مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو جنهن جي شاهپور قبرستان ۾ تدفين ڪئي وئي.

بقايا 11 روزاني "عبرت"

ڪائيو حادثي جو شڪار ٿي ويو، جنهن جو ملبو سڄي علائقي ۾ پکڙجي ويو، حادثي سبب فضائيه جا 6 اهلڪار ۽ پوليس آفيسر سميت 66 فوجي فوت ٿي ويا، جڏهن ته حڪومت جي سيڪريٽري ٻڌايو ته شروعاتي طور تي 33 فوتگين جي تصديق ٿي هئي، وڌيڪ فوتگيون علاج دوران ٿيون. هن چيو ته حادثي جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ جاري آهي. دفاع واري وزير پيڊرو سانچيز حادثي تي ڏک جو اظهار ڪندي چيو ته حادثي جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ وقت گهرجي جهاز ۾ 114 فوجي ۽ عملي جا 11 ميمبر سوار هئا. جيڪي پورٽوليگوزاموڪان ويجهي چوڪي طرف وڃي رهيا هيا.

بقايا 12 روزاني "عبرت"

پيپلز پارٽي سنڌ اسيمبلي ۾ اڪثريت ۾ آهي تيستائين سنڌ ۾ نئون صوبو ڪڏهن به نه ٺهندو. هن اهڙن خيالن جو اظهار ڪالهه ميروخان ۾ پيپلز پارٽي ضلع قمبر شهدادڪوٽ جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن کي خطاب ڪندي ڪيو. هن چيو ته آئين ۾ نئون صوبو ٺاهڻ جو طريقو موجود آهي ۽ آئين موجب نئين صوبي لاءِ لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي مان ٻه ٽهائي اڪثريت سان قرارداد جي منظوري لازمي آهي، جيستائين صوبائي اسيمبلي ۾ پاڻي ٽي جي اڪثريت سان اهڙي قرارداد منظور نه ڪندي تيستائين نئون صوبو ٺهي نٿو سگهي. نثار کهڙو چيو ته پيپلز پارٽي جي موجودگي ۾ سنڌ ۾ نئون صوبو ڪڏهن به نه ٺهندو ۽ جيڪڏهن ايم ڪيو ايم پاڪستان اهو سمجهي ٿي ته اهڙيون ڳالهيون ڪري پنهنجي وڃايل مقبوليت واپس حاصل ڪندي ته اها انهن جي ڀُل آهي.هن چيو ته سنڌ ۾ نئون صوبو ٺاهڻ جو مطالبو عوام ۾ نفرتون وڌائڻ جي سازش آهي جڏهن ته سنڌ جي عوام لسانيت ۽ فرقيواريت کي رد ڪري ٿي. نثار کهڙو چيو ته آر بي او ڊي ٿو جو منصوبو ٿي پيرا نظرثاني ٿيڻ بعد 62 ارب رپين تائين پهچي چڪو آهي ۽ 40 ارب رپيا خرچ ٿيڻ باوجود به منصوبي تي ڪم بند آهي.هن چيو ته آر بي او ڊي ٿو منصوبي تي 40 ارب رپيا خرچ ٿيڻ باوجود آبپاشي کاتي جو سيڪريٽري هن منصوبي کي نان فزيبل قرار ڏئي ان تي ڪم شروع ڪرائڻ لاءِ 200 ارب رپين جو نئون تخمينو ڏئي رهيو آهي. هن چيو ته آبپاشي کاتي وٽ آر بي او ڊي ٿو لاءِ 5 ارب رپين کان وڌيڪ رقم موجود آهي، تنهنڪري پبلڪ اڪائونٽس ڪاميٽي آبپاشي کاتي کي هدايت ڪئي آهي ته منصوبي تي ڪم شروع ڪيو وڃي جڏهن ته منصوبي لاءِ ڪنسلٽنٽ مقرر ڪرڻ لازمي آهي ۽ پي اي سي سنڌ جي چيف سيڪريٽري کي هدايتون ڏنيون آهن ته آر بي او ڊي منصوبي لاءِ ڪنسلٽنٽ مقرر ڪيو وڃي، ۽ ڪنسلٽنٽ مقرر ٿيڻ کان پوءِ ڪم شروع ٿيڻ گهرجي جو ته اهو منصوبو سنڌ لاءِ انتهائي اهم آهي.نثار کهڙو چيو ته پيپلز پارٽي مالي بجٽ جي پيش نظر 4 اپريل تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي جي موقعي تي ضلعي سطح تي دعائيه تقريبون منعقد ڪندي. هن چيو ته شهيد ڀٽو ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻايو ۽ شهيد بينظير ڀٽو ملڪ کي ميزائل ٽيڪنالاجي ڏني جنهن سبب پاڪستان ڏانهن ڪو به ٻري نظر سان نه ٿو ڏسي سگهي.هن چيو ته ايم ڪيو ايم پاڪستان پاران سنڌ ۾ بيروزگار ماڻهن کي نوڪريون ڏيڻ خلاف عدالت ۾ وڃڻ سبب ڀرتين ۾ دير ٿي پر عدالت مان اسٽي ختم ٿيڻ بعد سنڌ حڪومت سنڌ جاب پورٽل ذريعي ميرٽ تي نوڪريون ڏيڻ لاءِ مختلف کاتن ۾ اشتهار جاري ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن، ۽ ٽيسٽن بعد نوجوانن کي ميرٽ تي نوڪريون ملڻ شروع ٿينديون.هن چيو ته وفاقي حڪومت اڃا تائين سکر حيدرآباد موٽروي جي تعمير شروع نه ڪئي آهي تنهنڪري وفاق کان مطالبو ڪجي ٿو ته ان منصوبي تي فوري ڪم شروع ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته وفاقي حڪومت ڪراچي سرڪلر ريلوي منصوبي کي به سي پيڪ ۾ شامل ڪري.

بقايا 13 روزاني "عبرت"

مسلسل ڳولا بعد ڪالهه معصوم ٽينگر حسنين رند جو لاش اڙل واهه مان هٿ اچي ويو آهي ڄاڻايل سيوهڻ واسي ٽينگر 3 ڏينهن اڳ عيد جي ڏينهن گهمڻ لاءِ ٻيڙي تي چڙهيو هو ته ٻيڙي پل سان ٽڪرائجڻ سبب ٽينگر ٻيڙي تان هيٺ وهندڙ پاڻيءَ ۾ ڪري ٻڏي ويو هو جنهن کي مقامي انتظاميا توڙي ڊبل ون ڊبل ٽو جي ٽيم پاران مسلسل ڳولا ڪانپوءِ ٽينگر جو مڙهه هٿ ڪيو ويو آهي. ان بابت ڊبل ون ڊبل ٽو جي انچارج ولي محمد ٻڌايو ته اسان جي ٽيم مسلسل ٽن ڏينهن کان ٻڏي ويل ٽينگر جي ڳولا ٽوبن جي مدد سان ڪري رهي هئي جنهن بعد اڄ ٽينگر جو لاش مليو آهي ۽ لاش ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي. هٿ آيل ٽينگر جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو امڙ کي بيهوشي دورا پوڻ لڳا.

بقايا 14 روزاني "عبرت"

آهي. فوتي جي لاش کي رورل هيلٿ سينٽر آندو ويو جتي فوتي جي لاش ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي فوتي جو لاش سنڌس گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو آهي.

بقايا 15 روزاني "عبرت"

شريف ۽ ٻين ميمبرن پڻ موجود هئا. اجلاس دوران سنڌ کي انتظامي لحاظ کان درپيش مختلف چيلنجز مختلف جمهوري ماڊلن انتظامي انفرااسٽرڪچر ۽ ٻيا اهم موضوعات تي تفصيلي بحث ڪيو ويو. جاويد عالم اوڍو سنڌ پوليس جي اغراض و مقاصد، جديد ۽ عوام دوست پوليسنگ، امن و امان قائم رکڻ، ڪرائم روڪٿام ۽ پوليسنگ جي انفرااسٽرڪچر بابت تفصيلي روشني وڌي. هن عالمي سطح ۽ خاص طور برصغير ۾ پوليسنگ جي تاريخ، جدت، تقابلي جائزو ۽ مستقبل ۾ ٽيڪنالاجي بيسڊ پوليسنگ بابت پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي. آءِ جي سنڌ موجب سنڌ پوليس جو بنيادي مقصد جرائم جي روڪٿام ۽ امن و امان قائم رکڻ آهي، ۽ ٽيڪنالاجي بيسڊ جديد پوليسنگ مستقبل جو حل آهي. سنڌ پوليس اڳواٽ قدم کڻي ٽيڪنالاجي بيسڊ پولسنگ جي طرف وڌي رهي آهي، جنهن ۾ E-Challans ۽ Safe City Project جهڙيون جديد مثالون شامل آهن. هن چيو ته سنڌ پوليس جو ڪرائم ڊيٽيڪشن ريٽ ٻين عالمي شهرن کان وڌيڪ آهي. اجلاس ۾ ميمبرن آءِ جي سنڌ کان پولسنگ جي انتظامي ۽ آپريشنل معاملن بابت مختلف سوال پڇيا، جڏهن ته جرائم ۽ منشيات خلاف سنڌ پوليس جي قدمن کي ساراهيو ويو ۽ گڏيل ڪوششن ۽ تعاون جو عزم ظاهر ڪيو ويو. تقريب جي آخر ۾ جاويد عالم اوڍهو کي تعريفي سند ۽ اعزازي يادگاري شيلڊ پيش ڪئي وئي.

بقايا 16 روزاني "عبرت"

ڏيڻ هن ڏينهن جو بنيادي مقصد آهي. سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت ٽي بي جي خاتمي لاءِ پُرعزم آهي، ۽ عوام کي ڄاڻ ڏيڻ ۽ علاج فراهم ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. وزيراعليٰ سنڌ واضح ڪيو ته ٽي بي هڪ قابل علاج مرض آهي، جنهن لاءِ بروقت تشخيص ۽ علاج لازمي آهي. شهرين کي هدايت ڪئي وئي آهي ته ٽي بي جي علامتن ظاهر ٿيڻ تي فوري طور معائنو ڪرائين. سنڌ حڪومت طرفان مفت تشخيص ۽ علاج جون سهولتون موجود آهن، جن مان هر شهري فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو. سيد مراد علي شاهه زور ڏنو ته عوام ٽي بي خلاف آگاهي وڌائڻ ۾ پنهنجو حصو ڀرپور نموني ادا ڪن، جيئن هڪ صحت مند ۽ ٽي بي کان پاڪ سنڌ جو مقصد حاصل ڪري سگهجي.

بقايا 17 روزاني "عبرت"

واقع جي مڪمل جاچ لاءِ ڪمشنر ڪراچي کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ڇڏي آهي. سيد مراد علي شاهه چيو ته انساني جان جو ضياع انتهائي ڏک وارو آهي ۽ هن ڏک جي گهڙي ۾ متاثر خاندان سان گڏ آهي. وزيراعليٰ پنهنجي انتظاميا کي هدايت ڪئي آهي ته جان بحق ماڻهن جون ميتيون ضروري ڪاروائي کان پوءِ فوري طور ورثاءَ کي ڏنيون وڃن. سيد مراد علي شاهه شهرين کي پڻ اپيل ڪئي آهي ته اهڙن حادثن کان بچڻ لاءِ احتياطي تدابير اختيار ڪن. هن جان بحق ماڻهن جي مغفرت ۽ لواحقين لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي.

بقايا 18 روزاني "عبرت"

جنهن مان روز 460 بيرل تيل جي پيداوار حاصل ٿي رهي آهي. کوهه جي 2966 ميٽر اونهائي تائين ڊرلنگ مڪمل ڪئي وئي، جديد ٽيڪنالاجي سان 546 ميٽر سائيڊ ٽريڪ کوٽائي ڪئي وئي، نئين ڊرلنگ ٽيڪنڪ سان تقريبن ٿيڻ تي پيداوار حاصل ٿي آهي. منصوبي سان ملڪ ۾ تيل جي پيداوار ۾ واڌ ۽ توانائي ۾ بهتري ايندي.

بقايا 19 روزاني "عبرت"

۽ افسوس جو اظهار ڪيو. اڳواڻن شيري رحمان سان گڏ سندن خاوند سيد نديم حسين سان پڻ ملڻ دوران مرحوم جي وفات تي رنج ۽ ڏک جو اظهار ڪيو ۽ لواحقين کي صبر ۽ حوصلو ڏيڻ لاءِ پنهنجون دعائون پيش ڪيون. بلاول ڀٽو زرداري ۽ بي بي آصفه ڀٽو زرداري سان گڏ وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه، سعيد غني ۽ جميل سومرو پڻ موجود هئا، جن شيري رحمان ۽ نديم حسين سان رنج و غم جو اظهار ڪيو ۽ سندن ڏک ۾ شريڪ ٿيا. اڳواڻن ماروي خورشيد ملڪ جي روح جي بلند درجات لاءِ فاتحه خواني ڪئي، ۽ مرحوم جي لواحقين لاءِ صبر جميل ۽ حوصلي جي دعا ڪئي. هن ملاقات دوران سياسي ۽ ذاتي احساسن سان گڏ انساني پاسيداري جي جذبي کي اجاگر ڪيو ويو، ۽ مرحوم جي ياد ۾ احترام ۽ محبت جو اظهار ڪيو ويو. جيڪو خاندان لاءِ تسلي ۽ همدردي جو سبب بڻيو.

بقايا 20 روزاني "عبرت"

سي اي او طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. ترجمان موجب سيد ظفر ڪي اليڪٽرڪ جي چيف ڊسٽريبيوشن آفيسر طور پڻ ڪم ڪري چڪو آهي. هن کان اڳ مونس علوي اڳ ۾ ڪي-اليڪٽرڪ جي سي اي او طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هو هڪ عورت پاران هراسان ڪرڻ جي الزامن سبب هن پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. ذريعن موجب مونس علوي کي عهدي تان هٽايو ويو هو.

بقايا 21 روزاني "عبرت"

هائوس ۾ ملاقات ڪئي. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ۽ ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي سيد غلام مصطفيٰ شاهه گورنر سنڌ محمد نهال هاشمي کي عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. گورنر سنڌ محمد نهال هاشمي سردار اياز صادق ۽ سيد غلام مصطفيٰ شاهه کي سندن نيڪ خواهشن جو شڪريو ادا ڪيو. ملاقات ۾ ملڪ جي سياسي صورتحال ۽ پارلياماني معاملن تي تفصيل سان ڳالهيون ڪيون ويون. جمهوري ادارن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششن جي ضرورت تي اتفاق ڪيو ويو. گورنر سنڌ پارليامينٽ جي آئيني ڪردار جي بالادستي ۽ اهميت تي زور ڏنو.

بقايا 22 روزاني "عبرت"

29 مارچ تي سنڌ ۾ مينهن ۽ طوفان جي اڳڪٿي ڪئي آهي. ڪراچي، ٺٽو، بدين، حيدرآباد، سکر، دادو، ڪشمور، جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻو ضلعا متاثر ٿي سگهن ٿا. پي ڊي ايم اي PDMA جي ڊائريڪٽر جنرل سلمان شاهه عملي کي هدايت ڪئي آهي ته ضروري مشينري سان گڏ الرٽ رهن ته جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال کي فوري طور تي منهن ڏئي سگهجي. عملدارن خبردار ڪيو ته تيز هوائون ۽ ممڪن ڳڙي ڪمزور اڏاوتن ۽ سولر پينلز کي نقصان پهچائي سگهن ٿا. حڪومتي عملدارن اهو به چيو ته مختلف علائقن ۾ بيٺل فصلن کي نقصان پهچي سگهي ٿو ۽ گرمي پد ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي. شهري غير ضروري سفر کان پاسو ڪن جڏهن ته سياحن ۽ مسافرن کي احتياطي اپاءَ وٺڻ گهرجن. هارين کي چيو ويو آهي ته اهي پنهنجي فصلن جي حفاظت لاءِ اڳواٽ اپاءَ وٺن.

بقايا 23 روزاني "عبرت"

۾ شهر ڀر مان باصلاحيت رائيڊرن شرڪت ڪري پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. تقريب جو انعقاد ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر ملير سني پرويز جي نگراني ۾ ڪيو ويو، جتي نوجوان رائيڊرن جي جوش ۽ جذبي ناظرين کي تمام گهڻو محظوظ ڪيو. ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر سني پرويز چيو ته اهڙن اسپورٽس ايونٽن سان نوجوانن کي مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪيو ويندو آهي ۽ انهن ۾ نظم و ضبط، ٽيم ورڪ ۽ خود اعتمادي کي هٿي ملي ٿي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان ڊي جي موقعي تي هن ٽورناميٽ جو انعقاد قومي يڪجهتي ۽ نوجوانن جي حوصلا افزائي جو عڪاس آهي. ٽورنامينٽ جو مقصد پاڪستان ڊي کي رائيڊن، اتحاد ۽ نوجوانن جي حوصلا افزائي سان ملهائڻ آهي، جڏهن ته عوام جي وڏي انگ رائيڊرن جي حوصلا افزائي ڪئي.

بقايا 24 روزاني "عبرت"

لائن 1719 متعارف ڪرائي وئي آهي. هن هيلپ لائن ذريعي مشڪوڪ سرگرمين، دهشتگردي جي امڪاني خطرن ۽ دهشتگردي سان لاڳاپيل جاري واقعن بابت بروقت اطلاع ڏئي سگهبي. هن هيلپ لائن جو مقصد عوام، سرڪاري کاتن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن (LEAs) وچ ۾ هم آهنگي کي مضبوط بڻائڻ آهي، جيئن خطرن جي جلدي سڃاڻپ، معلومات جي ترت ڏي وٺ ۽ لاڳاپيل اختيارين طرفان تيز رفتار آپريشنل ردعمل کي ممڪن بڻائي سگهجي. عوام کي اپيل ڪئي وڃي ٿي ته هو ڪنهن به مشڪوڪ سرگرمي جي اطلاع ڏنل هيلپ لائن تي ڏين.

بقايا 25 روزاني "عبرت"

ويجهو ٽالي جي پٽ وٽان 50 سالن جي نامعلوم عورت جو لاش مليو آهي. ايڌي ايمبولينس جي ذريعي لاش قانوني ڪاروائي جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب واقعي بابت جاچ شروع ڪئي وئي آهي. پاڪستان بازار ٿاڻي جي حد اورنگي ٽائون نمبر 14 بڪشيا مسجد جي ويجهو گهر مان 37 سالن جي دانش ولد محمد بڙي جو ڦندو ٻڌل لاش مليو آهي. ايڌي ايمبولينس جي ذريعي لاش عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. منگهوپير جي علائقي ماهي ڳاڙهي ٽدي ۾ ويجهنڊي ٻڏي وڃڻ جي نتيجي ۾ نامعلوم عورت ۽ مرد ٻڏي فوت ٿي ويا آهن. فوتين جا لاش ڇيپا ايمبولينس جي ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن جڏهن ته آخري اطلاع تائين عورت ۽ مرد جي لاشن جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي. ڪورنگي جي علائقي جمعا ڪورنگي کان گودام چورنگي ويندي تيز رفتار واٽر ٽينڪر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار 25 سالن جو بلال فوت ٿي ويو آهي. جڏهن ته 15 سالن جو ساجد ولد عابد زخمي ٿي پيو. نادرن ٻاءِ پاس همدرد يونيورسٽي جي ويجهو تيز رفتار ٽرڪ جو رڪشي سان ٽڪر ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ رڪشي ۾ سوار 2 ڄڻا 25 سالن جو عمران ۽ 26 سالن جو سعد ٽڏي تي فوت ٿي ويا آهن. حادثي ۾ فوت ٿي ويل ٻنهي نوجوانن جا لاش قانوني ڪاروائي جي لاءِ ڇيپا ايمبولينس جي ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن.

بقايا 26 روزاني "عبرت"

آهي. ذريعن موجب، وفاقي سرڪار پيٽروليم شين تي 100 ارب رپين جي سبسڊي ڏئي چڪي آهي، جنهن مان سڄي ملڪ جو عوام لاڀ حاصل ڪري رهيو آهي، ان ڪري وزيراعظم صوبائي حڪومتن سان به سبسڊي ۾ حصو وجهڻ لاءِ ڳالهيون ڪري رهيو آهي. ذريعن موجب، وفاقي حڪومت پيٽروليم شين جي راشن بندي لاءِ ڊجيٽل نظام آڻي رهي آهي، حڪومت هڪ ايپ تيار ڪري رهي آهي جنهن کي پيٽروليم شين جا واهپيدار ڊائون لوڊ ڪري سگهندا ۽ هر شهري پنهنجي گاڏيءَ جو نمبر ۽ پنهنجو سڃاڻپ ڪارڊ نمبر لکرائي ايپ ۾ رجسٽريشن ڪرائيندو. ذريعن اهو به چوڻ هو ته حڪومت هر شهري جو سنڌس گهرج ۽ دستيابي موجب پيٽروليم ڪوٽا مقرر ڪندي، هر شهري کي ايپ ۾ طئي ٿيل ڪوٽا موجب روزانو پيٽرول يا ڊيزل ملي سگهندو ۽ ان سلسلي ۾ حڪومت گذريل مارچ کان هلندڙ مارچ تائين پيٽروليم شين جي استعمال جو تقابلي جائزو ورتو آهي. ذريعن موجب پيٽروليم شيون مهانگيون ٿيڻ باوجود استعمال ۾ گهٽتائي بدران واڌارو اچي رهيو آهي ۽ وزيراعظم پيٽروليم سبسڊي ۾ صوبن کي شامل ڪرڻ ۽ راشن بندي ايپ تي صدر کي اعتماد ۾ وٺندو.

بقايا 27 روزاني "عبرت"

ڇڏيو. ايراني ميڊيا موجب، محمد باقر ذوالقدر کي ايران جي سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جو نئون سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي. ان کان اڳ اهو اهم عهدو شهيد علي لاريجاني وٽ هو جيڪو 17 مارچ تي تهران ۾ ٿيل هڪ حملي ۾ شهيد ٿي ويو هو. محمد باقر ذوالقدر ماضي ۾ پاسداران انقلاب جي ڊپٽي ڪمانڊر ۽ ملڪ جي نائب گهرو وزير طور به خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي.

بقايا 28 روزاني "عبرت"

اسرائيلي فوج کي نشانو بڻايو ويو. ڏکڻ لبنان ۾ هڪ چوڪي تي اسرائيلي فوجين کي گائيڊڊ ميزائل ۽ سرحدي ڳوٺ ڪوزا ۾ سوپ ڊائون ميزائل ذريعي نشانو بڻايو ويو.

بقايا 29 روزاني "عبرت"

طرفان فراهم ڪيل قرضن جو ڳاڻيٽو 224 ارب روپيه رڪارڊ ڪيو ويو آهي، جيڪو 2025ع جي فيبروري جي ڀيٽ ۾ 12.1 سيڪڙو وڌيڪ آهي. گذريل سال فيبروري ۾ گهرن جي تعمير لاءِ بينڪن طرفان مجموعي طورتي 200 ارب روپين جو قرض فراهم ڪيو ويو هو. جنوري جي ڀيٽ ۾ فيبروري ۾ هائوس بلڊنگ لاءِ بينڪن طرفان فراهم ڪيل قرضن ۾ مهينوار بنيادن تي 0.8 سيڪڙو جي اوسر ٿي، جنوري ۾ هائوس بلڊنگ لاءِ بينڪن طرفان 222 ارب روپين جو قرض فراهم ڪيو ويو هو جيڪو فيبروري ۾ وڌي ڪري 224 ارب روپيه ٿي ويو.

بقايا 30 روزاني "عبرت"

تائين جنگ دوران 4 هزار 829 زخمين کي اسپتال آندو ويو آهي، جن مان 111 اڃا تائين علاج هيٺ آهن ۽ 12 ڄڻن جي حالت گنڀير جوڳي آهي.

بقايا 31 روزاني "عبرت"

۽ پنهنجي ڌرتي جي بچاءَ تي ڪٽل آهي". کانئس پڇيو ويو ته ڇا ٽار ملڪن تي حملن کانپوءِ ايران سان نارمل لاڳاپا اڃا به ممڪن آهن؟ جنهن جي جواب ۾ هن چيو ته " اسان پنهنجي جاگرافيائي بيهڪ تبديل نٿا ڪري سگهون". جڏهن ايران ۽ آمريڪا جي ڳالهين واري معاملي تي سندس چوڻ هو ته " انهن ڳالهين ۾ جيڪي شامل آهن، اهو سوال توهان انهن کان پڇو مان اڳ ئي چئي چڪو آهيان ته اسان ڳالهين واري عمل ۾ شامل ناهيون". ڊاڪٽر ماجد الانصاري وڌيڪ چيو ته خميس کانپوءِ هينئر تائين ايران قطر تي ڪو به ميزائل يا ڊرون حملو ناهي ڪيو. سندس چوڻ هو ته "گذريل ڀيري جڏهن مان هن پوڊيم تي بيٺو هوس، ان کان سست ٿي به حملا ٿيا هئا ۽ هاڻي به ايران اسان جي پاڙيسرين تي حملا ڪري رهيو آهي". ترجمان واضح ڪيو ته "اسان پنهنجو دفاع ڪيو آهي، قطر تي هينئر تائين 200 کان وڌيڪ ڊرون حملا ٿي چڪا آهن ۽ ردعمل ڏيڻ اسان جو حق آهي، پر اڃا تائين ان حوالي سان ڪو به فيصلو ناهي ڪيو ويو.

بقايا 32 روزاني "عبرت"

جي چيئرمين عبدالسميع خان چيو آهي ته ملڪ جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي، اهي هن وقت پيٽرول پمپ بند نه ڪري رهيا آهن. هن چيو آهي ته پيٽرول پمپ بند ڪرڻ جو فيصلو پيٽروليم ڊيلرز جي جنرل باڊي اجلاس ۾ بعد ۾ ڪيو ويندو. ان کان اڳ پيٽروليم ڊيلرز مارجن وڌائڻ لاءِ 26 مارچ کان پيٽرول پمپ بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو. عبدالسميع خان جو چوڻ آهي ته پيٽرول پمپن لاءِ موجوده مارجن تي ڪم ڪرڻ انتهائي ڏکيو ٿي ويو آهي.

بقايا 33 روزاني "عبرت"

سيد غلام مصطفيٰ شاهه ڪراچي ۾ سينيٽر شيري رحمان جي رهائشگاهه تي پهتا، جتي هن سندن ڌيءُ مرحوم ماروي خورشيد ملڪ جي لاڏاڻي تي فاتحه خواني ڪئي ۽ گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي مرحوم جي روح جي ايصالِ ثواب ۽ بلند درجن لاءِ دعا مغفرت گهري، ۽ چيو ته اڪيلو اولاد وڃائڻ وڏو صدمو هوندو آهي، جنهن جو ڏک بيان ڪرڻ لاءِ لفظ ناڪافي آهن. اسپيڪر سردار اياز صادق سينيٽر شيري رحمان سان ڳالهائيندي چيو ته هو سندن غم ۾ برابر جا شريڪ آهن ۽ دعا ڪئي ته الله تعاليٰ کين هن وڏي صدمي کي برداشت ڪرڻ لاءِ حوصلو ۽ صبر عطا فرمائي. ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه پڻ سينيٽر شيري رحمان سان تعزيت ڪئي ۽ مرحوم لاءِ بلند درجن ۽ مغفرت جي دعا ڪئي.

بقايا 34 روزاني "عبرت"

جاري مرمت ۽ سڌارن وارن ڪمن ۽ ملازمن جي حاضري جو تفصيلي جائزو ورتو. وڏي وزير سڀ کان پهرين نيو سيڪريٽريٽ پهتو جتي چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه موجود هو. وڏي وزير گرائونڊ فلور تي ٺهندڙ ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جو معائنو ڪيو ۽ هدايت ڪئي ته ان کي جديد ٽيڪنالاجي ۽ مؤثر نظام سان ليس ڪيو وڃي ته جيئن انتظامي معاملن کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي. ان کان پوءِ وڏي وزير تغلق هائوس جو دورو ڪيو ۽ اسڪول ايجوڪيشن، گهرو کاتي، ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن، مائنز اينڊ منرلز، چيف منسٽر انسپيڪشن ٽيم ۽ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ (پي اينڊ ڊي) کاتن جي آفيسن جو جائزو ورتو ان دوران هن سيڪريٽرين ۽ ٻين اعليٰ آفيسرن جي حاضري پڻ چيڪ ڪئي. وڏي وزير پي اينڊ ڊي کاتي جي نئين ٺهيل ڪاميٽي روم جو به معائنو ڪيو ۽ سهولتن تي اطمينان جو اظهار ڪيو. سيد مراد علي شاهه تغلق هائوس ۾ هلندڙ مرمتي ڪم جو پڻ جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته ڪم کي مقرر وقت اندر جلد مڪمل ڪيو وڃي. دوري دوران اٽڪل سمورا صوبائي سيڪريٽري سندن آفيسن ۾ موجود هئا، جڏهن ته ڪجهه آفيسرن جي غير حاضري تي وڏي وزير ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته غير حاضر آفيسرن کان ترت وضاحت ورتي وڃي. وڏي وزير مختلف کاتن ۾ ملازمن جي حاضري جو جائزو وٺندي سختي سان هدايت ڪئي ته عملي جي باقاعده موجودگي يقيني بڻائي وڃي. هن چيو ته سمورا کاتا عوامي مسئلن جي حل ۽ بهتر خدمتون مهيا ڪرڻ لاءِ مؤثر ۽ ذميواري سان ڪردار ادا ڪن. هن زور ڀريندي چيو ته ملازم پنهنجون ذميواريون ايمانداري ۽ پيشه ورانه انداز ۾ نڀائين، وقت تي آفيس پهچن ۽ سندن ڪم تي مڪمل ڌيان ڏنو وڃي. هن چيو ته جيتوڻيڪ ملڪ جي مجموعي صورتحال سبب آفيسن ۾ ملازمن جو انگ گهٽايو ويو آهي، پر ان کي غير حاضري جو بهانو نه بڻايو وڃي. وڏي وزير چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته ڊيوٽي تي موجود ملازمن جي حاضري کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 35 روزاني "عبرت"

ڳجهي اطلاع تي ڪاروائي ڪئي وئي، جنهن دوران هڪ منظم ٽولي کي گرفتار ڪيو ويو. گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ رميض، جهانگير، ولي خان، آٿوش، سلمان، وقاص، ناصر ياسين ۽ اعجاز طور ٿي آهي. پوليس جوابدارن جي قبضي مان 80 ڪلو کان وڌيڪ چوري ٿيل ڪاپر وائر به هٿ ڪري ورتيون آهن. شروعاتي جاچ موجب گرفتار ٽولو پاڪستان اسٽيل ملز مان اسڪريپ چوري جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث رهيو آهي.پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار چوري ٿيل اسڪريپ مختلف گودامن ۾ وڪرو ڪندا هئا، جنهن مان کين وڏو مالي فائدو حاصل ٿيندو هو. جوابدارن خلاف قانون موجب ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي.ملير پوليس موجب ڏوهارين خلاف ڪاروائين جو سلسلو جاري آهي.

بقايا 36 روزاني "عبرت"

شوروم ۾ فائرنگ ۾ هڪ شخص مارجي ويو واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ متوفي جي لاش کي قانوني ڪاروائي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو جڏهن ته پوليس واقعي واري هنڌ تان ثبوت گڏ ڪرڻ لاءِ ڪرائم سين يونٽ کي طلب ڪيو متوفي جي سڃاڻپ 35 سالن جي رانا محمد ثاقب پٽ صديق جي نالي سان ٿي. متوفي رانا ثاقب گارمنٽس جي شو روم ۾ مئنيجر طور ڪم ڪندو هو ۽ ميٽرڪ بورڊ آفيس جو رهواسي هو. ايس ايڇ او حيدري مارڪيٽ محمد عارف ميڊيا کي ٻڌايو ته متوفي رانا ثاقب گارمنٽس جي شوروم ۾ مقرر سيڪيورٽي گارڊ جي هٿيار سان پاڻ کي گولي هڻي خودڪشي ڪئي. گارمنٽس جي شوروم ۾ مقرر سيڪيورٽي گارڊ گذريل ڏينهن موڪل تي هو. ايس ايڇ او چيو ته شروعاتي جاچ موجب متوفي مالي پريشاني کان تنگ ٿي ڪري خودڪشي ڪئي.

بقايا 37 روزاني "عبرت"

پر اهڙي هلندڙ ڪم سبب سڄو شهر کنڊرات جو ڍيڪ ڏئي رهيو آهي ۽ عام شهري ۽ دڪاندار سخت پريشاني جو شڪار آهن ان سلسلي ۾ ساڌو پاڙي جي رهواسي وڪيل آغا دانيال پاران سول جج ۽ جوڊيشنل مئجسٽريٽ ڪوٽڙي جي عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي آهي جنهن ۾ اهڙي هلندڙ سست رفتار ڪم کان علاوا ڊگري گرلز ڪاليج ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۽ شهر ۾ غير قانوني قبضن ۽ اڏاوتن سبب روڊ بلاڪ رهڻ ۽ عوام کي درپيش پريشاني جي نشاندهي ڪئي آهي عدالت سڪوري ڊي سي ڄامشورو ايس ايس پي ايس ايڇ او ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن کان پهرين اپريل تي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي

بقايا 38 روزاني "عبرت"

ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي علي خورشيدي وڌيڪ چيو ته جڏهن جمهوريت جا ميوا ماڻهن تائين نه پهچي رهيا آهن، ته ماڻهو پڇن ٿا ته اسان اهڙي جمهوريت جو ڇا ڪريون؟ جيڪڏهن ڪنهن کي اسان جون ڳالهيون خراب لڳن ٿيون ته انهن کي ڪرڻ ڏيو. گذريل سال پري بجيٽ اجلاس نه ٿيو هو پر پيپلز پارٽي پاڻ کي جمهوري پارٽي سڏي ٿي. علي خورشيدي چيو ته جڏهن شهر ۾ ماڻهو ڊمپر تشدد جو شڪار ٿي رهيا هئا ته مسئلي کي لساني رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جڏهن ڊمپر تشدد جا واقعا وڌيا ته سنڌ حڪومت سڀني سياسي پارٽين کي فون ڪيو هو اسان هميشه مسئلن کي سياسي نه بڻايو آهي پر انهن کي حل ٻڌايو آهي. اسان ان وقت سنڌ حڪومت کي اهو به چيو هو ته اسان ڊمپر تشدد جي واقعن تي سنڌ حڪومت جي مڪمل حمايت ڪريون ٿا. هن چيو ته ڪراچي جا ماڻهو روزانو ڊمپر تشدد جو شڪار ٿي رهيا آهن، حڪومت اهڙن سانحن تي ڇو خاموش آهي؟ جڏهن توهان ڳالهايو ٿا ته اهي چون ٿا ته توهان سياست ڪري رهيا آهيو اسان ڪهاڻي کي اڳتي هلڻ نه ڏينداسين. عيد الفطر جي موقعي تي مينهن جي خبر پئي پر تياريون نه ڪيون ويون. ڪيترين ئي هنڌن تي شهري عيد گاهن ۾ عيد جي نماز ادا نه ڪري سگهيا. علي خورشيدي چيو ته بجيٽ جي موقعي تي سڀني سرڪاري ميمبرن کي فنڊ ڏنا ويا پر اسان کي نظرانداز ڪيو ويو، ڪراچي ۾ سرڪاري ميمبرن کي فنڊ به جاري ڪيا ويا. جيڪڏهن مان غلط آهيان ته پوءِ وڏي وزير جي تقرير ڪڍي ڏسو سنڌ اسيمبلي جو اجلاس سڏائي پري بجيٽ تي بحث ڪريو. هن چيو ته تحريڪ انصاف ۽ جماعت اسلامي ڪراچي تي سوديبازي ڪئي. گهڻين جي ذميواري شهرن تي آهي، جنهن جي اڳواڻي جماعت اسلامي ڪري رهي آهي. علي خورشيدي چيو ته وفاق چئي رهيو آهي ته ڪي- 4 تي ڪم ٿي رهيو آهي پر ڪم نه ٿي رهيو آهي. گل پلازا تي عدالتي ڪميشن ايم ڪيو ايم جي مطالبي تي قائم ڪئي وئي هئي. اهو ڪيئن ممڪن آهي ته گل پلازا ٻيهر باهه لڳي؟ هڪ سوال جي جواب ۾، علي خورشيدي چيو ته سياسي پارٽين جي قيادت سڀني لاءِ قابل احترام آهي. اهو سنو آهي ته خالد مقبول صديقي ۽ پاڪستان جي صدر سان ملاقات ڪن. ايم ڪيو ايم صدر جي حيثيت سان آصف علي زرداري سان ملاقات ڪئي هئي.

بقايا 39 روزاني "عبرت"

هن چيو ته عوام کي خبر آهي ته اهي ڪير هئا جن ٽن ڏهاڪن تائين ڪراچي کي مال غنيمت سمجهي برباد ڪيو. متحده قومي موومينٽ تي تنقيد ڪندي هن چيو ته هاڻي سندن ڪم صرف شور شرابو ۽ هَل ڳَل رهجي ويو آهي. گنهور خان اسران چيو ته سنڌ حڪومت صوبي ڀر ۾ جيڪي ترقياتي ڪم ڪري رهي آهي اهي ايم ڪيو ايم کي هضم نٿا ٿين، جڏهن ته ٻوڏ متاثرن لاءِ 21 لک مضبوط ۽ پڪا گهر ٺاهڻ تاريخي قدم آهي. هن چيو ته ڪراچي ۾ ڪيترائي ميگا پراجيڪٽس جاري آهن ۽ اربين رپين جا منصوبا عوام لاءِ شروع ڪيا ويا آهن، جڏهن ته حالتون اڳ وانگر ناهن رهيون جن تي ايم ڪيو ايم سياست ڪندي هئي. ترجمان سنڌ حڪومت چيو ته ايم ڪيو ايم هميشه پنهنجي ناڪامين کي لڪائڻ لاءِ ٻين تي الزام هڻڻ کي معمول بڻايو آهي، جڏهن ته ڪراچي جا ماڻهو ڄاڻن ٿا ته واقعن کي لساني رنگ ڪنهن ڏنو ۽ گاڏيون ڪنهن جي چوڻ تي ساڙيون ويون. هن وڌيڪ چيو ته حادثن کي روڪڻ لاءِ سنڌ حڪومت ڀرپور قدم کنيا آهن، جنهن سبب وڏي حد تائين گهٽتائي آئي آهي. گنهور خان اسران چيو ته K-4 منصوبو وفاق جو هو جنهن کي سنڌ حڪومت ٻيهر فعال ڪيو جڏهن ته ايم ڪيو ايم وفاق ۾ هجڻ باوجود ان معاملي تي ڪو ڪردار ادا نه ڪيو. هن چيو ته حڪومت بار بار اپيل ڪئي آهي ته گڏ ويهي ڪراچي ۽ عوام جا مسئلا حل ڪيا وڃن، پر ايم ڪيو ايم مسئلن جي حل بدران انهن تي سياست ڪرڻ چاهي ٿي. آخر ۾ هن چيو ته نئين سطح جو نظام، بلدياتي ادارا ۽ صوبائي انتظاميا مسئلن جي حل لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن، آرٽيڪل 140-A ۾ ترميم جي ضرورت ناهي، ۽ صرف سياسي الزام بازي سان عوام جا مسئلا حل نه ٿيندا.

بقايا 40 روزاني "عبرت"

وقاصي پنهنجي هڪ تفصيلي بيان ۾ شهر ۾ جاري ترقياتي قدمن، عوامي فلاحي منصوبن ۽ تازي تنقيد جو مدلل جواب ڏيندي چيو آهي ته سنڌ حڪومت ۽ بلدياتي قيادت شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات سرگرم آهي ۽ مثبت نتيجا جلد سامهون ايندا. ڪرم الله وقاصي چيو ته صدر آصف علي زرداري پاران عوامي ڀلائي وارن منصوبن جي رفتار تيز ڪرڻ جون واضح هدايتون جاري ڪيون ويون آهن، جن تي تيزي سان عمل ٿي رهيو آهي. هن چيو ته انهن هدايتن تحت شهري ڍانچي، روڊن جي بحالي، نيڪالي آب، پارڪن جي بهتري ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي منصوبن ۾ غير معمولي تيزي آندي وئي آهي. هن وڌيڪ چيو ته هي سال ترقياتي ڪمن جو سال آهي ۽ هن سال ميئر ڪراچي جي نگراني هيٺ 75 ارب رپيا ڪراچي جي ترقياتي ڪمن تي خرچ ڪيا ويندا. ايندڙ مهينن ۾ انهن منصوبن جا واضح ۽ مثبت اثر عوام کي نظر ايندا. جنهن سان شهر جي مجموعي صورتحال ۾ بهتري ايندي ۽ شهرين جي زندگي جو معيار بهتر ٿيندو. هن چيو ته غير معمولي ۽ طوفاني برساتن ۽ اوچتين آفتن سبب جاني نقصان ٿيو پر عيد جي موڪلن باوجود ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (KMC) جو عملو مڪمل ذميواري سان شهرين کي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ مصروف رهيو. عيد جي ڏينهن به عظيم پوره فلائي اوور جهڙن منصوبن تي بنا رڪاوٽ ڪم جاري رهيو. هن ٻڌايو ته ميئر ڪراچي جي قيادت ۾ سڀ لاڳاپيل کاتا سرگرم رهيا، صفائي، سٿرائي، روڊن جي ڌوئڻ ۽ عوامي هنڌن جي صفائي جا خاص قدم کنيا ويا. ميئر ڪراچي پاڻ به موقعي تي موجود رهيو ۽ مختلف علائقن جو دورو ڪري صورتحال جي نگراني ڪندو رهيو. جڏهن ته سڄي ٽيم ڏينهن رات ڪم ڪري شهرين کي هر ممڪن رليف فراهم ڪيو. ڪرم الله وقاصي چيو ته اهو تاثر غلط آهي ته موڪلن دوران ڪم بند ٿي وڃي ٿو حقيقت ۾ بلدياتي عملو عيد جهڙن موقعن تي وڌيڪ ذميواري سان ڪم ڪندو آهي. هن چيو ته ڪراچي جي شهرين کي صاف پاڻي جي فراهمي سنڌ حڪومت ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اولين ترجيح آهي. وزيراعليٰ سنڌ مراد علي شاهه جي هدايتن موجب ڪي-فور واٽر سپلائي منصوبي سميت ٻين اهم منصوبن تي تيزي سان ڪم جاري آهي، جڏهن ته پاڻي جي فراهمي بهتر بڻائڻ لاءِ نيون اسڪيمون به متعارف ڪرايون پيون وڃن. هن وڌيڪ چيو ته پراڻي ۽ بوسيده نظام جي بهتري، لائنن جي مرمت، غير قانوني ڪنيڪشنن جي خاتمي ۽ پاڻي جي منصفاڻي ورهاست لاءِ جامع حڪمت عملي تي عمل جاري آهي ته جيئن هر شهري کي سندس حق ملي سگهي. ڪرم الله وقاصي ڪريم آباد مينا بازار جي نئين سروس روڊن تي برسات سبب ٿيندڙ نقصان بابت تنقيد کي بي بنياد قرار ڏيندي چيو ته ڪجهه عنصر حقيقت ڄاڻڻ کانسواءِ منفي پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن. هن چيو ته تازين غير معمولي برساتن سبب عارضي مسئلا پيدا ٿيا، جن کي حل ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ادارا سرگرم آهن. هن چيو ته جماعت اسلامي جا حامي ۽ ڪجهه سوشل ميڊيا ناقد ڄاڻي واڻي صورتحال کي وڌائي پيش ڪري رهيا آهن ته جيئن عوام کي گمراهه ڪيو وڃي، جڏهن ته زميني حقيقتون ان جي ابتڙ آهن. هن يقين ڏياريو ته تعميراتي معيار تي ڪو به سمجهوتو ناهي ڪيو ويو ۽ جتي بهتري جي ضرورت هوندي، اتي فوري قدم کنيا ويندا. جماعت اسلامي ڪراچي جي امير جي الزامن تي ردعمل ڏيندي ڪرم الله وقاصي چيو ته جماعت اسلامي دراصل ڪراچي جي ترقي جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي. هن چيو ته ميئر ڪراچي تي تنقيد ڪري جماعت اسلامي پنهنجي بدترين ڪارڪردگي ۽ سياسي ناڪامي لڪائڻ نٿي سگهي. هن چيو ته 3360 ارب رپين جا بي بنياد الزام صرف سياسي پوائنٽ اسڪورنگ آهن، جن جو حقيقت سان ڪو تعلق ناهي. هن جماعت اسلامي کي چيلينج ڪيو ته هو پنهنجي دور ۾ مليل فنڊن جون مڪمل تفصيلون عوام اڳيان پيش ڪري. هن وڌيڪ چيو ته جماعت اسلامي کي فنڊن جي کوٽ جو رڙ ڪرڻ بدران اهو ٻڌائڻ گهرجي ته روڊ ڪٽنگ جي مد ۾ حاصل ڪيل ڪروڙين رپيا ڪٿي خرچ ڪيا ويا. عوام جو پئسو فلاحي ڪمن بدران ذاتي تشهير بينرن، اشتهارن ۽ منفي پروپيگنڊا تي خرچ ڪيو ويو، جنهن سبب اڄ انهن کي ڪوڙين ۽ بي بنياد پريس ڪانفرنس جو سهارو وٺڻو پئجي رهيو آهي. آخر ۾ ڪرم الله وقاصي چيو ته ڪراچي جا ماڻهو باشعور آهن ۽ اهڙن سياسي بيانن سان گمراهه نه ٿيندا. پاڪستان پيپلز پارٽي عملي ڪم تي يقين رکي ٿي ۽ شهر جي بهتري لاءِ قدم جاري رکندي، جڏهن ته مخالف صرف الزامن ۽ پروپيگنڊا تائين محدود آهن. هن عزم جو اعادو ڪيو ته ڪراچي جي ترقي، بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ شهري مسئلن جي حل لاءِ سڀ وسيلا استعمال ڪيا ويندا ۽ ڪنهن به منفي مهم کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو.

بقايا 41 روزاني "عبرت"

مجموعي طور تي 569 ڪمپنين جي شيئرز جي ليتي ڏيتي ٿي، 277 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ اضافو 141 جي قيمتن ۾ گهٽتائي ۽ 151 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ استحڪام رهيو. ڪاروباري سرگرمين دوران 375.34 ملين شيئرز جي ليتي ڏيتي ٿي جنهن جي ماليت 22.97 ارب رپيا هئي، ڪي ايس اي 30 انڊيڪس 472.91 پوائنٽس جي اضافي کانپوءِ 46696.52 پوائنٽس ۽ ڪي ايم آءِ 30 انڊيڪس 3161.96 پوائنٽس جي اضافي کانپوءِ 222292.88 پوائنٽس تي بند ٿيو فيوچر ٽريڊ جي تحت 9.74 ارب رپين جي ليتي ڏيتي ٿي، گذريل ڏينهن کي اليڪٽرڪ جي 35830953 شيئرز يونٽي فوڊز ليميٽڊ 31582874 شيئرز ۽ بئنڪ آف پنجاب جي 24517649 شيئرز جي ليتي ڏيتي ٿي، مجلز فروٽ فارمز ليميٽڊ، ڪالوني ٽيڪسٽائل ملز ۽ فرسٽ النور مضاربه سرفهرست ايڊوانسر ڪمپنيون رهيون.

بقايا 42 روزاني "عبرت"

جائزو ورتو ويو. چيف سيڪريٽري سنڌ سڀني انتظاميه کي هاءِ الرٽ رهڻ جي هدايت ڪندي چيو ته ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ قدم يقيني بڻايا وڃن. هن سڀني ڪمشنرن، ڊپٽي ڪمشنرن ۽ اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته هو فيلڊ ۾ موجود رهن ۽ صورتحال جي لڳاتار نگراني ڪن ته جيئن عوامي مسئلن جو فوري حل ممڪن بڻائي سگهجي. هن واضح ڪيو ته ان دوران عوامي سهولت ۽ فيلڊ ۾ موجودگي کي اولين ترجيح ڏني وڃي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته موسميات کاتي برسات جي نئين اسپيل جي اڳڪٿي ڪئي آهي، جنهن کي نظر ۾ رکندي چيف سيڪريٽري سنڌ پي ڊي ايم اي کي فوري ايڊوائزري جاري ڪرڻ ۽ سڀني لاڳاپيل ادارن سان مؤثر رابطي ۾ رهڻ جي هدايت ڪئي. هن ضلعي انتظاميه ۽ مقامي ادارن کي مڪمل طور سرگرم ٿيڻ ۽ فيلڊ ۾ رهي عوامي خدمت کي يقيني بڻائڻ جو حڪم ڏنو. چيف سيڪريٽري سنڌ پاڻي جي نيڪال جي مؤثر انتظام تي زور ڏيندي هدايت ڪئي ته سڀ ضروري مشينري جي دستيابي ۽ فعاليت کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن ڪنهن به امڪاني شهري ٻوڏ ۽ پاڻي گڏ ٿيڻ واري صورتحال کان بچي سگهجي. هن ٽريفڪ جي رواني برقرار رکڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن کي هنگامي قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي ته جيئن شهرين کي ڪنهن به قسم جي تڪليف پيش نه اچي. برسات ۽ تيز هوائن کي نظر ۾ رکندي خطري وارن بل بورڊن ۽ ٻين غير محفوظ ڍانچن خلاف فوري ڪارروائي جي به هدايت جاري ڪئي وئي. چيف سيڪريٽري سنڌ هدايت ڏني ته عوام کي امڪاني صورتحال بابت آگاهي ڏيڻ لاءِ مؤثر مهم هلائي وڃي ته جيئن شهري احتياطي تدبيرون اختيار ڪري سگهن. آخر ۾ هن سڀني ادارن کي هدايت ڪئي ته اڳواٽ قدم مڪمل ڪري مڪمل تياري يقيني بڻائي وڃي ۽ ڪنهن به هنگامي صورتحال کي بروقت ۽ مربوط انداز ۾ منهن ڏنو وڃي ته جيئن عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻائي سگهجي. صوبائي ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي پاران ايڊوائزري جاري پرووئنشل ڊيزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي (PDMA) سنڌ پوري صوبي ۾ برسات ۽ تيز هوائن بابت الرٽ جاري ڪندي اختيارين ۽ عوام کي احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. اختيارين موجب پاڪستان موسميات کاتي سنڌ ۾ 25 ۽ 26 مارچ سان گڏ 28 ۽ 29 مارچ تي برسات ۽ گرج چمڪ جي اڳڪٿي ڪئي آهي. پي ڊي ايم اي PDMA ڊائريڪٽر جنرل سلمان شاهه چيو ته ڪراچي، ٺٽو، بدين، حيدرآباد، سکر، دادو، ڪشمور، جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻو ضلع متاثر ٿي سگهن ٿا. PDMA پنهنجي عملي کي هدايت ڪئي آهي ته ضروري مشينري سان گڏ الرٽ تي رهن ته جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال کي فوري طور منهن ڏئي سگهجي. اختيارين خبردار ڪيو آهي ته تيز هوائون ۽ ممڪن ڳڙا ڪمزور ڍانچن ۽ سولر پينلن کي نقصان پهچائي سگهن ٿيون. هنن اهو به چيو ته مختلف علائقن ۾ بيٺل فصلن کي نقصان پهچي سگهي ٿو ۽ گرمي پد ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي. شهرين کي غير ضروري سفر کان پاسو ڪرڻ جي صلاح ڏني وئي آهي، جڏهن ته سياحن ۽ مسافرن کي احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ گهرجن. هارين کي چيو ويو آهي ته پنهنجي فصلن جي تحفظ لاءِ اڳواٽ قدم کڻن. PDMA وڌيڪ چيو ته سڀني ڊپٽي ڪمشنرن ۽ لاڳاپيل کاتن کي هاءِ الرٽ رهڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. وزير اعليٰ سنڌ جي بحالي بابت صلاحڪار گيان چند ايسراڻي جي هدايتن موجب، هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ انتظام يقيني بڻايا ويا آهن.

بقايا 43 روزاني "عبرت"

فوج زنده باد موومينٽ تنظيم طرفان شهر جي لاهوري ريگوليٽر وٽان بئنر ۽ قومي جهنڊا کڻي ريلي ڪڍي وئي، جيڪا مختلف روڊن ۽ رستن تان ٿيندي پريس ڪلب اڳيان پهتي، جتي ريليءَ ۾ شريڪ ماڻهن طرفان پاڪ فوج جي حق ۾ زوردار نعرا هنيا ويا. ان موقعي تي مرڪزي چيئرمين خليل جعفري، آغا نذير ٿهيم، منور چانڊيو ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته 23 مارچ پاڪستان جي تاريخ جو اهم ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن مسلمانن لاءِ هڪ الڳ وطن جو بنياد رکيو ويو، اسان جي بزرگن جي اڻٿڪ جدوجهد سان 1947ع ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو. هنن چيو ته پاڪ فوج ملڪ جي سلامتي، خودمختياري ۽ دفاع جي ضامن آهي، سڄي قوم پنهنجي بهادر فوج سان گڏ بيٺل آهي، موجوده حالتن ۾ قومي يڪجهتي وقت جي اهم ضرورت آهي، سمورن شهرين کي گهرجي ته ملڪ جي استحڪام ۽ ترقي لاءِ گڏجي ڪردار ادا ڪن. ريلي جي آخر ۾ ملڪ جي سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ دعائون پڻ گهريون ويون. هوڏانهن گورنمينٽ پائليٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ گسٽا يونٽ طرفان تقريب ڪوٺائي پاڪستان جو قومي جهنڊو ڦڙڪائڻ بعد ڪيڪ ڪاٽي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو. تقريب ۾ گسٽا تعلقي لاڙڪاڻي جي جنرل سيڪريٽري دلدار علي چانڊيو، ممتاز علي شاهاڻي، سڌير احمد شيخ، محمد عمر دايو، خالد حسين ڀٽو، جاويد سامٽيو، اسد پرڙو ۽ ٻين استادن شرڪت ڪئي، جن جو چوڻ هو ته اسان پاڪستان جي هر شهري کي يوم پاڪستان جون واڌايون پيش ڪيون ٿا گڏوگڏ پاڪ فوج جي لازوال قربانين ۽ سرحدي دفاع ڪرڻ تي خراج تحسين پيش ڪيون ٿا، اسان پنهنجي فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هر حال ۾ گڏ آهيون ۽ دشمن جون ميريون اکيون ڪڍڻ لاءِ تيار آهيون.

بقايا 44 روزاني "عبرت"

پيش آيو جڏهن موٽر سائيڪل سوار پنهنجي رستي تان گذري رهيا هئا ته اوچتو هڪ بي قابو ڪوسٽر کين زوردار ٽڪر هنيو. ٽڪر ايترو شديد هئو جو ٻنهي ڄڻن ٽڏي تي ئي دم ڏنو اطلاع ملڻ تي امدادي ٽيمون فوري طور واقعي واري هنڌ پهتيون ۽ فوت ٿيلن جا لاش ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال ڪراچي منتقل ڪيا ويا. پوليس موجب فوت ٿيلن جي سڃاڻپ 25 سالن جو لعل ولد ارمڪا ۽ 27 سالن جو گوپي ولد سيتل طور ٿي آهي. شروعاتي ڄاڻ موجب ٻئي محنتي مزدور هئا ۽ پنهنجي ڪم لاءِ وڃي رهيا هئا.حادثي بعد ڪوسٽر جو ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو.جڏهن ته پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. حادثي ۾ فوت ٿي ويل نوجوان پاڻ ۾ دوست هئا ۽ اورنگي فيڪٽري ۾ صفائي سٿرائي جو ڪم ڪندا هئا. فوت ويل نوجوان قائد آباد جا رهواسي ٻڌايا پيا وڃن ۽ سندن اباڻو تعلق ٽنڊو الهيار سان آهي. لعل چند غير شادي شدا هو جڏهن ته گوپي 2 ٻارن جو پيءُ ٻڌايو پيو وڃي. علائقي واسين هن افسوسناڪ حادثي تي سخت ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته ٽريفڪ قانونن تي سختي سان عمل ڪرائڻ سان گڏ لاپرواهه ڊرائيورن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي.

بقايا 45 روزاني "عبرت"

منعقد ڪئي وئي، جنهن دوران قومي پرچم ڦڙڪايو ويو جڏهن ته ڊي سي آفيس کان ڊي سي چوڪ تائين هڪ پرجوش ريلي پڻ ڪڍي وئي، جنهن ۾ آفيسرن، ملازمن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته 23 مارچ پاڪستان جي تاريخ جو هڪ اهم سنگ ميل آهي، جڏهن 1940ع ۾ قرارداد لاهور وسيلي برصغير جي مسلمانن لاءِ هڪ آزاد ۽ خودمختيار وطن جي بنياد وڌي وئي. هن چيو ته هي ڏينهن اسان کي پنهنجي وڏڙن جي بي مثال جدوجهد، قربانين ۽ عزم جي ياد ڏياري ٿو هن وڌيڪ چيو ته پاڪ فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ملڪ جي دفاع ۽ سلامتي لاءِ جيڪي لازوال قربانيون ڏنيون آهن، سي قوم لاءِ فخر جو باعث آهن ۽ هميشه ياد رکيون وينديون. هن زور ڏنو ته هر شهري جو فرض آهي ته هو ملڪ جي ترقي، امن ۽ استحڪام لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري، ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته يوم پاڪستان اسان کي قائداعظم جي ڏنل اصولن "اتحاد، ايمان ۽ تنظيم" تي عمل ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو ۽ انهن اصولن تي عمل پيرا ٿي ئي ملڪ کي مضبوط ۽ خوشحال بڻائي سگهجي ٿو تقريب ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٿو ڊاڪٽر عدنان منير تنيو، اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي حسنين رضا ميمڻ، اسسٽنٽ ڪمشنر مانجهند اسد ڪريم سومرو، ايس ايس ڊي ايڇ ڪيو ڪوٽڙي ڊاڪٽر برڪت علي لغاري، ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر امير ڪولاچي سميت تعليم، صحت، لائيو اسٽاڪ، روينيو ميونسپل ۽ ٻين کاتن جي آفيسرن ۽ ٻين معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جي آخر ۾ ملڪ جي سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون پڻ گهريون ويون.

بقايا 46 روزاني "عبرت"

وهنجڻ دوران وهندڙ واٽر ڪورس ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو ٽينگر جي ٻڏڻ جي اطلاع تي وارثن ۽ ڳوٺاڻن جي ڪافي ڳولا بعد مقامي ٽوبن جي مدد سان ٽينگر جي لاش کي ٻاهر ڪڍي تعلقه اسپتال جمڙ ٿيو ويو جتي ڊاڪٽرن ٽينگر جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي جنهن بعد لاش کي وارثن حوالي ڪيو ويو ٻئي طرف ٽينگر جي فوت ٿيڻ جو ٻڌي ڳوٺ ۾ سوڳ ڇانئجي ويو آهي

بقايا 47 روزاني "عبرت"

اهم اداري جا اهلڪار سڏائي ڪار جو پيڇو ڪندڙ نامعلوم ماڻهن خلاف ڪاروائي نه ٿي ٻڌايو وڃي ٿو ته اسلام کان ڪار ۾ سوار ٿي ماتلي اچي رهيا هئا ته ايوب اسٽاپ وٽ هڪ نامعلوم ڪار سندن پيڇو ڪيو جنهن ڪري فيملي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو ۽ آخرڪار انهي ڪار فيملي بارڻ پوليس چيڪ تي پهچي جتي عامر قائمخاني پاران اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو جنهن بعد ڪار سوار به پهچي ويا جن پاڻ کي ڪنهن خفيه اداري جا اهلڪار ظاهر ڪيو جنهن بعد ڪار سوار واپس هليا ويا. اهڙو اطلاع متاثر خاندان پاران ٽنڊو محمد خان پوليس ۽ اختيارين کي ڏنو.

بقايا 48 روزاني "عبرت"

ردعمل ڏيندي چيو آهي ته اپوزيشن ليڊر جي ڳالهه ٻولهه حقيقتن کان خالي ۽ رڳو سياسي پوائنٽ اسڪورنگ تي ٻڌل آهي. هن چيو ته اپوزيشن ليڊر سنڌ جي ترقي ڏسي بوکلاهٽ جو شڪار ٿي چڪا آهن، جڏهن ته ڪراچي جي مسئلن جو راڳ الاپيندڙ ڀهريان اهو ٻڌائين ته پنهنجي دور ۾ هنن شهر لاءِ ڇا ڪيو؟ سيد ذوالفقار علي شاهه چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه سنڌ جي ثقافت ۽ عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي، ۽ اپوزيشن ليڊر کي گهرجي ته تنقيد بدران تعميري سياست تي ڌيان ڏين. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن، جن جو اعتراف عالمي ادارا پڻ ڪري رهيا آهن. جڏهن ته اپوزيشن ليڊر جون ڳالهيون صرف ٽي وي اسڪرين تائين محدود آهن ۽ زميني حقيقتن سان ڪو واسطو ناهن. سيد ذوالفقار علي شاهه چيو ته ڪراچي جا ماڻهو چڱي ريت ڄاڻن ٿا ته ڪير سندن خدمت ڪري رهيو آهي ۽ ڪير رڳو نعرا هڻي رهيو آهي، جڏهن ته سنڌ جي ثقافت ۽ سڃاڻپ تي حملا ڪندڙن کي عوام رد ڪري چڪا آهن. هن چيو ته اپوزيشن ليڊر منفي سياست ذريعي پنهنجون ناڪاميون لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، جڏهن ته سيد مراد علي شاهه جي قيادت ۾ سنڌ خوشحالي جي راهه تي گامزن آهي.

بقايا 49 روزاني "عبرت"

ويو ملير ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ عورتن جي هاسٽل ۽ ڊي ڪيئر سينٽر جي قيام تي اتفاق. سالياني ترقياتي پروگرام ۾ ڪم ڪندڙ عورتن جي هاسٽل ۽ ڊي ڪيئر سينٽر جي اسڪيم کي شامل ڪرڻ جي سفارش تي پڻ بحث ڪيو ويو شاهينا شير علي چيو آهي ته عورتن ۽ ٻارن کي محفوظ رهائش ۽ بهتر سار سنڀال جون سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي، منظوري کان پوءِ جلد ئي اسڪيم تي عملي قدم شروع ڪيا ويندا، خاص مددگار محمد سليم بلوچ صوبائي وزير عورتن جي ترقي سنڌ شاهينه شير علي کي عمري جي سعادت تي مبارڪباد پڻ ڏني.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

ايران-امريڪا ڇڪتاڻ ۽ پاڪستان جي ٽياڪڙيءَ جو امتحان!
صفحو 4

جنيد احمد
صفحو 4
مسلم دنيا جي واحد ايٽمي طاقت طور پاڪستان جو ڪردار!

بجلي واري شعبي ۾ سڌارا...
شاهد ڪاردار
صفحو 4

مجيد اصغر
صفحو 4
پروپيگنڊا ۽ حقيقت!

ميرپورخاص تعلقي ٽالهي جي حد ڳوٺ عيسىٰ خان موري مان 14 ورهين جي نينگري مبينه اغوا

ڳوٺ عيسىٰ خان موري واسي ڏيارام ڪولهي جو پنهنجي گهرواري ميران سان گڏ نياڻي جي اغوا خلاف احتجاج

ٻه ڏينهن پهريان علائقي جا اوباش 14 سالن جي نياڻي کي هٿيارن جي زور تي زوري اغوا ڪري ويا آهن: ڏيارام ڪولهي

نياڻي جي اغوا بعد اسان جي گهر ۾ ڪهرام مچيل آهي، خدشو آهي ته نياڻي سان زيادتي بعد ڪيس وڪرو ڪيو ويندو

ميرپورخاص ڳوٺ عيسىٰ خان موري مان 14 ورهين جي نينگري اغوا خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) ٻه ڏينهن پهريان علائقي جا اوباش 14 سالن جي نياڻي کي هٿيارن جي زور تي زوري اغوا ڪري ويا آهن اهڙو اظهار تعلقي ٽالهي جي حد ڳوٺ عيسىٰ خان موري واسي ڏيارام ڪولهي پنهنجي گهرواري ميران سان گڏ ميرپورخاص پهچي صحافين اڳيان دانهيندي ڪيو هنن وڌيڪ چيو ته اسان جي 14 سالن جي نابالغ نياڻي پريمي ڪولهڻ گهر پرسان واڙ تي ڪپڙا ڌوئڻ وئي جتي علائقي جا اوباش پريم چند ڪولهي والجي ڪرمڻ ۽ سيگهو ڪولهي ڪيس هٿيارن جي زور نياڻي کي زوري اغوا ڪرڻ بعد ڪار ۾ ويهاري فرار ٿي ويا اسان پاران اهڙي شڪايت حد جي ٿاڻي تي ڏيڻ باوجود پوليس اڃا تائين نياڻي کي بازياب نه ڪرايو آهي هنن چيو ته خدشو آهي ته نياڻي سان زيادتي بعد ڪيس وڪرو ڪيو ويندو نياڻي جي اغوا بعد اسان جي گهر ۾ ڪهرام مچيل آهي مجبور والدين واسطيدار اختيارين کان پر زور مطالبو ڪندي چيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي جاچ ڪرائي ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري نياڻي کي فوري طور بازياب ڪرايو وڃي

پ پ اڳواڻ رئيس لکي محمد رند جي امداد پتافي سان ملاقات

امداد خان پتافي کي عمره جي ادائيگي سنڌ جي ثقافتي لنگي اوڍائي مبارڪباد ڏني

پ پ ايم پي اي امداد خان پتافي پنهنجي تڪ ۾ رڪارڊ ڪم ڪرايا آهن: لکي محمد رند

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) پ پ ضلع ٽنڊوالهيار جي سينئر اڳواڻ رئيس لکي محمد رند پتافي هائوس پهچي پ پ ايم پي اي امداد خان پتافي کي عمره جي ادائيگي سنڌ جي ثقافتي لنگي اوڍائي مبارڪباد ڏني ان موقعي تي ٻنهي اڳواڻن ۾ تفصيلي ملاقات ٿي جنهن ۾ تڪ اندر جاري ترقياتي ڪمن بابت ڳالهه ٻولهه ٿي ان حوالي سان پ پ ضلع ٽنڊوالهيار جي سينئر اڳواڻ رئيس لکي محمد رند جو چوڻ آهي ته امداد خان پتافي پنهنجي تڪ ۾ رڪارڊ ڪم ڪرايا آهن عوام جو همدرد ايم پي اي آهي. ڪيس عوامي اهنجن کي ڏور ڪرڻ جو اونو هوندو آهي

حيدرآباد پ پ اڳواڻ رئيس لکي محمد رند ايم پي اي امداد پتافي کي عمره جي مبارڪباد ڏيندي

ٽنڊوڄام ۾ بلديه حيدرآباد جي رٽائرڊ ملازمن جو پينشن جي بندش خلاف احتجاج جاري

رٽائرڊ ملازمن جاري احتجاج دوران ڪمشنر بلديه حيدرآباد ظهور لکڻ کي هٽائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ڪمشنر بلديه ظهور لکڻ ميئر حيدرآباد کي گمراهه ڪري رٽائر ملازمن جي پينشن بند ڪرائي آهي: آچر ڪاتيار

گذريل پنجن مهينن کان پينشن بند هئڻ سبب بلديه جي 740 رٽائرڊ ملازمن جي گهرن ۾ فاقه ڪشي جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي

ٽنڊوڄام بلديه حيدرآباد جي رٽائرڊ ملازم پينشن بندش خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

ٽنڊوڄام (ت.ر) بلديه حيدرآباد جي رٽائرڊ ملازمن پينشن جي بندش خلاف جاري احتجاج دوران ڪمشنر بلديه حيدرآباد ظهور لکڻ کي هٽائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته رٽائرڊ ملازمن جي پينشن بند ڪرڻ جو ذميوار ڪمشنر ظهور لکڻ آهي جنهن ميئر حيدرآباد کي گمراهه ڪري پينشن بند ڪرائي هنن چيو ته ڪمشنر جي ڪرپشن سبب ادارو تباهي جي ڪناري تي پهچي چڪو آهي رٽائرڊ ملازمن پاران پينشن جي بحالي لاءِ احتجاج اوليهين ڏينهن به جاري رهيو رٽائرڊ مرد ۽ عورت پينشنرن آچر ڪاتيار قاسر منگرائي شرافت راجپوت، پروين مسيح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ميئر ۽ ڪمشنر حيدرآباد خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي. احتجاج ڪندڙن موجب گذريل پنجن مهينن کان پينشن بند هئڻ سبب بلديه جي 740 رٽائرڊ ملازمن جي گهرن ۾ فاقه ڪشي جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي هنن مطالبو ڪيو ته ڪمشنر ظهور لکڻ کي فوري طور هٽائي ۽ پينشن بحال ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو رخ تبديل ڪيو ويندو

سڪرنڊ لڳ حاجي شير محمد مگسي ۾ واٽر فلٽر پلانٽ لڳايو ويو

پاڻي ٻاڙو ٿيڻ ڪري ڳوٺ ۾ ڪيترين بيمارين جنم ورتي چڪيون هيون: آفتاب مگسي

شاہان شاهه پاران ڳوٺاڻن سان ڪيل واعدي تي سيد غلام مصطفىٰ شاهه پاران واٽر پلانٽ ڏنو ويو

سڪرنڊ (ن ع) ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي سيد غلام مصطفىٰ شاهه جي اسڪيم تحت سڪرنڊ لڳ ڳوٺ حاجي شير محمد مگسي ۾ واٽر فلٽر پلانٽ لڳايو ويو جنهن جو افتتاح مگسي برادري جي معزز شخصيتن هٿان ڪرايو ويو جن ۾ آفتاب احمد مگسي، اسد علي مگسي، معاذ علي مگسي ۽ فهد علي مگسي شامل هئا ان موقعي تي ميزبان بشير احمد، اظهر علي، صابر حسين، الهداد، عبدالرشيد مگسي پاران آيل مهمانن کي اجرڪون اوڍايون ويون جڏهن ته چئن مهمان خاص کي ٻوسڪي جا پٽڪا پارايا ويا افتتاحي تقريب ۾ آفتاب احمد مگسي ڳالهائيندي چيو ته هن ڳوٺ جو پاڻي ٻاڙو ٿي چڪو هو جنهن جي ڪري ڳوٺ ۾ ڪيترين بيمارين جنم ورتي چڪيون هيون جنهن بعد ڳوٺاڻن جي خواهش تي نوجوان اتحاد جي چيئرمين سيد شاہان شاهه پاران ڳوٺاڻن سان ڪيل واعدي تي سيد غلام مصطفىٰ شاهه پاران واٽر پلانٽ ڏنو ويو جنهن تي اسين سنڌن شڪر گذار آهيون ان کان اڳ اظهر علي مگسي آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو تقريب ۾ رضا محمد سيال، نيڪ محمد جلالاڻي، شرف الدين مگسي، ڊاڪٽر سجاد علي مگسي ۽ قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا.

سڪرنڊ حاجي شير محمد مگسي ۾ واٽر فلٽر پلانٽ جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

ٽنڊومحمدخان ۾ سچڻ سائين جي سالگره جي سلسلي ۾ هڪ عظيم الشان تقريب

ٽنڊو محمد خان(ن ع) ٽنڊو محمد خان ۾ جماعت اصلاح المسلمين ضلع ٽنڊو محمدخان پاران جماعت اصلاح المسلمين پاڪستان جي سرپرست اعليٰ حضرت خواجه محمد طاهر المعروف محبوب سچڻ سائين جي سالگره جي سلسلي ۾ هڪ عظيم الشان تقريب مرڪز جامع مسجد الڪوثر نزد بختاور ڪالوني ۾ ٿي گذري جنهنجي صدارت خليفو محمدعيسا ڪتي طاهري ڪئي ان موقعي مرڪزي جامع مسجد ۾ هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪيمپ پڻ لڳائي وئي ۽ مختلف بيمارين جو علاج سان گڏ ٽيسٽون پڻ ڪري دوائون مفت ڏنيون ويون ان موقعي مسجد اندر آيل علمائن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان انسانيت جي خدمت ۾ يقين رکون ٿا اسانجا مرشد ڪريمن جو حڪم تي سادگي سان سالگرهه جي تقريب ۾ ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي مختلف علائقن کان آيل مريضن جي ڪئمپ پڻ لڳائي آهي ۽ اڄ اسان جي مرڪز ۾ ضلع ٽنڊومحمدخان جي سيٽي برانچن جي نامزد عهيدارن حلف برداري تقريب پڻ ٿي گذري، ان موقعي تي ضلعي صدر خليفه محمد عيساڪتي طاهري فقير نورمحمدوساڻ طاهري ڊاڪٽر الهيجايو مغل طاهري ۽ حاجي محمد صديق ڪچي طاهري، خليفو علي خان ڪلهوڙو نوڙ چونڊجي آيل عهيدارن کي خطاب ڪيو چيو اسان پنهنجي مرشد ڪيمن جي حڪمن تي هلون اسان پاڻ ۾ امن پائيچارو پيدا ڪريو هڪ ٻئي جو خيال رکون ته جيئن محبت وڌي تقريب جي آخر ۾ اسانجي پياري ملڪ پاڪستان جي سلامتي ۽ امن ڀائيچاري لاءِ دعا پڻ ڪئي وئي.

دڙو ۾ سنڌ ميمڻ يوٿ اتحاد ضلع سجاول طرفان آجياڻو

ميمڻ برادري کي هر شهر ۽ واهڻ وسطي ۾ متحرڪ ڪرڻ جو اعلان

ميمڻ اتحاد طرفان تعليم، صحت ۽ ٻين فلاحي ڪمن کي هٿي ڏيڻ جو فيصلو

دڙو (ن ع) دڙو جي ارباب هائوس تي سنڌ ميمڻ يوٿ ونگ ضلعي سجاول جي نئين باڊي جي چونڊيل ضلع صدر ارباب ڪامران وزير ميمڻ طرفان اتحاد جي اڳواڻن ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبرن جي مان ۾ عيد ملن پارٽي جو اهتمام ڪيو ويو عيد ملن پارٽي ۾ ميرپوربٺورو سجاول، دڙو چوهڙجمالي جاتي، بيلو ۽ ٻين شهرن ڳوٺن جي معزز عهديدارن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي سنڌ ميمڻ اتحاد جي سرپرست اعليٰ ارباب وزير احمد ميمڻ، ضلعي صدر ارباب حاجي رميزالدين ميمڻ، جنرل سيڪريٽري حافظ رياض ميمڻ، يوٿ ونگ ضلع سجاول جي صدر ارباب ڪامران ميمڻ، ڊاڪٽر حنيف ميمڻ، ڊاڪٽر دلاور عبدالغفور ميمڻ پريس ڪلب دڙو جي صدر اعجاز اختر ميمڻ، ڊاڪٽر افضل ميمڻ شهزاد ميمڻ سميت مختلف اڳواڻن خطاب ڪيو هنن چيو ته ميمڻ سڄي سنڌ سميت سڄي دنيا ۾ هڪ ترقي پذير برادري طور سڃاتي وڃي ٿي، اسان جو اهم مشن اهو آهي ته ميمڻ برادري سميت ٻين برادرين جي غريب ماڻهن جي هر ممڪن مدد ڪئي وڃي، هنن چيو ته سنڌ ميمڻ اتحاد جو سڀ کان اهم مقصد تعليم صحت ۽ برادري جي فلاح بهبود لاءِ وڌ کان وڌ ڪم ڪيو وڃي ان لاءِ ميمڻ برادري کي ضلعي جي هر شهر ڳوٺ ۽ واهڻ وسطي ۾ مضبوط ۽ منظم لاءِ جامع حڪمت عملي جوڙي رهيا آهن.

دڙو سنڌ ميمڻ اتحاد طرفان ڏنل آجياڻي کي اڳواڻ خطاب ڪندي

بدوقمبراڻي لڳ سورهڏي ڳوٺ محمد خان جروار جي رهواسي جو احتجاج

بدوقمبراڻي(ن ع) بدوقمبراڻي لڳ سورهڏي ڳوٺ محمد خان جروار جي رهائشي آچار ڪنبر جو پٽ حيدر ڪنبر سميت احتجاجي مظاهرو احتجاج ڪندي چوڪري جي ڏاڏي آچار ڪنبر چيو ته اسان جي نياڻي فرزانه ڪنبر جيڪا نائين ڪلاس ۾ پڙهندي آهي ان کي ڏيهي ٿاڻي تي تعينات آهي اغوا ڪري نڪاح ڪري ڇڏيو آهي جيڪو غلط عمل آهي پوليس عوام جي جان مال جي حفاظت لاءِ هوندي آهي مگر افسوس اسان وٽ ضلع بدين ۾ ظلم بيحسي جي انتها ٿي ويئي اگر اهو جي ظلم رهيو ته ڪير پنهنجن نياڻين کي اسڪول تي موڪليندو هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ بل پڻ پاس ٿيل آهي ته ارڙهن سالن کان گهٽ عمر جي شادي کي غيرقانوني قرار ڏنو ويو آهي مگر هتي اندر نگري وارو سسٽم پيو هلي وارثن موجب راڄ جي چڱن کان وٺي سپني کي چيو تيئي وڃي پوليس سان رابطو ڪيو جتي ايس ايڇ او ٽنڊوغلام علي ايف آءِ آر داخل ڪئي چيائين ته اوهان جو مسئلو حل ڪيون ٿا مگر اڃا تائين نياڻي کي ظاهر به نه ڪيو وير آهي هنن دانهيندي چيو ته اسان کي خدشو آهي ته اسان جي نياڻي زنده به آهي يا نه مگر ويتر اسان کي ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن هنن وسوارن ڪاڻ مطالبو ڪيو ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻي پاسي ايس ايڇ او ٽنڊوغلام علي سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي مگر ايس ايڇ او ڪال اٽينڊ نه ڪئي وارثن اهو به الزام هنيو ته ايس ايڇ او ٽنڊو غلام علي اڳئين ڌر سان مليل آهي تڏهن ته ڪا ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.

ڪوٽ غلام محمد ۾ پورهيت کي مبينا طور اغوا ڪرڻ جي ڪوشش

مزاحمت ڪرڻ تي پورهيت پنهنجي جان بچائي گهر پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو

پورهيت شريف ماڇي جو پنهنجي گهرواري ۽ معصوم ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) ڪوٽ غلام محمد جي ڳوٺ حاجي عبدالله ڪالرو جي رهواسي پورهيت شريف ماڇي کي هٿيارٻندن پاران مبينا طور اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جڏهن ته مزاحمت ڪرڻ تي هو پنهنجي جان بچائي گهر پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جڏهن ته جوابدار فرار ٿي ويا. متاثر پورهيت شريف ماڇي پنهنجي گهرواري ۽ معصوم ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو ڪندي صحافين آڏو دانهون ڪندي هن الزام لڳايو ته بااثر اميد علي راهيمون ۽ سندس ساٿين ڪيس اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مسلسل جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن ٻڌايو ته پروا جي پٽ ذوالفقار ماڇي کيس دوکي سان گڏ وٺي ويو جتي رستي ۾ گاڏي روڪي وئي ۽ اتي موجود اميد علي راهيمون ۽ سندس نقاب پوش هٿيارٻند ساٿين ڪيس زبردستي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هن وڌيڪ چيو ته مزاحمت دوران سندس ٽوپي ۽ جتيون ڪري پيا، جڏهن ته سامهون کان ايندڙ رڪشا سبب جوابدار گاڏي ۾ فرار ٿي ويا. پورهيت شريف ماڇي جو چوڻ هو ته ڪيس موبائل فون ذريعي مسلسل جان کان مارڻ جون ڌمڪيون مليون پيون آهن ۽ کيس پنهنجي جان جو سخت خطرو آهي. هن اهو به الزام هنيو ته جوابدار اڳ ۾ به سائس فراڊ ڪري لکين رپيا ڦري چڪا آهن متاثر ايس ايس پي ميرپورخاص ۽ آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته جوابدارن خلاف فوري ڪارروائي ڪري ڪيس ۽ سندس ڪٽنب کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

ڪوٽ غلام محمد پورهيت کي مبينا طور اغوا ڪرڻ جي ڪوشش خلاف احتجاج ڪيو پيو

In a beautifully curated evening of warmth and camaraderie, MKP Corporate Group hosted a grand Suhoor at the stylish Terraza Restaurant, drawing a large turnout of its members. The event was orchestrated with meticulous care by Chairperson Sana Aqeel, who personally welcomed each guest, setting the tone for an evening that blended professional networking with the spirit of Ramadan. Speaking to the gathering, Sana Aqeel reflected on the deeper meaning of Ramadan, emphasizing it as a time for reflection, generosity, and strengthening bonds within the community. She highlighted that the business community holds a unique responsibility to combine corporate collaboration with social goodwill, noting that events like these create meaningful connections while celebrating the holy month. The evening sparkled with laughter, conversation, and fine dining, as members engaged in dialogue, exchanged ideas, and celebrated the values of unity, generosity, and mutual respect that Ramadan embodies.

In a dazzling display of diplomacy and festivity, Mr. Fazal Karim Dadabhoy, Honorary Consul of Côte d'Ivoire, hosted a star-studded Iftar dinner at his residence, bringing together an elite mix of diplomats, business magnates, media leaders, and cultural icons. The evening shimmered with lantern-lit elegance, flowing conversations, and a feast that reflected the richness of Ramadan traditions. Among the high-profile attendees were the Consuls General of Japan, Malaysia, and Thailand, alongside Prof. Dr. Farhan Essa, Kaleem Farooqui, Jam Farooq, Farooq Afzal, Rotary District Governor Shahzad Sabir, Parvez Haroon Madraswala, Zulfiqar Halepota, President KATI Ikram Rajput, Olympian Islahuddin, Ubaid Saleem Patel, Chairman Flaknaz Fayyaz Ilyas, Imran Jaffar, and Kazi Asad Abid, Chairman, Chief Editor, and CEO of Daily Ibrat. Speaking on the occasion, Fazal Karim Dadabhoy highlighted the significance of Ramadan as a time of compassion, unity, and reflection. He emphasized the importance of strengthening bonds within the community and extending support to those in need, noting that such gatherings help promote harmony and mutual understanding among people from diverse backgrounds. The gathering was further graced by notable personalities such as Mian Zahid Hussain, Athar Iqbal, Hussain Thebo, Majeed Aziz, President Arts Council Ahmed Shah, former KATI President Junaid Naqi, and Haneef Gohar, among others. The evening served as an excellent opportunity to foster goodwill, strengthen professional relationships, and promote harmony among diplomatic, business, and media communities, reflecting the true spirit of Ramadan through hospitality and unity.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلوڙ پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 25 مارچ 2026ع

ايران-امريڪا ڇڪتاڻ ۽ پاڪستان جي ٿياڪڙيءَ جو امتحان!

وچ اوڀر ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ عالمي امن لاءِ سنجيده خطرو بڻجي سامهون آئي آهي. ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل وچ ۾ جاري تڪرار هاڻ علائقائي مسئلو ناهي رهيو پر هن ڇڪتاڻ جا اثر عالمي معيشت، توانائي مارڪيٽن ۽ سفارتي لاڳاپن تي به پئجي رهيا آهن. اهڙي نازڪ صورتحال ۾ پاڪستان جو پاڻ کي مرڪزي ٿياڪڙ طور پيش ڪرڻ هڪ اهم ۽ ذميوارانو سفارتي قدم آهي، جيڪو ملڪ جي پرڏيهي پاليسي، فوجي قيادت ۽ سياسي حڪمتِ عمليءَ جي گڏيل ڪوشش جو نتيجو نظر اچي ٿو. برطانوي اخبار "فنانشل ٽائيمز" جي رپورٽ موجب پاڪستان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ تڪرار گهٽائڻ لاءِ سرگرم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته پاڪستان جي فوجي قيادت ۽ سياسي حڪومت ٻنهي سطحن تي اهم رابطا ڪيا آهن. پاڪستان جي آرمي چيف فيلڊ مارشل عاصم منير آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سان ٽيليفون ذريعي ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي، جڏهن ته وزيراعظم شهباز شريف ايران جي صدر مسعود پزشڪيان سان رابطو ڪيو آهي. اهي سفارتي رابطا رڳو روايتي بيان بازي نه پر هڪ سنجيده ٿياڪڙيءَ واري عمل جي شروعات طور ڏٺا پيا وڃن.

پاڪستان لاءِ اهو ڪردار ان ڪري به اهم آهي جو ملڪ جا لاڳاپا ٻنهي ڌرين سان تاريخي ۽ حڪمتِ عملي جي بنيادن تي قائم آهن. آمريڪا سان سيڪيورٽي ۽ دفاعي لاڳاپا، جڏهن ته ايران سان مذهبي، سرحدي ۽ توانائيءَ سان لاڳاپيل مفادن جو ڳانڍاپو موجود آهي. اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان جو غيرجانبدار ۽ متوازن ڪردار علائقي ۾ امن لاءِ اميد جو ڪرڻو بڻجي سگهي ٿو. سفارتڪاريءَ جي هن عمل ۾ رڳو پاڪستان ئي نه پر ترڪي ۽ مصر پڻ سرگرم نظر اچن ٿا. ترڪ قيادت خاص طور تي پُرامن حل لاءِ تيز رابطا ڪري رهي آهي. ترڪيءَ جو پرڏيهي وزير هاڪن فدان مختلف ملڪن سان رابطن ذريعي ڇڪتاڻ گهٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ساڳئي وقت آمريڪي خاص نمائندو اسٽيو وٽڪوف ۽ ايران جو پرڏيهي وزير عباس عراقچي سان به پس پرده رابطا جاري آهن. ظاهري طور تي سفارتي سرگرميون تيز ٿي ويون آهن پر زميني حقيقتون اڃا به پيچيده آهن. آمريڪا پاران ايران جي توانائي ڍانچي کي نشانو بڻائڻ جي ڌمڪي ۽ ايران جي جوابي خبرداري علائقي کي خطرناڪ موڙ تي آڻي بيهاريو آهي. جيڪڏهن توانائي مرڪزن تي حملا ٿين ٿا ته ان جا اثر رڳو ٻن ملڪن تائين محدود نه رهندا پر سڄي خطي جي معاشي ۽ انساني سلامتي متاثر ٿيندي.

صدر ٽرمپ پاران ايران جي پاور پلانٽن تي حملي جي ڌمڪيءَ کي عارضي طور ملتوي ڪرڻ کي ڪجهه مبصر مثبت اڳڀرائي سمجهن ٿا پر سوال اهو آهي ته ڇا اهي قدم واقعي سفارتي ڪوشش جو نتيجو آهي يا رڳو عارضي حڪمتِ عملي؟ هن مرحلي تي ڪا حتمي راءِ قائم ڪرڻ مشڪل آهي. عالمي سياست ۾ اهڙا فيصلا گهڻو ڪري دٻاءُ، معاشي مفادن ۽ اتحادي ملڪن جي اثر هيٺ ٿيندا آهن. ماهرن جو خيال آهي ته ٿياڪڙيءَ جون ڪوششون اڃا ابتدائي مرحلي ۾ آهن ۽ ڪنهن وڏي پيشرفت جا آثار نظر نٿا اچن. تجزيا نگارن موجب ايران پاڻ کي مضبوط پوزيشن ۾ سمجهي رهيو آهي ۽ هن تڪرار کي پنهنجي قومي بقا جو معاملو قرار ڏئي ٿو. اهڙي سوچ سان فوري مفاهمت جا امڪان گهٽ ٿين ٿا. ٻئي طرف آمريڪا به پنهنجي عالمي اثر رسوخ ۽ اتحادي دٻاءَ کي نظر ۾ رکندي فيصلا ڪري رهيو آهي. ماضيءَ ۾ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳجهي سفارتڪاري اڪثر عمان ۽ قطر ذريعي ٿيندي رهي آهي. تنهنڪري پاڪستان لاءِ اهو ڪردار نڀائڻ ضرور آهي پر ناممڪن ناهي. پاڪستان جيڪڏهن سنجيدگي، غيرجانبداري ۽ مستقل مزاجيءَ سان ڪوششون جاري رکي ٿو ته هو عالمي سفارتڪاريءَ ۾ هڪ ذميوار ۽ بااعتماد ملڪ طور پاڻ مڃائي سگهي ٿو. پاڪستان لاءِ هيءُ موقعو رڳو سفارتي ڪاميابي حاصل ڪرڻ جو ناهي پر پنهنجي عالمي ساک بهتر بڻائڻ جو پڻ آهي. امن جي ڪوشش ۾ ڪاميابي ملڻ سان پاڪستان خطي ۾ استحڪام، واپار ۽ توانائي منصوبن لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪري سگهي ٿو خاص طور تي اهڙي وقت ۾ جڏهن عالمي معيشت دٻاءُ هيٺ هجي. جنگ بدران ڳالهين جو رستو سيني لاءِ فائديمند آهي. هتي اهين چوڻ مناسب ٿيندو ته جنگ ڪنهن به مسئلي جو مستقل حل ناهي. تباهي، انساني جاني نقصان ۽ معاشي بحرانن کان سواءِ جنگ ڪجهه به نٿي ڏئي. پاڪستان، ترڪي ۽ ٻيا ملڪ جيڪڏهن ايمانداريءَ سان سفارتي ڪوششون جاري رکن ٿا ته شايد ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۾ ڪين ڪاميابي ملي سگهي. دنيا کي هٿيارن کان وڌيڪ ڳالهين جي ضرورت آهي ۽ خطي جي امن لاءِ هر ذميوار ملڪ کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ساهڙ ڏاران سُهڻي، آهي ۾ آزار؛
دَمَ پاسي ۾ ڏُڪندو، صِحتَ وَٽِ سَنگهار؛
توڙيءَ سَنڌي تَنَ جِي، دَوا ۾ دِيدار؛
جي پَسي مُنهن ميهارَ ته سِگهيائِي سَگهي ٿئي
(سُر سهڻي)

نامياري صحافي نور محمد جيسر جي شخصيت!

غلام حسين لغاري

اڄ جو ڏينهن اهو بدنصيب ۽ ڏکوئيندڙ ڏهاڙو آهي، جڏهن نوشهروفيروز واسي سنڌ جو برک صحافي نور محمد جيسر ڪراچيءَ ۾ روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويو هو. هيءُ انهن ڏينهن جو واقعو آهي، جڏهن آئون صحافت ڇڏي ايگريڪلچر آفيسر ٿيو هئس ۽ مرحوم مونسان ملڻ ۽ مبارڪون ڏيڻ آيو هو. دادو واسي دوست منظور پيرزادي سان اڄوڪي ڏينهن صبح جو ڏهه وڳي موٽر سائيڪل تي ڪم ڪارسانگي وڃي رهيو هو ته ڪراچيءَ جي هڪ وڏي صنعتڪار جي فرزند جي تيز رفتار ڪار جي زد ۾ آيو هو. ان وقت جي وزيرزراعت سائين مراد علي شاهه ۽ وزير صحت عبدالوحيد ڪٽپر جي همدرداڻي سهڪار سان آئون ۽ اسان ٻنهي جو دوست ميرَ محمد گلاهي (ٽرانسپورٽ ليبر يونين دادوءَ جو صدر) مير محمد گلاهي بلوچ جناح اسپتال مان ايمبوليس وسيلي ميت ڪٺي سنڌس اباڻي ڳوٺ پهتاسين جتي کيس اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو هو. جڏهن مرحوم جي ميت سان دادو پئي آياسين ته ان رات بلوچ مينگلن لڪيءَ وٽان انڊس هاءِ وي ۽ ريل جي پٽڙين تي حملو ڪيو هو، جنهن جي ڪري روڊ بند هجڻ ڪري ٽريفڪ بند هئي پر ان وقت جي ايس ايس پي دادو محترم پير بخش بلوچ مرحوم جي ميت کي سلامي ڏني ۽ پوليس پروٽوڪول ۾ ميت واري گاڏيءَ کي باحفاظت لڪي شاهه صدر کان پاس ڪرائي سيوهڻ تائين پهچايو هو. مرحوم نور محمد جيسر جو ڪراچي وارو دورو آخري نصيب ٿيس. حادثي کان هڪ ڏينهن اڳ روزاني هلال پاڪستان جي سينيئر نيوز ايڊيٽر اسلم آزاد کيس رات جي ماني‌ءَ جي دعوت ڏني هئي جيئن ته آئون به ان وقت ڪراچيءَ ۾ نئون نئون هئس محمود آباد وٽ ۾ منظور احمد پيرزادي وٽ رهندا هئاسين جيڪو فش هاربر تي آفيسر هو ۽ سنڌس پاڻ فوڊ کاتي ۾ نئون نئون ڀرتي ٿيو هو ۽ فوڊ انسپيڪٽر هو. منهنجو ۽ نور محمد جيسر جا گڏيل دوست هئا. شهيد نور محمد جيسر صحافت ۾ مون کان به سينيئر هو.

هن صحافت جو آغاز گهوٽڪيءَ جي گيلاني سيد مرشد گيلانيءَ جي هفتيوار اخبار ۾ سب ايڊيٽر سان ڪيو هو، سيد صفدر شاهه جيڪو دادو ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر انفارميشن بعد ۾ سيڪريٽري انفارميشن تي رٽائر ٿيو هو هن خاندان جو چشم ۽ چراغ آهي مرحوم نور محمد جيسر گهوٽڪيءَ مان دادو پهتو ته سنڌس پهرين تعلق "هفتيوار اخبار اظهار" جي مالڪ ايڊيٽر مرحوم محمد مٺل شاهي سان ٿيس جنهن جي اخبار ۾ هن لکڻ شروع ڪيو جيئن ته ان وقت روزاني اخبارون محدود هيون پاڻ به اظهار سان محدود رهيو جيئن حيدرآباد مان اڄ تائين شايع ٿيندڙ هلال پاڪستان جو آغاز ٿيو ته مرحوم اخبار جي ايڊيٽر شيخ علي محمد جي سهڪار سان ان جو دادو ضلعي ۾ آئون نمائندو ٿيس 1970ع واري دور ۾ هن ۾ پ پ جي سربراهه شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي جوڻد مهم جي ڪوريج ڪرڻ لڳو. سنڌ ۾ ساٿس مهم جو حصو رهيو ۽ شهرت ماڻيائين جڏهن مون هفتيوار محافظ سنڌ دادو مان ڪڍي ته پاڻ ان جو ايڊيٽر ٿيو ۽ سنڌس وفات بعد سنڌس فرزند موجوده سينيئر دوست علي جيسر به هفتيوار محافظ سنڌ جو ايڊيٽر رهيو.

شهيد نور محمد جيسر صحافي ته هو پر پاڻ سنڌ جي هيٺين طبقي جي ماڻهن پورهيتن جو هڏوڪي به رهيو انهن جي مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ ميڊيا تي آڻڻ سنڌس مشن هوندو هو سنڌ جي انهن طاقتورن کي وائکو ڪيو جن ڪوڙن ڪليمن وسيلي سنڌ جي هارين ۽ ملڪن جون زمينون ڪوڙن ڪليمن وسيلي قبضايون هيون، جنهن تي روينيو ڪامورا جن کي ان وقت منُجسٽريٽي اختيار هوندا هئا، مرحوم ۽ مون خلاف انتقامي ڪاروايون ڪرڻ لڳا پر ان وقت جي ڪمشنر حيدرآباد محمد يوسف خان ڊپٽي ڪمشنر دادو طارق امين جي مهربانيءَ سان اهي ڪاروايون ته ٿي نه سگهيون پر روينيو جا اهي ڪامورا پنهنجا عهدا وڃائي ويٺا طارق محمد امين جي ڏنوين اسان پريس ڪلب دادو جي موجوده هنڌ واري عمارت ورتي هئي عبوري آئين ناهيو ۽ پريس ڪلب جا پهريان بنيادي آرگنائيزر ٿياسين جونئيون ڪراونيسين جيڪو وڏو اعزاز آهي، جڏهن نور محمد حادثي جو شڪار ٿيو ته مرحوم جو موهي فرزند دوست علي جيسر صحافت ۾ آيو ۽ ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ هڪ اخبار جو

مسلم دنيا جي واحد ايٽمي طاقت طور پاڪستان جو ڪردار!

جنيد احمد

وچ اوڀر ۾ جنگ واري نازڪ صورتحال ۾ پاڪستان جو مرڪزي ٿياڪڙ طور سامهون اچڻ رڳو هڪ سفارتي پيشرفت ناهي پر ان جي عالمي حيثيت، فوجي وزن ۽ اسلامي دنيا ۾ اثر رسوخ جو به عڪس آهي. برطانوي خابرو اداري جي هڪ رپورٽ موجب پاڪستان پس پرده سفارتڪاريءَ ذريعي تڪرار گهٽائڻ لاءِ سرگرم آهي، جنهن پاڪستان کي عالمي سياست جي مرڪز ۾ آڻي بيهاريو آهي. اها صورتحال پاڪستان جي ان منفرد حيثيت کي وڌيڪ اهم بڻائي ٿي، جيڪا کيس مسلم دنيا جي واحد ايٽمي طاقت هجڻ سبب حاصل آهي.

پاڪستان 1998ع ۾ ايٽمي قوت بڻجي اسلامي دنيا ۾ هڪ منفرد سڃاڻپ حاصل ڪئي. ايٽمي صلاحيت ڪنهن به ملڪ لاءِ صرف دفاعي هٿيار ناهي هوندي پر اها عالمي طاقت جي توازن، سفارتي اثر ۽ سياسي وزن جي علامت هوندي آهي. پاڪستان جي ايٽمي حيثيت کيس اهڙي پوزيشن تي بيهاري ٿي، جتان هو مسلم ملڪن جي سلامتي ۽ سياسي مفادن بابت اهم آواز بڻجي سگهي ٿو.

اسلامي دنيا گهڻي عرصي کان سياسي عدم استحڪام، جنگين ۽ ٻاهرين مداخلتن جو شڪار رهي آهي. اهڙي ماحول ۾ پاڪستان واحد ملڪ آهي جيڪو عسڪري طاقت، آبادي، جاگرافيائي اهميت ۽ ايٽمي صلاحيتن جي بنياد تي هڪ مضبوط محافظ جو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

تازو سفارتي رابطن ۾ پاڪستان جي فوجي ۽ سياسي قيادت جو متحرڪ نظر اچڻ اهم آهي. پاڪستان جي آرمي چيف فيلڊ مارشل عاصم منير جو ٽرمپ سان رابطو ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي ايران جي صدر مسعود پزشڪيان سان ڳالهه ٻولهه پاڪستان جي سفارتي ڪوشش جو ثبوت آهن. اهي رابطا ظاهر ڪن ٿا ته پاڪستان ٻنهي ڌرين سان ڳالهائڻ جي صلاحيت رکي ٿو. آمريڪا سان ڊگها دفاعي ۽ اسٽريٽجڪ لاڳاپا، جڏهن ته ايران سان مذهبي، ثقافتي ۽ سرحدي ويجهڙائپ پاڪستان کي هڪ قدرتي ٿياڪڙ بڻائين ٿا.

مسلم ملڪن ۾ گهڻا ملڪ يا ته اندروني مسئلن ۾ ڦاٿل آهن يا عالمي طاقتن جي اثر هيٺ آهن اهڙي وقت ۾ پاڪستان کان اميد ڪئي وڃي ٿي ته هو اسلامي ملڪن جي گڏيل مفادن جو تحفظ ڪري. پاڪستان جي ايٽمي طاقت اسلامي دنيا لاءِ علامتي اهميت رکي ٿي. اها احساس ڏيارينڌي آهي ته مسلم دنيا مڪمل طور ڪمزور ناهي. پاڪستان سفارتڪاري ذريعي جنگ روڪڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو ته اها اسلامي دنيا لاءِ هڪ وڏي اخلاقي ۽ سياسي ڪاميابي هوندي. ان سان مسلمان ملڪن ۾ گڏيل اتحاد جو احساس وڌي سگهي ٿو پر ايٽمي طاقت هجڻ باوجود پاڪستان کي انتهائي محتاط سفارتڪاري ڪرڻي پوي ٿي. عالمي طاقتون ايٽمي ملڪن کي وڌي ذميواري سان ڏسن ٿيون. ڪنهن به غير متوازن بيان يا قدم سان خطي ۾ ڇڪتاڻ وڌي سگهي ٿي. تنهنڪري پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته غيرجانبداري، تدبر ۽ سفارتي حڪمتِ عملي سان اڳتي وڌي. پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ کي اهڙي توازن جي ضرورت آهي جنهن هو اسلامي دنيا جي حمايت به ڪري ۽ عالمي قانونن ۽ امن جي اصولن تي به قائم رهي.

وچ اوڀر ۾ جنگ پاڪستان لاءِ سڌي ريت نقصانڪار ٿي سگهي ٿي. توانائي بحران، واپاري رستا، ساموندي سلامتي ۽ معاشي دٻاءُ پاڪستان کي متاثر ڪري سگهن ٿا. تنهنڪري پاڪستان جي ٿياڪڙي رڳو اخلاقي ذميواري نه پر قومي مفاد پڻ آهي. امن قائم ٿيڻ سان پاڪستان کي واپاري، معاشي ۽ سفارتي فائدا حاصل ٿي سگهن ٿا. چين پاڪستان اقتصادي راهداري (سي پيڪ) جهڙا منصوبا پڻ علائقائي امن سان ڳنڍيل آهن.

سفارتي اتحادن جي نئين ترتيب: پاڪستان، ترڪي ۽ مصر جهڙن ملڪن جي گڏيل سفارتڪاري اسلامي دنيا ۾ نئين بلاڪ جي شڪل اختيار ڪري سگهي ٿي. ترڪيءَ جي پرڏيهي وزير هاڪن فدان جا سرگرم رابطا ۽ علمي سطح تي امن لاءِ ڪوششون ظاهر ڪن ٿيون ته مسلم دنيا جا اهم ملڪ هاڻي وڌيڪ ذميواريءَ سان اڳتي وڌڻ چاهين ٿا. اهي گڏيل ڪوششون اسلامي دنيا جي سفارتي حيثيت مضبوط ڪري سگهن ٿيون.

بهرحال پاڪستان جيڪڏهن ڪامياب ٿياڪڙ ثابت ٿئي ٿو ته علمي سطح تي ان جي ساک بهتر ٿيندي هو رڳو هڪ علائقائي ملڪ نه پر ذميوار علمي طاقت طور سڃاتو ويندو اها حيثيت مستقبل ۾ سياسي، معاشي ۽ دفاعي معاهدن لاءِ فائديمند ثابت ٿيندي.

پروپيگنڊا ۽ حقيقت!


مجيد اصغر

هو آمريڪا جو خيرخواهه نه آهي پر اسرائيل جي ڪٺپتلي آهي. هو لڳاتار ڪوڙ ڳالهائيندو پيو وڃي هڪ ساهه ۾ چوي ٿو ته هن ايران کي دنيا جي نقشي تان مٽائي ڇڏيو آهي. ان جي هوائي فوج تباهه ڪري ڇڏي آهي، بحري فوج ختم ڪري ڇڏي آهي، فوجي ٺڪاڻا تباهه ڪري ڇڏيا آهن ۽ سياسي توڙي مذهبي قيادت کي ماري ڇڏيو آهي پر ٻي ساهه ۾ هو نيٽو ۽ ٻين ملڪن کي سڏي رهيو آهي ته منهنجي مدد ڪريو نه ته ايران سيني کي ڳڙڪائي ويندو هو ڌمڪيون به ڏئي رهيو آهي ته جيڪڏهن مدد نه ڪندؤ ته اسان به ياد رکنداسين ۽ اوهان جي مدد نه ڪنداسين.

هن پنهنجي ساک وڃائي پنهنجي ملڪ جي مٽي به پليد ڪئي آهي ۽ سڄي دنيا کي به ٻاهه ۾ اُڇلائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي هڪ پاسي ايران کي صفحه هستيءَ تان مٽائڻ جون دعوائون ڪري ٿو ته ٻئي طرف ان خلاف مدد لاءِ دنيا آڏو منٿون به ڪري رهيو آهي جنهن ملڪ ۾ هو پاڻ کي مڪمل بااختيار حڪمران سڏي ٿو اتي سنڌس غير منطقي فيصلن سبب ووٽرن ۾ سنڌس مقبوليت گهٽجي 41 سيڪڙو رهجي وئي آهي. جڏهن ته 59 سيڪڙو ماڻهو هن کان جان ڇڏائڻ چاهين ٿا. سنڌس غير آئيني قدمن کي آمريڪي عدالتون هڪ هڪ ڪري ڪالعدم قرار ڏئي رهيون آهن پر هو ٽس تان مس نٿو ٿئي.

صهيوني يهودين جي طاقتور لابي جي دٻاءُ هيٺ هن اهو چئي ايران تي حملو ڪيو ته "هو ايٽم بم ناهي رهيو آهي". جڏهن ته ايران بار بار چئي چڪو آهي ته هو ايٽمي هٿيار نه ناهيندو ايران جي مذهبي قيادت فتويٰ به جاري ڪئي ته ايٽم بم جهڙا تباهه ڪندڙ هٿيار انسانيت خلاف ڏوهه آهن ۽ اسلام ۾ جائز نه آهن ان جي باوجود هن نه مڃيو حملو ڪرڻ جو فيصلو هو هڪ سال اڳ ڪري چڪو هو پر پويءَ به ايران سان ڳالهين جو ناٽڪ رچايو ايران سنڌس گهڻا مطالبا مڃيندو ويو صرف پرامن ايٽمي پروگرام جاري رکڻ تي اصرار ڪيو جڏهن دنيا کي يقين ٿيڻ لڳو ته امن معاهدو هاڻي هڪ ٻن ڏينهن جي ڳالهه آهي، تڏهن هن نيتن ياهوءَ جي ڳالهه مڃي ايران تي ٻاهه وسائڻ شروع ڪئي سنڌس پنهنجي پرڏيهي وزير به ان جي تصديق ڪئي ايترو وڏو ڌوکو ڪائڻ کان پوءِ ايرانين جيڪو جواب ڏنو اهو هن کي ڏاڍو مهانگو پيو.

زميني حقيقتون اهي ناهن جيڪي سخت سينسرشپ سبب پرڏيهي، خاص ڪري صهيوني ميڊيا ٻڌائي رهي آهي اهي پنهنجن نقصانن جو ذڪر به نٿا ڪن ۽ ايران جي تباهيءَ بابت وڌاءُ ڪن ٿا. هن جو سڀ کان وڏو "ڪارنامو" اهو ٻڌايو وڃي ٿو ته هڪ اسڪول تي حملي ۾ لڳ ڀڳ ڏيڍ سئو معصوم نينگريون مارجي ويون يا سائبر ٽيڪنالاجي ذريعي ايران جي رهبر معظم، قومي سلامتيءَ جي صلاحڪار ۽ ڪجهه جنرل شهيد ڪيا ويا. ميزائل ۽ ڊرون حملن سان به نقصان ٿيو پر غير جانبدار پرڏيهي ذريعن ثبوتن سان تصديق ڪئي آهي ته هن غيراخلاقي جنگ جي صرف پهرين ڏهن ڏينهن ۾ پنهنجي قومي ناڻي مان لڳ ڀڳ 1300 ارب ڊالر خرچ ڪري ڇڏيا آهن ۽ جنگي ڪاتي وڌيڪ 200 ارب ڊالر گهريا آهن ايران آبناءِ هرمز بند ڪري تيل جي فراهمي روڪي ڇڏي آهي. جنهن سبب سڄي دنيا ۾ معاشي زلزلو اچي ويو آهي پيٽرول جون قيمتون آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيون آهن مهانگائي ناقابل برداشت بڻجي وئي آهي ٻارهن ملڪ سڌي طرح جنگ جي لپيٽ ۾ آهن ۽ باقي دنيا تي عالمي جنگ جو خطرو وڌي رهيو آهي

موجوده جنگ ۾ اسرائيل جا به فوجي ٺڪاڻا، ڪارخانا ۽ اوچيون عمارتون تباهه ٿي چڪيون آهن وچ اوڀر ۾ قائم آمريڪي فوجي اڏن کي به نقصان پهتو آهي ۽ ڪيترن مسلم عرب ملڪن کي به وڏو مالي ۽ جاني نقصان برداشت ڪرڻو پيو آهي. جيڪو هڪ وڏو لميو آهي اتي پرڏيهي، خاص ڪري مغربي ملڪن جون ڪمپنيون پنهنجو ڪاروبار بند ڪري واپس وڃي رهيون آهن ۽ انهن جا ملازم آمريڪا ۽ اسرائيل کي بددعائون ڏئي رهيا آهن

آمريڪي انٽيليجنس جي سربراهه جوڪينٽ احتجاج طور استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي هن چيو آهي ته ايران تي حملي جو ڪو جواز نه هو، ايران نه ايٽمي هٿيار ناهي رهيو هو ۽ نه ئي اهڙو ڪو ارادو هئس هن جنگ ۾ پارٽ به جارح قوتن جي منصوبابنديءَ ۾ برابر جو شريڪ آهي جنهن جي ڪري کيس آمريڪا ۾ دنيا جي سڀ کان وڏي اٿل ريفائنري قائم ڪرڻ جو ٺيڪو مليو آهي

پاڪستان جي به وڏي ساراهه ڪئي پئي وڃي پر آمريڪي انتظاميا جي هڪ بااثر شخص پنج ملڪن کي "ايٽمي بدمعاش" قرار ڏئي انهن خلاف ڪارروائيءَ جي سفارش ڪئي آهي. انهن ۾ ايران، روس، چين ۽ اتر ڪوريا سان گڏ پاڪستان به شامل آهي. روس بابت چيو پيو وڃي ته هو ايران کي سيٽلائيٽ سهولتون ۽ ٽيڪنالاجي فراهم ڪري رهيو آهي، جنهن جي مدد سان ايران آمريڪا ۽ اسرائيل کي سخت نقصان پهچائي رهيو آهي. اهو يوڪرين خلاف روس جي جنگ ۾ آمريڪي هٿيارن ۽ اربين ڊالرن جي مدد جو نتيجو آهي. روسي صدر اعلان ڪري چڪو آهي ته هو مڪمل طور ايران سان گڏ آهي ۽ ايران تي حملا روڪڻ جو بار بار مطالبو ڪري چڪو آهي.

چين جو ڪردار خاموشيءَ سان پنهنجو ڪم جاري رکڻ آهي، جيڪو هو ڪري رهيو آهي پروپيگنڊا جي محاذ تي آمريڪا ۽ اسرائيل ايران کي جڙ صفحه هستيءَ تان مٽائي ڇڏيو آهي پر اها حقيقت لڪائي رهيا آهن ته هن جنگ ۾ هيستائين آمريڪا جا 16 جنگي جهاز تباهه ٿي چڪا آهن ۽ ٻه وڏا بحري ٻيڙا تقريباً ٻڏي چڪا آهن خوف سبب باقي جهازن ۽ ٻيڙن کي عرب ساموندي ڪناري کان پري هٽايو ويو آهي، جتان ايران تي حملا ڪيا پئي ويا.

هو جڏهن کان وائيٽ هائوس ۾ آيو آهي، تڏهن کان پنهنجي ملڪ جي آئين، روايتن ۽ عالمي قانونن کي ڪابه اهميت نه ڏني آهي. آمريڪي عدالتون وڏي بهادريءَ سان فيصلا ڏئي رهيون آهن پر هن کي نه گڏيل قومن جي پرواهه آهي ۽ نه پنهنجي قوم جي. هو اهو ڪم مڪمل ڪرڻ چاهي ٿو جيڪو هٽلر ۽ مسوليني اڌ ۾ ڇڏي ويا هئا.

بجلي واري شعبي ۾ سڌارا...

شاهد ڪاردار

عوام کي عملي طور تي هن ڳالهه تي مجبور ڪيو ويو آهي ته اُهي بجليءَ جا تمام گهڻا مهانگا بل ڀريندا رهن جيئن بجليءَ وارو نظام ۽ ان سان لاڳاپيل ادارا هلندا رهن. پر ان هوندي به اهو شعبو مالي طور مضبوط ناهي. اڃا به ڪمزور آهي. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته آخر اسين هيستائين ڪيئن ڦٿاسين؟ هن صورتحال جا وڏا سبب صاف نظر اچن ٿا: نااهلي، ڪمزور انتظام، ڪرپشن ۽ دنيا ۾ تيزيءَ سان ٿيندڙ ٽيڪنالاجي تبديليون، جهڙوڪ سولر انرجي. اسان جي ملڪ ۾ بجلي پيدا ڪرڻ جو خرچ سراسري طور في يونٽ لڳ ڀڳ 22 رپيا آهي. پر صارفين کان تقريباً 60 رپيا ورتا پئي ويا (خاص ڪري صنعتي اڳهن ۾ تبديلي کان اڳ تائين). مطلب ته ماڻهن کي مهانگي ۽ غير يقيني بجلي ملي رهي آهي. ان جا سبب هي آهن: بجلي جي ترسيل ۽ ورڇ دوران وڏو نقصان ٿئي ٿو (ٽيڪنيڪل مسئلا به آهن ۽ چوري به ٿئي ٿي)، ان کان علاوه ڳرا ٽيڪس ۽ ڪيترن ئي ماڻهن طرفان بل ادا نه ڪرڻ به مسئلو آهي. انهن سڀني سببن ڪري ملڪ کي هر سال لڳ ڀڳ هڪ هزار ارب رپين جو نقصان ٿئي ٿو. ساڳئي وقت، سولر بجلي سستي ٿيندي وئي، جنهن ڪري گهرن ۽ ڪارخانن وارن ماڻهن وڏي انگ ۾ سولر سسٽم لڳايا آهن. لڳ ڀڳ 19 هزار ميگاواٽ تائين. انهيءَ ڪري هاڻي ماڻهن جي سرڪاري بجلي (گرڊ) وٺڻ جي ضرورت گهٽجي وئي آهي.

بجلي واري شعبي ۾ تمام ڪمزور پلاننگ ڪئي وئي حڪومت اهڙيون پاليسيون ناهيون، جن سان ڪمپنين (آءِ پي پيز) سان اهڙا معاهدا ڪيا ويا جو ملڪ جي ضرورت کان به وڌيڪ بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت لڳائي وئي ۽ اهي معاهدا به صحيح نموني سان تيار نه ڪيا ويا. هڪ ته انهن معاهدن ۾ ماهرن کان گهڻي صلاح نه ورتي وئي، ٻيو وري اهي به الزام آهن ته انهن ۾ پنهنجن ماڻهن کي فائدو ڏنو ويو ۽ شفافيت به گهٽ هئي انهن معاهدن ۾ هڪ وڏو مسئلو اِهو به آهي ته ڪرنسي جو ميل ڏٺو ويهي بجلي وڪرو ڪري آمدني ته پاڪستاني رپين ۾ ٿئي ٿي، پر ڪمپنين کي منافعو ڊالر ۾ ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو آهي. پاور پلانٽ لڳائڻ وارن سان به تمام نرم شرطون رکيون ويون جهڙوڪ 80-20 جو حساب، يعني 20 سيڪڙو پنهنجو پيسو ۽ 80 سيڪڙو قرض ڪٿي به پلانٽ لڳائي سگهجي ٿو. ان کان علاوه حڪومت انهن ڪمپنين کي پڪي گارنٽي ڏئي ته معاهدي تي عمل ضرور ٿيندو. انهن کي 15 کان 17 سيڪڙو تائين پڪو منافعو به ڏنو ويو اهو به ڊالرن ۾. ٽيڪس ۾ به ڇوٽ ڏني وئي ۽ اِهو به لکيو ويو ته جيڪڏهن ڪو خطرو ٿيندو ته گهڻو ڪري حڪومت ئي برداشت ڪندي. فيول چونڊڻ تي به ڪا پابندي نه لڳائي وئي، جنهن ڪري مهانگا فيول جهڙوڪ ڊيزل ۽ فرنس آئل به استعمال ڪيا ويا. وڌيڪ حيران ڪندڙ ڳالهه اها آهي ته سرڪاري بجلي گهرن کي به ساڳيون نرم شرطون ڏنيون ويون. جڏهن ته اهي گهڻو ڪري غير ماهر ماڻهو هلائيندا آهن. انهن سڀني ڳالهين جو نتيجو اهو نڪتو جو مشهور 'گردشي قرضو' پيدا ٿيو. جنهن ڪري صنعتن لاءِ ٻين ملڪن سان مقابلو ڪرڻ ڏکيو ٿي ويو ۽ ڪاروبار مهانگو پئجي ويو. اهڙيءَ طرح ملڪ جي پائيدار معاشي ترقي جا موقعا به گهٽجي ويا.

نااهليءَ جو هڪ صاف مثال اِهو آهي ته ملڪ ۾ لڳ ڀڳ 46 هزار 600 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ته تيار ڪئي وئي آهي، پر اصل ۾ ضرورت (سواءِ اونهاري جي هڪ ٻن مهينن جي) 25 هزار ميگاواٽ کان به گهٽ رهي ٿي. يعني ايتري ساري صلاحيت هوندي به ان جو وڏو حصو استعمال ئي نٿو ٿئي. سادن لفظن ۾، نظام ۾ جيڪا بجلي پيدا ٿي سگهي ٿي ۽ جيڪا ماڻهن کي گهرجي، اها هميشه ان وڏي ڪُل صلاحيت کان گهڻي گهٽ هوندي آهي. جيڪا لڳائي وئي آهي. حالت وڌيڪ خراب ان ڪري آهي جو بجلي پهچائڻ وارو نظام (ٽرانسميشن ۽ ڊسٽريبيوشن) ڪمزور آهي ۽ اهو صرف لڳ ڀڳ 22 هزار ميگاواٽ لوڊ ئي کڻي سگهي ٿو. يعني پلي وڌيڪ بجلي پيدا ڪري سگهجي، پر سسٽم وٽ ايتري گنجائش ئي ناهي جو اها ماڻهن تائين پهچائي سگهي ايتري قدر جو لاهور کان مٽياري تائين جيڪا وڏي ٽرانسميشن لائين آهي اها به پنهنجي مڪمل طاقت مطابق نه هلندي آهي، صرف لڳ ڀڳ 40 سيڪڙو لوڊ تي هلي رهي آهي ان جو نتيجو اِهو نڪري ٿو ته لڳايل بجلي پيدا ڪرڻ واري صلاحيت جو لڳ ڀڳ اڌ حصو بيڪار پيو رهي، استعمال ۾ ئي نٿو اچي. پر ان هوندي به بجلي ڪمپنين کي معاهدي موجب انهن جي پوري صلاحيت جي حساب سان پيسا (جنهن کي ڪيپسٽي پيمنٽس چيو وڃي ٿو) ملندا رهن ٿا، پلي بجلي نهي يا نه نهي.

هيءُ معاملو ان ڪري به اهم آهي جو 2015ع واري انرجي پاليسي تحت 'ڪيپسٽي پيمنٽ' 60 سيڪڙو مان وڌائي 85 سيڪڙو ڪئي وئي مطلب ته جيڪڏهن ڪنهن بجلي گهر مان بجلي ورتي نه وڃي ٿي نه تڏهن به حڪومت کي ان کي 85 سيڪڙو جي حساب سان پيسا ڏيڻا پوندا. هن خرچن جو ٻيو پاسو اِهو آهي ته اونهاري ۾ جڏهن گهڻي ۾ گهڻي بجلي جي ضرورت لڳ ڀڳ 30 هزار ميگاواٽ ٿي وڃي ٿي، ته ان کي پورو ڪرڻ لاءِ ضرورت کان وڌيڪ پاور پلانٽ لڳايا ويا. نتيجي ۾ هاڻي حالتون اهڙيون ٿي ويون آهن جو دنيا ۾ عام طور ڪيپسٽي پيمنٽس جو خرچ 30 کان 35 سيڪڙو هوندو آهي، پر اسان وٽ اهو وڌي 62 کان 70 سيڪڙو تائين پهچي ويو آهي. جيڪو تمام گهڻو آهي. 2020ع واري جاچ رپورٽ ڪانپوءِ 46 آءِ پي پيز جي معاهدن تي ٻيهر نظرثاني ڪئي وئي، پر چيني منصوبن کي هن ۾ شامل نه ڪيو ويو. چو ته انهن صاف انڪار ڪيو ته هُو پنهنجا معاهدا ٻيهر کولين يا تبديل ڪن. انهن جو چوڻ هو ته 2016-17ع ۾ جيڪي معاهدا ٿيا هئا، اهي اڳين پاليسين (1994ع، 2002ع وغيره) جي تجربن کي نظر ۾ رکي ڪري ڪيا ويا هئا. بهرحال، ٻين خانگي آءِ پي پيز کي جيڪي پيسا ملن ٿا، اهي ڪُل ڪيپسٽي پيمنٽس جو گهٽ حصو آهن. تازي وقت ۾ خاص طور آءِ پي پيز کي نشانو بڻايو ويو. حڪومت انهن سان معاهدن کي ٻيهر طئي ڪرڻ لاءِ سخت طريقا اختيار ڪيا، جنهن سان سيڙپڪارن (انوسٽرز) جو اعتماد گهٽجي ويو. ان ڳالهه جو اندازو جرمني ۽ برطانيا جي سفارتخانن جي شڪايتن مان به لڳي ٿو اهڙن قدمن جو اثر اهو ٿي سگهي ٿو ته اڳتي هلي ملڪ اندر ۽ ٻاهر کان ايندڙ سيڙپڪاري گهٽجي وڃي. ان سان بجلي ورهائڻ وارين ڪمپنين (ڊسڪوز) نجي ڪرڻ جو عمل به متاثر ٿي سگهي ٿو. خاص ڪري ان ڪري جو آءِ پي پيز سان معاهدا پاڻ حڪومت جي پاليسين ۽ گارنٽين تحت ڪيا ويا هئا. ٻيو وڏو مسئلو روپئي ۽ ڊالر جو فرق آهي، جنهن ڪري بجلي مهانگي ٿي پئي آهي. جڏهن ڊالر مهانگو ٿئي ٿو ۽ وياج (سود) جي شرح وڌي ٿي، ته بجلي جا اگهه به وڌن ٿا، جنهن ڪري ماڻهو گهٽ بجلي وٺن ٿا. ڪيترين ٽيڪسٽائل فيڪٽريون ته بند ٿي ويون ۽ ڪجهه ٻين سرڪاري بجلي ڇڏي متبادل ذريعا (جهڙوڪ سولر) اختيار ڪري ورتا. معيشت سستي هئڻ ۽ طلب گهٽ ٿيڻ جو مطلب اِهو آهي ته جيڪي مقرر ڪيل ڪيپسٽي پيمنٽس آهن، اهي هاڻي گهٽ صارفين مان وصول ڪيا پيا وڃن. نتيجي ۾ بجلي جا اگهه وڌيڪ وڌي وڃن ٿا. ان تي وري ٽيڪس ۽ اضافي چارجز به آهن. جيڪي بل جو لڳ ڀڳ 35 سيڪڙو حصو بڻجن ٿا، جنهن سان عوام تي وڌيڪ بار پوي ٿو.

اڄوڪو ڏينهن - 25 مارچ

ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو



شمس العلماءُ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جو شمار سنڌ جي برک اديبن دانشورن ۽ تعليمي ماهرن ۾ ٿئي ٿو هن انمول انسان جو جنم 25 مارچ 1896ع تي سيوهڻ تعلقي جي مشهور ڳوٺ ٽلٽيءَ ۾ ٿيو ابتدائي تعليم ٽلٽيءَ جي پرائمري ۽ اي وي اسڪول ۾ حاصل ڪيائين ان بعد ٽي سال نوشهري فيروز مدرسي ۾ پڙهيو مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسته اسلام هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين جنهن ۾ سڄي سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو هن بي اي جي سند ڊي جي سنڌ ڪاليج مان پهرين پوزيشن سان حاصل ڪئي 1921ع ۾ بمبئي (هاڻي ممبئي) يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين اڳتي هلي انگلينڊ جي ڪئمبرج يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽريٽ جي سند حاصل ڪيائين وطن واپس ورڻ کان پوءِ کيس سنڌ مدرسي هاءِ اسڪول جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو 1930ع کان 1939ع تائين هن اسماعيل يوسف ڪاليج بمبئيءَ ۾ عربيءَ جي پروفيسر طور ڪم ڪيو 1939ع کان 1950ع تائين هن ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن سنڌ جي عهدي تي رهي ڪم ڪيو 1940ع ۾ کيس شمس العلماءُ جي خطاب سان نوازيو ويو 1957ع ۾ هن کي مشهور ادبي رسالي مهراڻ جو ايڊيٽر ٿيڻ جو اعزاز مليو هن ڪيترائي ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا هن 22 نومبر 1958ع تي وفات ڪئي کيس ڀٽ شاهه ۾ دفنايو ويو

چيٽانند پونداس لالواڻي

سنڌي ساهتي ۽ صحافتي دنيا ۾ چيٽانند پونداس لالواڻيءَ جو نالو ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي هن پنهنجي زندگيءَ جا 60 کان به وڌيڪ سال ادب ۽ صحافت جي خدمت ڪندي گذاريا. هن ساڃاهه وند ساهتڪار 25 مارچ 1916ع تي حيدرآباد ۾ اکيون کوليون فقط ٻارهين ڪلاس تائين پڙهي سگهيو هو هڪ سچو فريڊم فائٽر هو انگريز سرڪار خلاف شاندار ليک لکيائين جنهن ڪري سرڪار مٿس ڏمرجي پئي ۽ کيس سال تائين جيل ۾ بند ڪيو ويو 1947ع ۾ ورهاڱي جا وڍ کٽي ممبئيءَ جا وڻ وڃي وسايائين هندستان ۾ ڀارت جيوڻ نالي رسالي جي ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين ان کان علاوه ٻارڙن جي رسالن گل ڦل ۽ راج رتن جو پڻ ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيائين پاڻ هڪ وڏو پبلشر پڻ هو ۽ ڪيترن ئي سنڌي اديبن جا ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪيائين هن مختلف سياستدانن جي سوانح حيات ۽ سنڌن ڪارنامن تي ڪتاب لکيا ۽ ڪيترائي مذهبي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپرايا. هن آگسٽ 1998ع ۾ هيءُ جهان ڇڏيو

موهن چاڇڙيا

موهن چاڇڙيا اسٽيج جو مشهور اداڪار، ريڊيو جو صداڪار ۽ سنڌيءَ ۾ پتلين جا تماشا ڏيکاريندڙ اولين

فارم تان ڪيترائي يادگار ثقافتي پروگرام پيش ڪيا. هن ڪيترائي نوان سنڌي فنڪار به متعارف ڪرايا. هن مختلف راڳيندڙن جي آواز ۾ 100 کان وڌيڪ آڊيو ڪيسٽون مارڪيٽ ۾ آڻي سنڌي موسيقيءَ کي مقبول بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هن جون 1987ع ۾ زندگيءَ جي اسٽيج تان هميشه لاءِ موڪلايو.

پاٺو هيمن



پاٺو هيمن جو جنم 25 مارچ 1934ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو سنڌس پيءُ جو نالو صاحب هوندومل ۽ ماءُ جو نالو سٽي ٻائي هو هن سنڌي چار درجا ۽ انگريزي ٽي درجا حيدرآباد ۾ پڙهيا. 1948ع ۾ سنڌس ڪٽنب سنڌ ڇڏي هندستان جي شهر بڙودا ۾ وڃي ٿانئڪو ٿيو جتي هن مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو هن ٽي سال آفريڪي ملڪ نائيجيريا ۾ نوڪري ڪئي ان بعد واپس هندستان ۾ اچي ڳوٺن جا نقشا ناهڻ واري ڪاتي ۾ نوڪري ڪيائين سال ڪانپوءِ اها نوڪري ڇڏي ڪلڪتي ۾ هڪ خانگي نوڪري ڪيائين لکڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس سنڌس اوائلي شاعري هندواسي رسالي ۾ ڇپجندي هئي جوانيءَ واري زماني ۾ ڪاروباري مصروفيتن سبب ادب کان گهڻو ڪري پري رهيو پر 1996ع ۾ ٻيهر لکڻ شروع ڪيائين هن چار ڪتاب لکيا، جن ۾ "من تون جوت سروپ لکُ"، "ٻيحد ڏيٺو ٻار"، "سمنڊ سمايو بوند ۾" ۽ "ساوڻ" شامل آهن انهن ڪتابن جو هندي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي

ڊاڪٽر محبت برڙو



اڄ مشهور ليکڪ ڊاڪٽر محبت برڙي جي جنم جو ڏينهن آهي هو 25 مارچ 1952ع تي قمبر شهر ۾ شوڪت علي برڙي جي گهر ۾ پيدا ٿيو مئٽرڪ تائين تعليم قمبر ۾ حاصل ڪيائين ٻارهين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين بعد ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات پاڪستان آرميءَ ۾ بطور ڊاڪٽر ڪئپٽن طور ڪيائين پر ٿوري عرصي کان پوءِ اتان استعيفا ڏئي ڪراچيءَ جي خانگي اسپتالن ۾ نوڪري ڪيائين اڳتي هلي قمبر ۾ ڪيلنڪ کولي مريضن جو علاج ڪرڻ لڳو لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ شاگرديءَ دوران ڪهاڻيون ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيائين هن "روزاني جاڳو" ۽ "روزاني هلال پاڪستان" ۾ به صحافتي خدمتون سرانجام ڏنيون 1978ع ۾ هن ڏاهپ ڪتاب گهر نالي قمبر ۾ هڪ اشاعتي اداري جو بنياد وڌو هن مختلف سياسي ۽ سماجي موضوعن تي لڳ ڀڳ ويهه ڪتاب لکيا، هن 9 اپريل 1997ع تي قمبر ۾ وفات ڪئي.


مختيار انڙ

هو اڃا ننڍو ئي هو جو سنڌس والد اباڻو ڳوٺ ڇڏي اچي پڊعيدن ۾ آباد ٿيو. ان ڪري منصور جي زندگيءَ جو گهڻو حصو پڊعيدن ۾ ئي گذريو هو نوشهري فيروز ۽ شهيد بينظير آباد ضلعن جي مختلف تعليمي ادارن ۾ پڙهيو ايم بي بي ايس جي سند لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان حاصل ڪري ڊاڪٽر ٿيو اڳتي هلي تاشقند يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين هن دنيا جي ڪافي ملڪن جو سير ڪيو ۽ 15 ڪتاب لکيائين انهن ۾ هن جي شاعريءَ جا مجموعا به شامل آهن هن 12 جون 2012ع تي وفات ڪئي

مختيار گهمرو

سنڌ جي هن نامور ساهتڪار 25 مارچ 1955ع تي خيرپورميرس ضلعي جي ڳوٺ ڪيٽي ميرمحمد گهمرو ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات 1975ع ۾ لاڙڪاڻي شگرمل ۾ ڪلارڪيءَ سان ڪئي 1990ع ۾ ڪميشن جو امتحان پاس ڪري تعليم کاتي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو وفات وقت هو رتيديري ڪاليج ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪم ڪري رهيو هو مختيار گهمري 1975ع ڌاري ادبي دنيا ۾ پير پاتو هو هڪ بهترين ليکڪ ۽ شاعر هو سنڌس ڪتابن ۾ "زندگيءَ ڏي موٽ"، "ڪرشن چندر جي ڪهاڻين جو سنڌي ترجمو (مقصود گل سان گڏ)، "چنڊ ستارا جهوليءَ ۾" ۽ "گلن هار" شامل آهن هن 9 جون 2007ع تي وفات ڪئي

ملوڪ لنڊ



ملوڪ لنڊ سنڌ جو ناليوارو ليکڪ، مصنف، محقق ۽ مترجم آهي هن جو جنم 25 مارچ 1957ع تي دادو شهر ۾ نٿوخان لنڊ جي گهر ۾ ٿيو هن پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪئي ۽ ٽريزري آفيسر طور نوڪري ڪئي کيس ننڍي هوندي کان ئي ادبي ڪتاب پڙهڻ جو شوق رهيو. البت باقاعدي لکڻ جي شروعات 1986ع ڌاري ڪيائين هو سنڌي ادبي سنگت دادوءَ جي بنيادي ميمبرن مان هڪ آهي ۽ ادبي سنگت جي پليٽ فارم تي هن ۾ ادبي ڪتاب پڙهڻ ۽ لکڻ جو اتهاس پيدا ڪيو هن دادوءَ ۾ پنهنجي ذاتي خرچ سان سيف الملوڪ نالي لائبريري قائم ڪئي، جنهن ۾ ڪتابن ۽ رسالن جو تعداد لڳ ڀڳ 60 هزار آهي هن هڪ ترجمي نگار طور لکڻ جي شروعات ڪئي، بعد ۾ ادبي ۽ تاريخي مقالا لکڻ شروع ڪيائين سنڌس شروعاتي مضمون ساڃاهه رسالي ۾ ڇپيل آهن ملوڪ لنڊ هڪ درجن کان به وڌيڪ شاندار ڪتاب ترجمو ۽ تاليف ڪيا آهن جن ۾ "مهڙا هلجا

جاگيردارن جي موقعا پرستي" (ترجمو)، "سنڌ جي سياسي تاريخ" (ترجمو)، "سنڌ جي جديد تاريخ" (ترجمو)، "سنڌ جون راڻديون"، "تاريخي ماديت" (ترجمو) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن

ڪاشف حسين سومرو



ڪاشف حسين سومرو سنڌي ۽ اردو ٻولين جو مشهور ليکڪ آهي هن جو جنم 25 مارچ 1982ع ۾ شڪارپور ۾ ٿيو ايم اي (اردو) ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيائين هن واپڊا ۾ ميٽر ريڊر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي ڪجهه عرصو پوليس ڪانسٽيبل طور نوڪري ڪيائين پر 2009ع ۾ انهيءَ ڪاتي مان استعيفا ڏئي تعليم ڪاتي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ادبي دنيا ۾ هڪ شاعر ۽ مضمون نگار طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪيائين. هن جا سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ لکيل مضمون سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندا رهيا. سنڌس ڇپيل ڪتابن ۾ "فاتح سنڌ غازي محمد بن قاسم"، "سنڌ جو سرواڻ مولانا عبدالڪريم قريشي"، "سوانح حيات حضرت مخدوم قريشي سهروردي" ۽ "شاهه عثمان قريشي سهروردي" شامل آهن. هو "پاڪستان رائٽرس گلڊ" سنڌ جو صدر ۽ مهراڻ ادبي سنگت شڪارپور جو جنرل سيڪريٽري رهيو. شڪارپور مان اردو اخبار "ادب نامه" پڻ جاري ڪيائين، جنهن جو پاڻ ئي ايڊيٽر رهيو هن 7 جون 2012ع تي هي جهان ڇڏيو.

استاد بيبو خان

اڄ مشهور موسيقار ۽ ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي ماهر راڳيءَ استاد بيبي خان جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو اصل نالو محمد ابراهيم هو ۽ سنڌس جنم 1904ع ڌاري شڪارپور ۾ ٿيو هن موسيقيءَ جي تربيت پنهنجي والد استاد گامڻ خان کان ورتي ان کان علاوه استاد مبارڪ علي خان ۽ استاد مراد علي خان کان موسيقيءَ جا پيچ ۽ تاپ سکيو هو پنهنجي دور جو وڏو راڳي هو آل انڊيا ريڊيو هر مهيني ڳائڻ لاءِ کيس گهرائيندو هو هن ڪيترائي مشهور شاگرد پيدا ڪيا، جن ۾ استاد قدرت الله خان، استاد نياز حسين استاد فدا حسين محمد هاشم ڪچي، مائي الهه وسائي ۽ ٻيا شامل آهن هن 25 مارچ 1952ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي

مظهر ابڙو

هن مشهور ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڊراما نگار ۽

شاعر جو جنم 25 اپريل 1971ع تي خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ ڪولاب جيئل ۾ ٿيو سنڌي ادب ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ تعليم کاتي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪري پروفيسر جي عهدي

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل سيشن جج I ڄامشورو
(روبرو جناب الطاف حسين ٻجراڻي)
سڪسيشن درخواست نمبر 15 سال 2026

اشفاق گوهر ولد الطاف علي گوهر مسلم بالغ ذات پٺي رهندڙ گهرنمبر 38-39 ظفر هائوسنگ سوسائٽي ڄامشورو تالڪ تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو. اپليڪينٽ ..بخلاف. (1) الطاف گوهر پٺي (2) ارم گوهر (3) فاطمه نور سپ پٽ ڏيٿرون الطاف علي گوهر سيريل نمبر 03 ماٿر معرفت گارڊين اشفاق گوهر رهندڙ گهرنمبر 38-39 ظفر هائوسنگ سوسائٽي ڄامشورو تالڪ تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو (4) مينيجر NBP ايل اير سي برانچ ڄامشورو (5)مينيجر NBP ڪوٽڙي برانچ (6) انچارج نادرا آفيس ڪوٽڙي (7) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين اپونٽنس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ توهان جي خلاف سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 30-03-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل سيشن جج I ڄامشورو

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج V حيدرآباد
(روبرو جناب فهد ڪلهوڙو)
ايف سي سوٽ 119 سال 2026

عبدالقادر بروهي ولد غلام حسين رهندڙ ڳوٺ محمد خان بروهي ٽنڊو محمد خان روڊ سري حيدرآباد سيل نمبر 03163995759. پلينٽف ..بخلاف.. مسمات عشرت فاطمه زال مرحوم اياز علي بڊدي رهندڙ ڳوٺ علو بڊدي ٽنڊو محمد خان روڊ سري حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين اپونٽنس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف سوٽ فار رڪوري امائونٽ -/105.0000 روپيا۽ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج V حيدرآباد

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج II ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ سال 2026

مسمات آصفه عمراڻي ڌيءُ شمس الدين معرفت اٽارني ذين العابدين رهندڙ گهر نمبر 778/B پاٽولي محلو ٽنڊو الهيار. پلينٽف ..بخلاف.. عبدالقادر عمراڻي ولد عبدالعزيز عمراڻي رهندڙ حيدرآباد ٽائون فيز 1 نزد گول مسجد گهر نمبر A/6 قاسم آباد حيدرآباد 03463185052 .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين اپونٽنس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 26-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج II ٽنڊو الهيار

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج II مورو
(روبرو جناب جميل مصطفيٰ انصاري)
گارڊين سوٽ سال 2025

خدابخش ولد امام بخش ذات سولنگي رهندڙ محلو وارڊ نمبر 20 Gachero مورو ضلعو نوشهروفيروز. اپليڪينٽ ..بخلاف.. (1) مسمات روزينا زال خدا بخش (2) الهي بخش ولد خدا بخش (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج..اپونٽنس (1) قلندر بخش ولد خدا بخش (2) غوث بخش ... مائنر

نالي مٿئين اپونٽنس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ زير قلم 7.10.29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج II مورو

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول / فيملي جج اينڊ جي اير I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
گارڊين سوٽ 05 سال 2026

محمد ڪيف ولد خير محمد ڏاهري رهندڙ محلو مير وارڊ نمبر 02 ڪاليج روڊ ٽنڊو جان محمد تعلقو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص.. اپليڪينٽ..بخلاف..(1) مسمات سدوري بيواه خير محمد (2) مسمات رابعه بيواه خير محمد (3) اويس الله ولد خير محمد (4) سيف الله ولد خير محمد (5) مخدوم عبدالحسن ولد خير محمد (6) جنرل پبلڪ ايٽ لارج... اپونٽنس (1) محمد جام ولد خير محمد (2) ماهروز ڌيءُ خير محمد ... مائنر

نالي مٿئين اپونٽنس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ زير قلم 7.10.29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي اير I ڏگهڙي

پيءُ جي نالي جي درستي

جيئن ته منهنجي تعليمي سرٽيفڪيٽ ۾ غلطي سان منهنجي والد جو نالو سڄڻ علي لکجي ويو آهي . جيڪو صحيح ڪري سڄڻ لکيو ۽ پڙهيو وڃي

پر ويشا PARWESHA ولد سڄڻ محلو پير پٽ شاهه تعلقو ۽ ضلعو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي مسمات فائزا ڪوثر ڌيءُ پير علي قطب شاهه درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي پير علي قطب شاهه ولد پير ملوڪ شاهه جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه جيڙانڊي ٽپو دونگهڙي تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 228 ۽ ٻين ۾ اپراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام شهر بدين تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جي جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي نالي پيرعلي قطب شاهه ولد پير ملوڪ شاهه جي جائز وارثن جو نالو وارثن جا 1 مسمات فائزا ڪوثر ڌيءُ فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

لاتعلقي جو اظهار

هر عام و خاص ماڻهن لاءِ پڌرو ڪجي ٿو ته اٿون نالي عثمان سومرو ولد محمد سومرو پڌرو ٿو ڪريان ته منهنجو پٽ نالي غلام شبير ولد عثمان سومرو جيڪو غلط ماڻهن جي سنگت صحبت ۾ اچي خراب ٿي ويو آهي اسان جي چوڻ ۾ ن آهي ڪافي سمجهائڻ باوجود ته پيو سمجهي هاڻي بيزار ٿي اچ ڪانهو، غلام شبير ولد عثمان سومرو سان لاتعلقي لو ڪريان منهنجو ساڻس هاڻي ڪوبه واسطو تعلق نه آهي پاڻ ڪنهن سان ڪاڏيتي ليتي ڪندو يا ڪو به سرڪاري غير سرڪاري ماڻهو ساڻس ڪابه ڏيتي ليتي ڪندو يا ڪو غير قانوني ڪم ڪندو ته ان سان منهنجو ڪو واسطو نه آهي ان جو خود هو پاڻ ذميدار هوندو هي منهنجو بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

عثمان سومرو ولد محمد سومرو ويئل ڳوٺ الهڏنو سومرو ابو شيخا وارڊ نمبر 6 بدين

بقايا 1 روزاني 'عبرت'

فائرنگ ۾ 35 سالا نوجوان سادات وساڻ ٿلاڏي تي قتل ٿي ويو، هٿيار بندن سڌا فائر ڪري مير پاڙي جي نظر محمد شاهه دولهه واري پڙ جي اڳيان ڏکي تي ويٺل نوجوان سادات وساڻ تي سڌا فائر ڪيا ، نوجوان کي گلي ۽ مٿي ۾ گولي لڳي جنهن سبب هو ٿلاڏي تي قتل ٿي ويو، قتل ٿي ويل پورهيت نوجوان جي لاش کي پوليس پوسٽ مارٽم لاءِ سرڪاري اسپتال ڪاٽائي آئي ، پوسٽ مارٽم بعد وارث لاش کي مير پاڙي ڪاٽائي ويا ، جتي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ، پوليس جو چوڻ آهي ته وارث جيڪا ايف آءِ آر داخل ڪرائيندا ، انهن جي مطابق ايف آءِ آر داخل ڪئي ويندي ، جوابدار جي گرفتاري لاءِ پوليس ڇاپا هڻي رهي آهي ، آخري اطلاع تائين ايف آءِ آر داخل نه ڪئي وئي ، قتل واري واقعي تي علائقي ۾ سوڳ ڇانيل آهي. جڏهن ته قتل واري واقعي بابت وارثن ڪو به موقف ظاهر نه ڪيو آهي ، علائقي ۾ چوٻول آهي ته قتل واري واقعي ۾ مهندي ڳاڏاهي ۽ 2 نامعلوم شامل هئا. پوليس ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آندي آهي.

بقايا 2 روزاني 'عبرت'

ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومروتفصيل موجب، ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ٻڌايو ته شاهه حسين ۽ ٻي سيڪشن ٿاڻن جي حدن ۾ پوليس ڪامياب ڪارروائي ڪندي منشيات ۽ جوا جا اڏا هلائيندڙ 16 جوابدار گرفتار ڪيا آهن.هن چيو ته گرفتار جوابدارن وٽان وڏي مقدار ۾ منشيات ۽ 3 لک رپيا نقد هٿ آيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته منشيات ۽ جوا جا اڏا هلائيندڙ وڏا ڏوهاري ۽ انسان دشمن آهن ۽ خيرپور کي منشيات کان پاڪ ضلعو بڻائڻ ۽ جوا جي اڏن جو خاتمو ڪيو ويندوايس ايس پي موجب، گرفتار جوابدارن خلاف منشيات ۽ جوا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ۽ انهن کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري آهي. هن واضح ڪيو ته اهڙن ڏوهارين خلاف ڪارروائيون مسلسل جاري رهنديون ۽ ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڏني ويندي.جڏهن ته گرفتار جوابدارن ۾ دلبر علي قليوثي سجاد چڍهڙ سدهير مگسي، اشفاق جمالي ڪريم بخش سڙڪي، منور علي ميتلو نثار شيخ جميل ٿهيم، پرويز مهر گل محمد ميتلو سهيل لنجواڻي عامر لنجواڻي سعيد احمد لنجواڻي سيف الله ابڙو سهيل جمالي ۽ سجاد جمالي شامل آهن.

بقايا 3 روزاني 'عبرت'

هئي ته هڪ مشڪوڪ ڪار ڪراچي کان خيرپور ڏانهن اچي رهي آهي جنهن تي هن ايس ايڇ او ڪوٽ ڏيجي منشاد ڪلوڙ کي ناڪابندي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ناڪابندي دوران پوليس ڪار کي روڪي تلاشي ورتي ۽ منشيات برآمد ڪئي.پوليس ڪار ۾ سوار جوابدار معشوق اوڍ کي گرفتار ڪري سندس خلاف ڪيس داخل ڪيو آهي. جوابدار وٽان هٿ آيل ڪار ڪجهه ڏينهن اڳ ڪراچي جي سرسيد ٿاڻي جي حد مان چوري ٿي هئي. جوابدار جي گرفتاري بابت ڪراچي پوليس کي پڻ اطلاع ڏنو ويو آهي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 4 روزاني 'عبرت'

رسو وجهي آپگهات ڪري ڇڏيو واقعي جي اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪٽائي تعلقه اسپتال پهچايو جتي ڊاڪٽرن پاران سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي ان موقعي تي فوتي جي وارثن ٻڌايو ته اسلم شاهه گهريلو پريشانين کان تنگ اچي اهڙو انتهائي قدم کنيو آهي ٻئي طرف اسپتال انتظاميا پاران فوتي جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

بقايا 5 روزاني 'عبرت'

جتوئي رڪيل سوراڻي شاهه لطيف جي ايم شاهه، سيده سونهن شاهه انور ساگر ڪانڊڙو ستار سندر ، ڊاڪٽر مشتاق ڦل بخشل باغي اقبال شاهين زرينه ملاح ، ڊاڪٽر سيده عصمت شاهه ، غلام مجتبي جوکيو ريحان چنه ، انور آزاد ڪانڊڙو دانش بخاري ، مختيار ملڪ عزيز قاسماڻي ، ماروجمالي ، معشوق ذاريجو مجيبي ملاح ، نظير ناز جويو پارومل خالد راڄپر ، ايڊووڪيٽ ستار هليو مختيار شاهه مختيان جبار جوش عاشق دادوي ، شير مهراڻي ، پريتم قاضي ، مسافر لاڪي عاجز قادربخش ، نور ڪيريو گلشير ڪوريجو منظور علي شاهه منظور ، اصغر پرياڻي سجاد مهر زبير سومرو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي مقررين خطاب ڪندي چيو ته راشد موراڻي سنڌ جو قومي ۽ عوامي مزاحمتي باغي شاعر هو جنهن جي شاعري ۾ ڌرتي جو درد سمايل آهي هو وڏو مهان با عمل ڪردار وارو شاعر هو جيڪو سنڌ جي ماڻهن جي دلين ۾ سمايل آهي ان جو فڪر ۽ عمل سنڌ جي ماڻهن کي حقيقي رستي تي وٺي هلي ٿو هو شاعر محبت ۽ شاعر انقلاب به هو هو آدرشي استاد به هو سائين جو جنم ڌرتي ۽ ڌرتي جي ماڻهن لاءِ پاڪ وارو هو پنهنجي سنڌ ٻولي، مٽيءَ ۽ ماڻهن سان محبت ڪرڻ وارو شاعر هو هن جي شاعريءَ نئين نسل لاءِ راهه همواز آهي ۽ حق سچ وارو رستو آهي جنهن جي تربيت راشد موراڻي ڪئي هجي اهي ماڻهو هميشه سرخرو رهيا آهن هن جي شاعري سنڌ جي ماڻهن ۾ شعور ۽ اتساهه پيدا ڪيو آهي هو وقت جو پابند سچو ۽ کرو انسان هو چاهي کير ٻه هجي سچ چئي ڏيندو هو هن سنڌ جي خوشحالي واري ۽ علم ادب واري قافلي کي اڳتي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو هڪ ادارو هو جنهن وڏي تعداد ۾ شاگرد پيدا ڪيا جيڪي سنڌ جي خوشحالي ترقي تعمير ۾ ڪم ڪري رهيا آهن هو سنڌ جو سرمايو ۽ اثاثو هو جنهن پوري زندگيءَ سنڌ ۽ مظلوم ماڻهن لاءِ لازوال جدوجهد ڪئي ظلم ڏاڍ ۽ جبر خلاف پنهنجي شاعري ذريعي آواز بلند ڪيو هر قيندڙ جدوجهد ظلم ڏاڍ جي اڳواڻي ڪئي هو بيخوف دلير انسان هو اهڙا انسان ڪڏهن به مرندا ناهن هميشه زنده آهن هن سنڌ جي حقن جي حاصلات لاءِ لازوال جدوجهد ڪئي جهر جنگ رستي واهڙ ۾ وڃي هارين مزدورن پورهيتن کي پنهنجي حقن بابت آگاهي ڏني ۽ انهن کي پنهنجي حق وٺڻ جو ڏگ ڏنو هن وڌيڪ چيو ته راشد موراڻي جون روشن اکيون ۽ شاعري سنڌ جي ماڻهن کي اونداهي ۾ روشن راهه ڏيکاري هن جي نقش قدم تي هلڻ سان اسان پنهنجي حقيقي منزل ماڻي سگهنداسين هو سنڌ جو سچو عاشق هو جنهن جي شاعري سنڌ جي ترقي تعمير خوشحالي ۽ اڳتي لاءِ هلندڙ تحريڪ کي مضبوط ڪيو مورو ۾ راشد موراڻي جي مهان ڪردار جي ڪري راشد موراڻي جي نالي تي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪئمپس قائم ٿيو آهي جيڪو سنڌ جي بهترين تعليم ادارن ۾ هڪ آهي ۽ ٻين ڪيترن ادارن جا نالا راشد موراڻي جي نالي تي لکيل آهن هن تقريب ۾ سنڌ جي مختلف شهرن کان آيل نالي وارن شاعرن سائين راشد موراڻي جي ترنم ۾ شاعري پڙهي داد حاصل ڪيو ۽ فنڪارن جن غلام شبير شاهاڻي ڪامران رضوان چانڊيو دليدار اوٺو پڻ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو ۽ ان کان اڳ آيل مهمانن شاهه لطيف جي اڳواڻي ۾ راشد موراڻي جي مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي گل نچاور ڪيا ۽ سنڌن جي شاعري پڙهي هن تقريب جون ٻي نشستون ٿيون جنهن ۾ ادبي تقريب جي صدارت مدد علي سنڌي ڪئي مشاعري جي صدارت سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل احمد سولنگي ڪئي ۽ تقرير جي صدارت تاج جويو ڪئي ۽ اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض منظور علي شاهه منظور مختيار علي شاهه ۽ مجيبي ملاح سرانجام ڏنا هن تقريب ۾ رسول بخش بگهيو گيجراڻي نجم سرهيه خالد ساحل ڪيريو ايڊووڪيٽ گلزار عالماڻي ، شمشاد سومرو ، سڪندر ڪوراڻي ، حبيب خاصخيلي قربان ڪوسو ايم ظفر ڏگهر اعجاز ممناڻي ، اسلم عباسي سيد محسن شاهه عبدالرزاق مستوئي ، مظهر خاصخيلي، راڻا شير محمد، حاجي نثار ميمڻ سڪندر جروار محسن معشوق ابڙو حسن شاهه صوفائي عزيز پنهور فهد رضا ميمڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 6 روزاني 'عبرت'

مير روحل خان ڪوسو ۽ مورو ايس ايڇ او ۽ CIA انچارج جاءِ واردات تي پهچي شاهنواز سولنگي سان تفصيل ورتا، جاچ ڪري رهيا آهيون جديد ٽيڪنالوجي مدد سان سان ڦورن جي ڳولها ڪئي ويندي ۽ رقم واپس ڪرائي ويندي،هن واردات بعد مورو ۾ اس پاس سخت خوف هراس ڇانيل آهي ياد رهي اڳ عرصو ڪان مورو تعلقي ۾ بدامني چوٽ چاڙهيل آهي.

بقايا 7 روزاني 'عبرت'

ميرپور ماٿيلو منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هوڏانهن واقعو گهجهارت بڻيل هجڻ سبب ۽ علائقي ۾ مختلف چوٻول هلڻ سبب پوليس واقعي جي هر رخ کان جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي پر خبر فائيل ٿيڻ تائين موت جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو هو.

بقايا 8 روزاني 'عبرت'

تعداد ۾ سياسي سماجي ڪارڪنن راڄن جي چڱن مڙسن ۽ عورتن ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سيد زين شاهه خطاب ڪندي چيو ته ڪاڪا علڻ ٿيبو متحرڪ ڪردار رهيو آهي سندس شخصيت جا گهڻا پاسا آهن بابا امداد جو ويجهو ساٿي رهيو جنهن سبب ساڻس ڪچهريون ۽ سفر صلاح مشورو ۾ رهيا هڪ مثالي ڪردار ڇڏي ويو سنڌ دوست عملي طور وطن دوست ڪردار رکندڙ شخصيت هو سائين جي ايم سيد جو تعلق خانداني ۽ هڪ ٿي ڪنڌي تي رهڻ وارو رهيو سندس سائين سان نظرياتي ۽ جذباتي لڳاءِ سبب ويجهڙائپ پيدا ٿي جنهن کان پوءِ ڪاڪا جو ڪردار راڄوٽي معاملن کان هٽي سچي قومي ڪارڪن ۽ سماج سڌارڪ وارو رهيو ڪاڪا علڻ سيد جي صحبت سبب حوالي پيداگير لالچ اقتدار جي حوس بجاءِ قومي سياست ڪئي انگريز دور کان شخصي چڱ مڙسي لاءِ ڪيترائي وڏيرن سياست ڪئي جيڪا اڄ به جاري آهي پر ڪاڪا علڻ 60 جي ڏهاڪي کان مثالي متحرڪ سماجي ڪردار رهيو سائين جي ايم سيد جي سمورن ڪمن کي لبيڪ چئي دنيا جي ڪتب ڪرڻ پهتو سيد زين شاهه چيو ته غلامي جو اهم عنصر ديسي دلال آهي جن کي سڃاڻڻ ڪارڪن تاريخي وطن جي وارثي ڪرڻ جو پيغام عام ڪن پيپلز پارٽي سنڌ جا هميشه سودا ڪيا آهن پرائيوٽ اسڪولن مان سنڌي ٻولي کي ختم ڪيو ويو ڪوٽلو سمنڊ گئس زمينون صوبائي سبجيڪٽ آهي پر ڦر ڪول نڪرڻ کان پوءِ وفاقي اٿارٽي حوالي ڪيا جمهوري نظام ڏکي جو ڏاهه آهي ڪرپشن ۽ لٽ مار ناانصافي عروج تي آهي جنهن ڪري اينڊڙ نسلن کي بچائڻ لاءِ سائين جي ايم سيد ۽ ڪاڪا علڻ خان ٿيبو جي ڪردارن تي عمل سان سنڌ بچائي سگهجي ٿي صوبن کي مڪمل اختيار هجن سنڌي ٻولي کي انتظامي آفيسن ۽ تعليمي ادارن ۾ لاڳو ڪئي وڃي ڏارين تي بندش هئڻ وڃي انتقامي ڪارروائي ڪوڙا ڪيس ڪيا پيا وڃن اسان وٽ صرف پرامن سياسي ڪردار آهي جنهن کان ڊڄن ٿا امير آزاد پهنور خطاب ڪندي چيو ته منظورآباد سامهون سنڌو درياهه رهي ٿو اهڙي درياهه جهڙي شخصيت ڪاڪا علڻ خان ٿيبو جي ڪردار تي ڳالهائي پيدا پيش ڪيون پيا راڄن تنڳن جا رڪوال هجن ۽ قومي مسئلن تي به جدوجهد ۾ ميدان تي هجڻ اهڙا وڏيرا هئڻ گهرجن جيڪي سياست عبادت سمجهي ڪن جيئن ڪاڪا علڻ خان رهيو ڪاڪا علڻ جي ڪردار جي روشني ۾ هلڻ گهرجي ڪي وڏيرا قومي غيرت کان وانجهيل هوندا آهن حڪمرانن ڪوٽلو سمنڊ زمينون وڪرو ڪري ڇڏيون آهن

بقايا 9 روزاني 'عبرت'

۾ ڪارين پڻ سالن کان غائب ان سلسلي ۾ ذريعن کان مليل ڄاڻ موجب ٽائون جي فائربريگيڊ گاڏي سالن کان مڪمل طور تي خراب حالت ۾ بيٺل آهي، ساڳي گاڏي سرڪاري رڪارڊ ۾ "هلندڙ" ڏيکاري ماهوار لکين رپين جو تيل خرچ ٿيڻ جا انڪشاف ٿيو آهي ذريعن موجب فائربريگيڊ جي گاڏي گذريل ڪيترن ئي سالن کان ڪنهن به ايمرجنسي ۾ استعمال نه ٿي سگهي آهي، ٽائون ملازم گاڏي ۾ پيل قيمتي سامان بيٽريون جنريٽر پڻ وڪرو ڪري ڇڏيا آهن جنهن سبب گاڏي ڪمل طور تي ناڪاره بڻيل آهي ان جي باوجود ٽائون چيئرمين ۽ انتظاميا طرفان خراب گاڏي کي مرمت ڪرائڻ بدران هر مهيني لڳ ڀڳ پنج لک رپين جو تيل ان ئي گاڏي جي نالي تي جاري ڪيو وڃي ٿو .شهرين جو چوڻ آهي سنڌ سرڪار طرفان 2013 ۾ مليل فائربريگيڊ گاڏي ڏهن سالن ۾ مڪمل طور ناڪاره بڻائڻ تي ٽائون انتظاميا تي شهرين پاران حيرت جواظهار ڪيو ويو آهي شهرين جو چوڻ آهي ته جيڪا گاڏي اسٽارٽ به نٿي ٿئي، سا آخر تيل ڪيئن پي ٿي وڃي باهه جي واقعن دوران فائربريگيڊ نه پهچڻ ڪري ڪيترن ئي دوڪانن گهرن ۽ ڪاروبارن کي لکين رپين جو نقصان برداشت ڪرڻو پيو آهي جڏهن ته انتظاميا صرف ڪاغذن ۾ ڪارروائيون ڏيکاري پنهنجا فرض پورا ڪري رهي آهي گاڏي تي مرمت نه ٿيڻ ڪري ڏهن سالن جي مختصر عرصي ۾ گاڏي کي ناڪاره بڻايو ويو آهي ٽي ٽريڪٽر پڻ بااثر ماڻهن جي زمينن ۾ استعمال ٿي رهيا آهن جڏهن ته ٽائون ڪاميٽي کي مليل ٻه ڪارين پڻ ٽيڪسي طور هلي رهيون آهن ۽ گند کڻڻ واري سموري مشينري ٽائون آفيس آڏو ناڪاره بڻيل هجڻ ڪري شهر گندگي جو ڍير بڻيل آهي سماجي ۽ واپاري حلقن هن سنگين معاملي تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي اينٽي ڪرپشن نيب سميت وس وارن ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور اعليٰ سطحي جاچ ڪرائي وڃي، ناڪاره گاڏي جي نالي تي ٿيندڙ تيل خرچ جي رڪارڊ جي ڇنڊڇاڻ ڪئي وڃي ۽ ٽائون ڪاميٽي مان ٻن ڪارن سميت گم ٿيل مشينري ظاهر ڪئي وڃي ۽ ملوث آفيسرن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي شهرين جو چوڻ آهي ته ٽائون ڪاميٽي چيئرمين پهچڻ بعد به ڪروڙن جي گرينٽ گاڏي ورتي آهي تري ميرواهه شهر ۾ سندس مقرري دوران ڪو ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهي.

بقايا 10 روزاني 'عبرت'

عيد ملهائي رهيا هئا، ته ٻئي طرف آپريشن جي ايس او ڪنسٽرڪشن ۽ جي ايس سي جون اسان جون ٽيمون بجلي جي فراهمي جي نگراني ڪري رهيون هيون توهان سڀ اسان جا فرنٽ لائن ورڪر آهيو جيڪي گرمي، سردي، واءُ ۽ طوفان ۾ يا عيد جهڙي ڏينهن تي به پنهنجا فرض ادا ڪندي بجلي جي فراهمي جي نگراني ڪري رهيا آهيو جنهن لاءِ مان توهان سڀني کي مبارڪباد ڏيان ٿو ۽ عيد الفطر جي مبارڪباد ۾ ڏيان ٿو خاص طور تي چيف آپريٽنگ آفيسر اعجاز احمد شيخ جي نگراني ۾ ڪنٽرول روم ۾ پنهنجا فرض سرانجام ڏيندڙ سڀني آفيسرن ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف کي،" هن وڌيڪ چيو ته اسان جو واضح پيغام آهي ته توهان فوري طور تي پنهنجا بجلي جا واجبات ادا ڪريو ٻي صورت ۾ بجلي ڪٽي ويندي ۽ صارف کي گرفتار ڪرڻ لاءِ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي بجلي چور ملڪ ۽ قوم جو مجرم آهي، تنهن ڪري ان کي ڪنهن به حالت ۾ نه بخشيو ويندو.

بقايا 11 روزاني 'عبرت'

چيو ته منظور علي حاجاڻو جو پنهنجي ڪردار مطابق نالو زندهه آهي منظور علي حاجاڻو آرٽسٽ به هيس منظور علي حاجاڻو جي اينڊڙ ياد ڏهاڙي ڏائين سنڌس جي شاعريءَ جو ڪتاب ڇپجڻ گهرجي سنڌي ٻوليءَ جي شاعر اديب احمد علي صابر چانڊيو چيو ته سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي هن ڌرتيءَ تي سچل سرمست، شاهه عبداللطيف ڀٽائي استاد بخاري، شيخ اياز جهڙن هيرن جو جنم ٿيو آهي جن هميشه پيار محبت سان رهڻ جو درس ڏنو آهي منظور علي حاجاڻو سان پنهنجي ته خاص گهرائپ ڪا نه رهي پر پنهنجو احساس ۽ جذبن جو رشتو رهيو ڇاڪاڻ ته هو ادب جي دنيا جي سفر جو ساٿي هيو هن چيو ته اڄ جا نوجوان شاعر سلو لکن پيا ۽ لکڻ به گهرجي پر اهڙو شاعريءَ اندر پيغام ڏنو وڃي ته جيئن معاشري ۾ سلو پيغام پهچي. بيحيائي کان شاعري پاڪ هجي، لفظ پلي سادا سودا هجن پر آهي اخلاق جي دائري ۾ هجن ڪامريڊ غلام رسول عمراڻي چيو ته سنڌ هميشه سورهيه پٽ ڄڻيا آهن جن ڌرتيءَ جي بقا لاءِ جنگ وڙهي آهي حق حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي هڪ ٿيڻو پوندو جيڪڏهن هڪ نه ٿياسين ته اينڊڙ نسل جا اسان مياري رهنداسين هن چيو ته شاعريءَ ثقافت ڪاتي وارن کي گهرجي ته شاعر منظور علي حاجاڻو جي اڻ ڇپيل شاعري ڪتاب جي صورت ۾ آڻي شاعر سانول ميراڻي چيو ته منظور علي حاجاڻو جي شاعريءَ ۾ گلاب گل جهڙي ۽ رابيل گل جهڙي خوشبو محسوس ٿئي ٿي، هن جي شاعريءَ ۾ پختگي آهي لکڻ جو ڏاءُ به نرالو اٿس سيد سڪندر علي شاهه چيو ته منظور علي حاجاڻو سان منهنجو تعلق تمام گهڻو رهيو مان سنڌس کان بازياڻي شاعري ٻڌندو هيس مان پاڻ ته شاعر ناهيان پر منظور علي حاجاڻو جي شاعري جڏهن ٻڌندو هيس ته ياڻمرادو واهه واهه نڪري ويندي هئي. ڊاڪٽر عزيز قاسماڻي چيو ته منظور علي حاجاڻو جا خيال وسيع آهن شاعري جي پختگي آهي اهڙا شاعر گهٽ آهن جنهن جي شاعري ۾ سوز فيراق ٽوپ هجي. نالپواري فنڪار استاد اڪبر بلوچ چيو ته شاعر قومن جو اثاثو هوندا آهن انهن هيرن کي ياد ڪرڻ ڪو ڏوهه ناهي منظور علي حاجاڻو هڪ ادارو هيو جنهن جو صدين تائين خال رهندو شعيب منظور حاجاڻو چيو ته منهنجي بابا جي ورسي ۽ ياد جو ڏهاڙو ملهايو آهي مان سڀني جو ٿورائتو آهيان هن چيو ته وقت تيزي سان وڌي رهيو آهي دنيا ترقي ڪندي ٿي رهي اسان کي گهرجي ته نياڻين کي تعليم ڏياريون ۽ نفرتون ختم ڪري محبتون قائم ڪريون ان کان اڳ نوجوان راڳي عاشق علي شيخ منظور علي حاجاڻو جو لکيل ڪلام پيش ڪيو صوفي راڳي وزير علي خيراڻي ورسي جي مناسبت سان ڪلام ڳائيو ٻين نشست جي شروعات ۾ جهوني شاعر ڪرم وڳڻ پنهنجي شاعري پيش ڪئي مشاعري ۾ تابش بخاري، حيدرآباد کان آيل سڳهڙ علي اڪبر چانڊيو بالڪ ادي حليمان چانڊيو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا بيت ٻڌائي خوب داد حاصل ڪيو مور مغيري، ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشي الله داد چاچڙ مسڪين عيسي چانڊيو غلام رضا ميمڻ شاگر جمالي اظهر مجيد، بدرڪيهر ڪوڙل قربدار نور احمد جوڻيجو بشير احمد جمالي نادر علي جمالي محمد علي لاڳاهه پنهنجي شاعريءَ ٻڌائي واهه واهه ڪرائي ڇڏي جڳ مشهور شاعر سانول ميراڻي پنهنجي ڪمال جي شاعري ٻڌائي ۽ خوب داد حاصل ڪيو آخري نشست راڳ رنگ جي فنڪار فقير محمد حسن جتوئي، عاشق علي شيخ ۽ فقير وزير علي خيراڻي ڪلام ڳائي ويٺل ماڻهو جهومائي ڇڏيو پروگرام آرگنائيزر برڪت ڳاد آيل مهمان جا ٿورا مڃيا ان موقعي تي فني خدمتن عيوض شاعرن آرٽسٽن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا.

بقايا 12 روزاني 'عبرت'

وڏيري علي انور ڪلهوڙو پنهنجي حياتي ۾ ديهه سڄي ڏنو ڪوٽي ٽپو ڪوٽي ڪلهوڙي ۾ 15 جريب زرعي زمين عارضي طور ڪوٽمت لاءِ سٽوٽ يارمحمد ڪالوني جي رهواسي محرم علي ڪلهوڙو کي ڏني هئي والد جي فوت ٿيڻ کان پوءِ سٽوٽ محرم علي ڪلهوڙو پنهنجي پٽن عرفان ۽ سجاد علي ڪلهوڙو سان گڏجي ڄاڻايل زرعي زمين تي قبضو ڪري ڪوٽمت لاءِ ڏنل زرعي زمين واپس وٺڻ واري ڳالهه تان اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي جنهن مان اسان کي جاني ۽ مالي نقصان جو خدشو آهي هن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سميت وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي بااثر ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري زرعي زمين تان قبضو ختم ڪري تحفظ ڏئي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 13 روزاني 'عبرت'

تقريب رکي ويئي جنهن ۾ جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي جو ميڊيا ڪو آرڊينيٽر ديدار شاهه ،جسقم ضلعي ڄامشورو جي نائب صدر علي بخش ڪابوري يونٽ صدر سيف الله پهنور امتياز بليدي، مولائي سليمان هالو ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي مقررن ڳالهائيندي چيو ته شهيد مقصود خان قريشي ۽ شهيد سلمان وڏو کي سنڌ جي عشق جي ڏوهه ۾ سڏيون گوليون هڻي ٻي دردي سان قتل ڪري بعد ۾ باهه ڏيئي ساڙيو ويو هي واقعو نهايت افسوسناڪ عمل هو جيڪو رياستي دلالن پاران سنڌ جي سوبي پڻن جا لاش ڏنا رياست کي ايترو ياد ڪرڻ کپي ته ڪيترا سنڌ جا عاشق مارينڊو پر توهان ڏڪجي پوندو هر طرف توهان کي سنڌ جي آزادي جا علمبردار ملندا جيڪي هڪ ڏينهن سنڌ آزاد ڪرائي پنهنجن شهيدن جو حساب وٺندا. اهو ڏينهن پري نه آهي جڏهن سنڌ جي آزادي جا ديوانا ڪفن ٻڌي ٻاهر نڪري پوندا ۽ پنهنجي رهبر جي نقش قدم تي هلي دنيا جي نقشي ۽ اقوام متحده ۾ سنڌديش جو ڳاڙهو جهنڊو لهرائيندا

بقايا 14 روزاني 'عبرت'

ڪمن تي خرچ ٿيڻ بدران مبينا طور هڙپ ڪئي پئي وڃي، شهرين جو چوڻ آهي ته سندن مسئلن جي حل لاءِ ڪو به ذميوار اڳتي نٿو اچي ۽ نه ئي ڪو پڇاڻو ڪندڙ آهي علائقي واسين شهرين گل کهيو رياض شاهه محمد علي رند ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور نوٽيس وٺي شهر مان گندو پاڻي نيڪال ڪرائي صفائي سٿرائي جو نظام بهتر بڻايو وڃي ۽ بجيٽ جي شفاف استعمال کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن شهرين کي هن عذاب مان نجات ملي سگهي.

بقايا 15 روزاني 'عبرت'

امير طارق جاويد آرائين ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو لياقت بلوچ چيو ته ايراني حڪمران ۽ قوم پنهنجي رهبر آيت الله خامنائي ۽ ٻين اڳواڻن جي شهادتن باوجود استقامت سان سپر پاور جو مقابلو ڪري آمريڪا کي ڀڄاري ڇڏيو آهي هن چيو ته عالمي اسلام کي سمجهڻ گهرجي ته آمريڪا مسلمانن جو نه پر اسرائيل جو دوست آهي هن طالبان حڪومت تي زور ڀريو ته پاڪستان ۾ مداخلت بند ڪري، چيو ته پاڪستان هميشه افغانستان جو ساٿ ڏنو آهي هن وڌيڪ چيو ته ملڪ ۾ شريف، زرداري ۽ پي ٽي آئي جي حڪومتن عوام کي سخت مايوس ڪيو آهي اسيمبليون روڙ اسيمپ بڻجي ويون آهن ۽ سمورن پاليسين تي 'فيلڊ مارشل' حاوي آهي جماعت اسلامي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري محمد يوسف چيو ته سنڌ جا ماڻهو گذريل 17 سالن کان پي پي پي جي ظلم ۽ جبر جو شڪار آهن جنهن سنڌ کي ڪنڊر بڻائي ڇڏيو آهي بدامني، صاف پاڻي جي کوٽ ۽ بيروزگاري عروج تي آهي هن چيو ته اسان ايم ڪيو ايم جي عروج واري دور ۾ سندن دهشتگردي جو مقابلو درس قرآن سان ڪيو ۽ ڪراچي ۾ سندن نالو وٺڻ وارو ڪو ناهي هن ڪارڪنن کي هدايت ڪئي ته هو پي پي پي جي ڪرپشن کي بي نقاب ڪن ۽ عوامي مسئلن تي روڊن تي نڪرن

بقايا 16 روزاني 'عبرت'

جي صفيه ۽ 19 سالن جو مزمل 12 سالن جو محمد عاطف ۽ 6 سالن جو يوسف ۽ 2 سالن جو عبدالقادر 4 سالن جو حسن علي ڪٻر شامل آهي جيڪي ڳوٺ محمد صادق ڪٻر سيلارجا ضلعو خيرپور ميرس جا رهواسي آهن سڀني زخمين کي سول اسپتال مورو منتقل ڪيو ويو آهي سول اسپتال مورو ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي ۽ انهن کي طبي امداد ڏني وئي ويگن ۾ سوار ماڻهو قلندر شهباز جي مزار تي زيارت لاءِ وڃي رهيا هئا ته حادثو پيش آيو زخمي هڪ ئي خاندان جا ٻڌايا وڃن ٿا

بقايا 17 روزاني 'عبرت'

چانڊڪا ٽيچنگ اسپتال سان 4 عورتن ۽ ڪار ڊرائيور کي سوگهو ڪري پوليس حوالي ڪري ڇڏيو ان حوالي صحافي علي گل ڏيٿو جي چوڻ هو ته گهر تي عورتون سروي ڪرڻ جي بهاني گهر ۾ گهڙي ٻارڙي کي اغوا ڪري ڪٺي وڃي رهيا هئا ته گهر وارن جي رڙين تي پاڙي وارن پهچي منهنجي ٻارڙي کي بچائي ورتو آهي اهڙي اطلاع تي پوليس ۽ صحافين ڪارجو پيڇو ڪري چانڊڪا ٽيچنگ اسپتال مان چئن عورتن ۽ هڪ ڊرائيور کي سوگهو ڪيو آهي. ان حوالي سان رحمت پور ٿاڻي جي پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته چئن عورتن ۽ ڪار ڊرائيور کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 18 روزاني 'عبرت'

واقعو خودڪشي آهي يا قتل ان بابت جاچ ڪنداسين پوليس

بقايا 19 روزاني 'عبرت'

انڪار ڪندي هر مهيني هڪ هزار رپيا وٺي خاموش اختيار ڪرڻ جو چيو راحيل راڄپوت دعويٰ ڪئي ته وٽس ملڪيت جا ڪاغذ موجود آهن ۽ ايم پي اي محمد ڏاڏا هاليپوٽو ۽ وڏيري محمد خان جوڻيجو ٻه سنڌس حق ۾ فيصلو ڏئي چڪا آهن تنهن باوجود ڪيس حراسان ڪيو پيو وڃي هن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته مبينا بليڪ ميلرن خلاف ڪارروائي ڪري سنڌس دوڪان جو قبضو واپس ڏياريو وڃي.

بقايا 20 روزاني 'عبرت'

سيڪريٽري اشوڪ چوهاڻ جي گهر تي چڙهائي. سنڌس مڙس اشوڪ چوهاڻ جي گرفتاري لاءِ ڇاپو ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او ڊيپلو مراد منگريو پوليس اهلڪارن سميت منجهند ڌاري مٺي ۾ سنڌس گهر تي پوليس اٽالن سميت پهچي سنڌس مڙس اشوڪ چوهاڻ جي پڇا ڪئي ۽ گهر نه هجڻ تي زوري گهر ۾ داخل ٿي گهر جي تلاشي ورتي. ان حوالي سان پ پ پ ليڊيز ونگ ضلع ٿرپارڪر جي صدر ۽ ميونسپل ڪاميٽي مٺي جي وائيس چيئرمين سمترا منجياڻي جو چوڻ آهي ته ايس ايڇ او ڊيپلو منهنجي گهر تي ڇاپي دوران چيو ته اشوڪ چوهاڻ سوشل ميڊيا تي پوليس خلاف لکيو آهي ان ڪري ايس ايس پي ٿرپارڪر جي حڪم تي ڪيس گرفتار ڪرڻ آيا آهيون. سمترا جو چوڻ هو ته پوليس چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائيمال ڪندي منهنجي گهر تي غير قانوني ڇاپو هنيو آهي. هن چيو ته ٿر ۾ ٿيندڙ خودڪشين تي آواز اٿارڻ اسان جو جمهوري حق آهي ۽ پوليس ذريعي اسان جو آواز دٻائي نٿو سگهجي. ٻي پاسي پ پ پ اڳواڻن انجنيئر گيان چند ڏاراڻي ۽ بلاول هائوس جي ترجمان ايم پي اي سريندر ولاسائي پڻ سمترا منجياڻي جي گهر تي پوليس چڙهائي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. ميڊيا سان ڳالهائيندي اشوڪ ڪمار چوهاڻ چيو ته ٿرپارڪر ۾ 19 گريڊ جا ڊاڪٽر خودڪشيون پيا ڪن هر طرف بيچيني پکڙيل آهي، منشيات سرعام پئي وڪجي پر اسين پوليس خلاف ڳالهايون ٿا ته ايس ايس پي کي ڪاوڙ ٿي لڳي هن چيو ته ايس ايس پي ٿرپارڪر هر مظلوم جي آواز کي لٺ جي زور تي دٻائڻ ٿو چاهي، جيڪو هرگز ڪرڻ نه ڏينداسين هن پارٽي جي اعلي قيادت کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 21 روزاني 'عبرت'

پ ليڊيز اڳواڻ سمترا منجياڻي جي گهر تي پوليس ڇاپي جو سخت نوٽيس وٺندي ايس پي ٿرپارڪر شعيب ميمڻ کي فورن عهدي تان هٽائي ڪيس سي سي پي او ڪراچي آفيس ۾ رپورٽ ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي ۽ ايس اس پي ميرپورخاص سيد فدا حسين شاهه کي ٿرپارڪر جي ايس پي جي اضافي چارج ڏني وئي آهي.

بقايا 22 روزاني 'عبرت'

پي اي سريندر ولاسائي سوشل ميڊيا تي بيان جاري ڪندي چيو آهي ته پ پ پ جي مرڪزي اڳواڻ ميڊم فريال ٽالپر پ پ اڳواڻ سمترا منجياڻي جي گهر تي پوليس چڙهائي جو نوٽيس وٺندي مذمت ڪندي انهي معاملي جي جاچ جو پڻ حڪم ڏنو آهي. جڏهن ته ٿر جي چونڊيل نمائندن عمل جو اڄان تائين ڪوبه نوٽيس وٺڻ جي زحمت نه ڪئي آهي.

بقايا 23 روزاني 'عبرت'

ساند ۽ اڳوڻي صدر شيراز سمون سميت ٻين ملاقات ڪئي ملاقات دوران ميڊيا سان لاڳاپيل معاملن مقامي مسئلن ۽ عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۾ صحافين جي ڪردار تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي وفد ايم اين اي کي صحافي برادري کي درپيش مسئلن بابت آگاهي ڏني ۽ انهن جي حل لاءِ سهڪار جي ضرورت تي زور ڏنو ان موقعي تي صلاح الدين جوڻيجو وفد کي يقين ڏياريو ته پاڪستان پيپلز پارٽي آزادي صحافت تي پختو يقين رکي ٿي ۽ صحافين کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن تعاون جاري رکيو ويندو

بقايا 24 روزاني 'عبرت'

پوليس ڪين کي موقعي تي ئي گرفتار ڪري ڀاڻ سان گڏ ٿاڻي تي ڪٺي وئي ٻڌايو پيو وڃي ته گذريل ڏهاڙي پيش پيل جوابدارن کي پوليس عدالت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ ڪٺي آئي ته ٻن جوابدارن ملهار جوڻيجو مٿان حملو ڪري مارڻ جي ڪوشش لاءِ فائر ڪيا جنهن سبب ماڻهن ۾ ڀاڄ پئجي وئي ۽ حاضري تي آيل ڪافي ماڻهن ڪورٽ ڇڏي ڀڄي ويا اتي موجود پوليس اهلڪارن ڪين کي پڪڙي سندن وٽان هٿيار پڻ هٿ ڪيا ويا حملي آورن جي سڃاڻپ ثناءُ الله جوڻيجو ۽ لياقت علي جوڻيجو نالي ٿي آهي جن ٻڌايو ته ملهار سان اسان جو جهيڙو هو جنهن جي ڪري ڪيس ڪي مارڻ آيا هئاسين جڏهن ته ملهار جوڻيجو گذريل ڏينهن پاڻمرادو پوليس وٽ پيش ٿيو هو ڪورٽ ٻاهران ايس ايڇ او راڻي پور ٻڌايو ته ڪورٽ ۾ اندر جج جي سامهون گرفتار جوابدار تي پسٽل سان فائرنگ ڪئي وئي جوابدارن کي پسٽل سميت گرفتار ڪيو ويو آهي ڪين کان وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون ته هٿيار ڪورٽ جي احاطي ۾ ڪئين پهتو هن اهو پڻ ٻڌايو ته ممڪن آهي ته ڪورٽ جون پيٽيون ٽٽيون ۽ زبون حال هجڻ جي هٿيار اندر آيو هجي وڌيڪ ان معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون ٻئي پاسي پوليس ملهار ۽ جنيد جوڻيجو کي سخت پوليس پهري هيٺ ڀاڻ سان گڏ ڪٺي ويا جنهن بعد ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي ڪئي وئي.

بقايا 25 روزاني 'عبرت'

اسين ڪيترائي ڀيرا پوليس جي اعلي عملدارن کي درخواستون به ڏئيون پر هن خلاف ڪوبه ايڪشن نه پيو ٿئي، هنن چيو ته گذريل ڪيترن ئي سالن کان اي ايس آءِ عابد ملغاڻي پنهنجي گهرواري دوداپور ٿاڻي تي مقرر ٿيل آهي ۽ ساڳئي ٿاڻي تي اسان خلاف استعمال ڪندي ڪوڙا ڪيس داخل ڪندو رهي ٿو هنن الزام مڙهيندي چيو ته عابد ملغاڻي جا پاڻ ڏوهارين جا ساٿياري آهن ۽ غير قانوني شين جي اسمگلنگ ڪندا آهن جنهن خلاف پوليس ڪارروائي نه پئي ڪري هنن آءِ جي سنڌ پوليس ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي جيڪب آباد کي اپيل ڪندي چيو آهي ته اي ايس آءِ عابد ملغاڻي جي زيادتين جو نوٽيس وٺي ڪيس بدلي ڪري سان گڏوگڏ اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 26 روزاني 'عبرت'

هفتو گذرڻ باوجود پوليس قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي جيڪا وڏي ناانصافي آهي هنن چيو ته مقتول فقير يونس چانڊيو کي بي رحمي سان قتل ڪيو ويو پر اڃا تائين جوابدار آزاد گهمي رهيا آهن جنهن سبب وارثن ۽ برادري ۾ بيچيني پکڙيل آهي مظاهرين مطالبو ڪيو ته فوري طور تي قاتلن کي گرفتار ڪري ڪين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن انصاف فراهم نه ڪيو ويو ته هو روڊ بلاڪ سميت وڌيڪ سخت قدم کڻڻ تي مجبور ٿيندا.ان موقعي تي پوليس اختيارين مظاهرين کي خاطري ڪرائي ته واقعي جي جاچ جاري آهي ۽ جلد جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو پوليس موجب مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن ۽ اميد آهي ته جلد اهم اڳڀرائي ٿيندي آخر ۾ مظاهرين پرامن طور احتجاج ختم ڪيو جڏهن ته وارثن حڪومت کان انصاف جي اپيل ورجائي

بقايا 27 روزاني 'عبرت'

دودو ديشي هوش محمد پٽي ۽ هيمون پٽي ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 28 روزاني 'عبرت'

هئاسين ته اطلاع مليو ته ڏوهاري ڏوهه جي ارادي سان بيٺل آهن اسان پهتاسين ته مقابلو ٿي پيو ڏوهارين پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ ڪري ڏني اسان جي جوابي فائرنگ ۾ هڪ جوابدار اختر علي عرف اخو پٽي کي غيرقانوني پسٽل سميت زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو زخمي ڏوهاري ڦور ۽ چوري سميت ٻين ڏوهن ۾ ملوث آهي ۽ ڪيسن ۾ روپوش هيو فلحال ست ڪيس ظاهر ٿيا آهن وڌيڪ ڪيسن جي جاچ ڪئي پئي وڃي ٻئي پاسي زخمي ڏوهاري کي ڊاڪٽر پاران فرسٽ ايڊ ڏيڻ کانپوءِ وڌيڪ علاج لاءِ نوابشاهه جي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 29 روزاني 'عبرت'

چيو ته منشيات فروش بنا ڪنهن خوف جي سرگرم آهن جڏهن ته اسان جا معصوم ٻار ۽ نوجوان هن لعنت جو شڪار ٿي رهيا آهن ۽ آهستي آهستي منشيات جا عادي بڻجي رهيا آهن جيڪو سماج لاءِ وڏو خطرو بڻجي ويو آهي . اڳواڻن ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ڄامشورو کان پرزور مطالبو ڪيو ته منشيات فروش عنصرن خلاف سخت ۽ بنا ڪنهن رعايت جي ڪارروائي ڪئي وڃي، ۽ علائقي ۾ خاص آپريشن ڪري هن ناسور جو خاتمو آندو وڃي. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن هن سنگين مسئلي تي فوري قدم نه کنيا ويا ته پوءِ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ عوام سان گڏجي ڀرپور آواز اٿاريو ويندو

بقايا 30 روزاني 'عبرت'

۾حيدرآباد اسپتال نيو ويو جتي علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو سندس لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويوعلائقي ۾ سوڳ ڇانئجي ويو

بقايا 31 روزاني 'عبرت'

۾ نعا ڪرڻ ڏين جن ماڻهن هنن مظلومن کي جيل ۾ رکرايو آهي انهن جو ڏوهه ته ٻڌائين ڪيترائي قيدي مختلف بيمارين ۾ تڙپي رهيا انهن جي اعلاج تي به بندش آهي قيدين جي ٻارڙن جي تعليم مڪمل تباهه ٿي وئي آهي گهرن ۾ بيماريون ڦاڪا ڪشي آهي انهن وٽ اعلاج ۽ ڪاڌي خوراڪ جا پئسا نه آهن سنڌ حڪومت جو سڄو فوڪس مورو سانحي ۽ ڳوٺ لغاري ٻجراڻي تي آهي سڄي سنڌ تباهه لڳي پئي آهي انهن تي توجهه ته آهي ظلم جبر ڏاڍ گهڻو وقت نه هلي سگهندو بيگناهه قيدين معصوم ٻارڙن نياڻين اموٿين جي دلين سان نڪرنڌڙ پنون پاراٿا درد پريون دانهون حڪمرانن جا تخت ۽ تاج ختم ڪري ڇڏيندا اي دنيا جا منصفو سلامتي جا ضامنو ڏيهي پرڏيهي انساني حقن جي تنظيمن سنڌ دوست وڪيلن اديبن شاعرن ليکڪن دانشورن قومپرست اڳواڻن کي قيدين وارثن معصوم ٻارڙن اپيل ڪئي آهي مورو سانحي جي بيگناهه 60 قيدين کي آزاد ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ظالم حڪمرانن خلاف آواز بلند ڪن بيگناهه ماڻهن جي داد رسي ڪن انهن جي گهرن ۾ خوشيون آڻين ٻارڙن جي تعليم بچائين بيمارين کان ڦاڪا ڪشي کان بچائين

بقايا 32 روزاني 'عبرت'

ڏسي ڦورو فرار ٿي ويا، ٻنهي زخمين کي رورل هيلٿ سينٽر چوهڙ جمالي آندو ويو جتي ابتدائي طبي امداد ڏئي نبي بخش خاصخيلي کي ايمرجنسي جي بنياد تي ڪراچي ٽراما سينٽر ريفر ڪيو ويو آهي

بقايا 33 روزاني 'عبرت'

ته هو مقتول جي 8 رهڻين جي ٽنڊي ڀيڻ سان زبردستي پسند جي شادي ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيوهو ۽ انڪار ڪرڻ تي چئن ٻارڙن جي ماءُ کي قتل ڪري ڇڏيو آهي مظاهرين غلام قادر مشوري، عاشق حسين مشوري، خادم مشوري ۽ غلام فاطمه مشوري الزام هنيو ته مقتول صغران مشوري کي سندس مڙس محمد اسلم مشوري، سهڙي غلام رسول مشوري سجاد مشوري ۽ ٻين زهر ڏئي قتل ڪيو آهي جنهن جي مڪمل جاچ ٿيڻ گهرجي هنن اهو به ٻڌايو ته مقتول صغران مشوري وفات کان اڳ پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرايو هو جنهن ۾ هن جوابدارن جا نالا به ڄاڻايا هئا. مظاهرين جو چوڻ هو ته بي سيڪشن پوليس جوابدارن جي گرفتاري ۾ سهڪار نٿي ڪري ۽ نه ئي ڪيس داخل ڪري رهي آهي مظاهرين ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي ٺمير نور چنا کان مطالبو ڪيو ته مقتول جي قتل ۾ ملوث جوابدارن خلاف فوري قانوني ڪارروائي ڪري ڪين گرفتار ڪيو وڃي ۽ عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي ۽ انصاف ڪيو وڃي

بقايا 34 روزاني 'عبرت'

اهلڪارن خلاف پڻ ڪارروائي ڪئي ويندي جنهن بعد ايس ايس پي جي حڪم تي عدالت ۾ موجود پوليس غفلت ۾ ملوث پوليس اهلڪارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي

بقايا 35 روزاني 'عبرت'

رحمت پور پوليس قطب شادي هال واري علائقي مان منشيات فروش جوابدار عقيل مگهار کي 728 گرام چرس سميت گرفتار ڪري ورتو آهي ٻئي پاسي عاقل پوليس ڪچي واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪندي شهري محمد عثمان جي ڦر ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪري ورتي آهي پوليس موجب گرفتار سمورن جوابدارن مٿان اهڙي نوعيت جا ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 36 روزاني 'عبرت'

ڪارروايون ڪندي ٻن الڳ الڳ پوليس مقابلن ۾ ٻه ڏوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتا. ترجمان سکر پوليس موجب پهرين مقابلو ٿاڻو سي سيڪشن جي حد ڳناڪي ڦاٽڪ پرسان دوران گشت پيش آيو جتي پوليس جو مقابلو وارادات جي ارادي سان بيٺل ڏوهارين سان ٿيو. فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڏوهاري ارشاد علي ميراڻي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.پوليس موجب زخمي جوابدار اسنيچنگ، چوري، ۽ منشيات فروشي ۽ پوليس مقابلا سميت ڪيترن ئي سنگين وارداتن ۾ گهربل هو. جوابدار وٽان پڻ ٽي پسٽول سميت گوليون به هٿ ڪيون ويون آهن. زخمي کي علاج لاءِ ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي.ٻيو مقابلو ٿاڻو نيوپنڊ جي حد ريلوي ڪراسنگ پرسان پيش آيو جتي پوليس ۽ ڏوهارين وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي. پوليس ڪارروائي دوران هڪ ڏوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جنهن جي سڃاڻپ عامر علي ميراڻي طور ٿي، جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿي ويا.پوليس موجب گرفتار جوابدار به اسنيچنگ، چوري، ڦر، منشيات فروشي ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث ۽ گهربل هو. سندس وٽان پڻ ٽي پسٽول، ميگزين ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون. زخمي جوابدار کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته فرار ٿيل ڏاڙيلن جي گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن جاري آهي. وڌيڪ زخمي جوابدارن جو ڪرمنل رڪارڊ مختلف ٿاڻن تي ٻين ضلعن کان حاصل ڪيو پيو وڃي. ٻئي پاسي ايس ايس پي سکر اظهر خان پوليس ٽيم کي شاباس ڏيندي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا 37 روزاني 'عبرت'

مهراڻپوٽو علي نواز مهراڻپوٽو پونجو ڪولهي، ڪيٽو ڪولهي ۽ مصري ڪولهي جو چوڻ هو ته بلاڪ هڪ انتظاميا ڪين ابائڻ گهرن مان متبادل رهائش ۽ مڪمل معاوضي جي واعدي تي ٻي دخل ڪيس پر اڃا تائين ڪين نه مناسب جاءِ ملي آهي ۽ نه ئي مڪمل معاوضو جنهن سبب هو دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن هنن وڌيڪ ٻڌايو ته 24 مان صرف 12 گهرن کي 21,21 لک رپيا جزوي معاوضو ڏنو ويو آهي جڏهن ته باقي 12 گهرن کي متاثر تسليم ئي نٿو ڪيو وڃي، جيڪا ڪين وڏي ناانصافي لڳي ٿي مظاهرين مطالبو ڪيو ته سڀني 24 متاثر گهرن کي برابر معاوضو ڏئي ڪين جلد آباد ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 38 روزاني 'عبرت'

پروگرام ۾ خصوصي مهمان خليفا الهه رکيو چنا ، عابد حسين ڪونڌر خليفا اعجاز علي منگي ۽ ٻين سريدن شرڪت ڪئي، پروگرام ۾ حافظ تنوير احمد منگي هديه نعت پيش ڪئي جڏهن ته حافظ مرتضا ڏانگراج مهمانن کي اڃياڻو ڏنو آخر ۾ مرشد سجڻ سائين جي خضري حياتي ۽ اُمت مسلمه جي لاءِ اجتماعي دعا گهري وئي.

بقايا 39 روزاني 'عبرت'

ته دادو شهر اندر مختلف وقتن تي اهڙا واقعه پيش اچن ٿا جن کان دادو پوليس ڏيتي ليتي ڪري ڪين آزاد ڪري ڇڏي ٿي

بقايا 40 روزاني 'عبرت'

ڏارون ۽ جهڪيل ٿنيا ڪنهن به وڏي حادثي جو سبب بڻجي سگهن ٿا، جنهن سبب خوف ۽ بيچيني واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي علائقي جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته بجلي جي فراهمي به بار بار معطل ٿي رهي آهي جنهن ڪري ڪاروباري سرگرميون، تعليم ۽ گهريلو زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي گرمي جي موسم ويجهو اچڻ سان مسئلا وڌيڪ شدت اختيار ڪرڻ جو انديشو ظاهر ڪيو ويو آهي

بقايا 41 روزاني 'عبرت'

ويا آهن پر ڪاڇي جو سالاري رستو هن وقت تائين ڪچو آهي جنهن مان واري ۽ مٽي اڏامي رهي آهي

بقايا 42 روزاني 'عبرت'

ڊاڪٽر مهرين ڀٽو خطاب ڪندي ۽ هنگورجا ۾ پ پ پ اڳواڻ حاجي حسن منگيجو جي رهائشگاهه تي پارٽي ورڪرن جي گڏجاڻي کي خطاب ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر مهرين ڀٽو چيو آهي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جو مقصد غريب ۽ مستحق ماڻهن کي سندن در تي پنهنجن حق ڏيڻ آهي چيو ته هن آفيس جي قيام سان سوڀوديرو ۽ ڀرپاسي وارن علائقن جي ماڻهن کي هاڻي ڏگهو سفر ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي، جنهن سان سندن وقت ۽ خرچ ٻنهي جي بچت ٿيندي. هن وڌيڪ چيو ته اهڙن منصوبن سان عوام جو اعتماد حڪومت تي وڌندو ۽ سماجي تحفظ جو نظام وڌيڪ مضبوط ٿيندو هن وڌيڪ چيو ته امريڪا اسرائيل جي ايران سان جنگ سبب خطي ۾ امن امان جي صورتحال وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿي انهي جنگ سبب پيٽروليم جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو آهي جنهن سان مهانگائي ۾ اضافو ٿيو آهي ڊاڪٽر مهرين ڀٽو هنگورجا ۾ روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل گل ڀٽو جي وارثن سان تعزيت ڪئي ڊاڪٽر مهرين ڀٽو سان گڏ پ پ پ اڳواڻ غلام عباس راڄپر حاجي حسن منگيجو غفار چانگ عزيز ميمڻ پڻ گڏ هيا

بقايا 43 روزاني 'عبرت'

ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شهر جي رحمت پور ٿاڻي جي حد پينس ڪالوني سال پڙي روڊ تي هڪ ڏينهن اڳ پراڻي تڪرار تان قتل ٿي ويل نوجوان احسان سولنگي جو قتل ڪيس سندس والد رستم علي سولنگي جي فرياد تي 2 سڃاتل جوابدارن ميهر الله بروهي، ادريس بروهي ۽ هڪ انڄاتل جوابدار مٿان داخل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ فريادي موقف اختيار ڪيو آهي ته منهنجي پٽ ۽ جوابدار ميهارالله بروهي وارن جو 15 کان 20 ڏينهن اڳ ڪراچي ۾ جهيڙو ٿيو جنهن کان پوءِ واقعي واري ڏينهن جوابدارن گوليون هڻي منهنجي پٽ کي قتل ڪيو آهي هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي آهي ته پٽ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي ان حوالي سان رحمت پور ٿاڻي جي پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته واقعي جو ڪيس داخل ڪري جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپن جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو آهي جلد جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو

بقايا 44 روزاني 'عبرت'

ويو آهي ميلي ۾ ميلي ۾ پي ٽي آءِ جي سابق ايم اين اي لال مالهي . پ پ اڳواڻ رميش مالهي يوسي چيئرمين بابو لڇمڻ داس ڏاٽريخش سينهڙو . ٽائون وائيسچيئرمين نولراءِ ميلي ۾ شرڪت ڪئي جنهن موقعي ڪاڏي پيتي جو بندوبست ڪيو ويو جنهن کي هندو ڌرم ۾ پنڊارو چيو وڃي ٿو ان جو به مفت بندوبست ڪيو ويو آهي ميلي۾پوڄا پاٺ ڪئي وئي سائين ڏوٽي صاحب کان مڙهي صاحب تائين ريلي ڪڍي وئي ڏاڙي جو ڪير پراڻي جي رسم ادا ڪئي وئي جڏهن ته تعليم جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ شاگردن ۽ شاگرديائين کي شوگر سوامي ٽيلنٽ ايوارڊ ڏنا ويا، جڏهن مقامي صوفي فنڪارن پڻ چيرمين مکي نول راءِ مهيشوري سميت سڄي سنڌ جي مختلف علائقن مان هزارين ياترين شرڪت ڪئي ست سنگ ۾ سنڌ جي ناميارن ڀڳتن انش ايسراڻي دليپ مالهي سنتوش مالهي مکهارام برهمڻ رميش ميگهواڙ چمن ڪلال واشديو مالهي ڀڳت سنيل ڪمار ۽ پنهنجي سر سنگيت سنت سنگ راڳ پيش ڪري داڏا شوگر سوامي کي پيتا پيش ڪري ياترن کي جهومائي ڇڏيو ميلي متعلق مالهي برادري سان تعلق رکندڙ سينئر صحافي سريش مالهي گنگارام مالهي چوڙي رتن ڪمار هرچندراءِ پٽيل هيرالعل مالهي ماستر شميومل صحافي مهيش ڪمار خوشحال داس رميش ڪمار سانگو مل همٿو مل ماستر پرت ڪمار مولچند سيلاڻي هيڊ ماستر نريش ڪمار ڊاڪٽر شيوارام صحافي ڪيمچند پٽيل راجو مل جو چوڻ هو ته هي ميلو صدين ملهايو پيو وڃي ميلي جي موقعي تي لنگر عام هلي ٿو جنهن ڪوبه مزهبي مت ڀيد ڪونهي هر اچڻ واري کي لنگر مفت ۾ ڪرايو ويندو آهي ميلي جي موقعي تي سڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا هئا

بقايا 45 روزاني 'عبرت'

هئي . عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائڻ بعد پوليس عملدار منهنجي جان جو ويري بڻيل آهي هن الزام هڻندي چيو ته اڄ صبح ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت ۾ مون کي سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون ويون آهن ايڊووڪيٽ سيد روشن شاهه چيو آهي ته انسپيڪٽر عبد الله ڪاڪا گذريل 30 سالن کان ٻاثر وڏيرن جي پشت پناهي هيٺ سعيدآباد ٿاڻي جو ڪرتا ڌرتا بڻيل آهي

آفيس آف دي سپرنٽنڊنگ انجنيئر، ديزرٽ پٽ فيڊر سرڪل سکر

No.EC/G-148/391
Sukkur Dated: 24/03/2026

خالي آساميون

سنڌ صوبي جو ڊوميسائل رکندڙ اهل اميدوارن کان آبپاشي کاتي ۾ هيٺ ڏنل خالي آساميءَ لاءِ درخواستون گهرائجن ٿيون. هيٺ ڏنل آسامين جي سامهون ڄاڻايل تعليمي قابليت ۽ تجربي مطابق، هن اشتهار جي اشاعت کان 15 ڏينهن اندر درخواستون جمع ڪرايون وڃن.

شمار نمبر	پوسٽ جو نالو ۽ بي پي ايس سان گڏ	خالي آسامين جو تعداد	عمر جي حد	خالي آساميءَ جو هنڌ	تعليمي قابليت / اهليت جو معيار
01	جونيئر ڪلارڪ (BPS-11)	05	18_28 سال	i. 01 عدد ديزرٽ پٽ فيڊر سرڪل سکر ۾. ii. 02 عدد گڊو بئراج ڊويزن ڪشمور ۾. iii. 02 عدد ڪشمور ڊويزن ڪشمور ۾.	(i) ڪنهن به يونيورسٽيءَ مان سيڪنڊ ڊويزن ۾ هاير ايجوڪيشن ڪميشن مان تسليم ٿيل گريجوئيشن. (ii) STBE/ ٽيسٽنگ بورڊ جي تسليم ٿيل اداري مان 6 مهينن جو MS Office سرٽيفڪيٽ ڪورس.

عام هدايتون:

1. اهي اميدوار جيڪي مٿي ڏنل شرطن تي پورو لهن. اهي سنڌ حڪومت جي جاب پورٽل https://sjp.gos.pk تي آن لائن درخواست جمع ڪرائين.
2. اميدوارن لاءِ لازمي آهي ته انهن IBA سکر ٽيسٽنگ سروسز (STS) پاران ورتل گريجوئيشن ڪيٽيگريءَ جي جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو مارڪن سان پاس ڪئي هجي ۽ مٿي ڄاڻايل پوسٽ تي مقرري لاءِ STS جو جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ رکندڙ هجن.
3. اميدوارن جي عمر جو حساب درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان ڪيو ويندو. جيئن سنڌ سول سرونٽس (اپر ايج لمٽ ۾ رعايت) رولز 2024 جي رول_7 تحت ڏنل آهي. تنهن هوندي، سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ جي نوٽيفڪيشن نمبر SOII(SGA&CD)564/2011 (Part-II) تاريخ 06-03-2025 موجب عمر جي مٿئين حد ۾ پنجن سالن جي عام رعايت ڏني ويندي.
4. شروعاتي مقرريءَ لاءِ مخصوص ڪيل ڪوٽا جو حصو سنڌ حڪومت جي قانون / قاعدن / پاليسيءَ موجب برقرار رکيو ويندو.
5. جيڪي اميدوار اڳ ئي نوڪريءَ ۾ آهن، انهن کي درخواست جمع ڪرائڻ کان پهريان پنهنجي لاڳاپيل کاتي مان NOC حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽيءَ آڏو انٽرويوءَ جي وقت اصل NOC پيش ڪرڻ گهرجي.
6. اميدوارن کي ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽي آڏو پنهنجي اصل دستاويزن سان گڏ انٽرويو لاءِ ان شيڊول موجب پيش ٿيڻو پوندو جيڪو جاب پورٽل تي اپلوڊ ڪيو ويندو.
7. صرف اهل / شارٽ لسٽ ٿيل اميدوارن کي انٽرويوءَ لاءِ گهرايو ويندو.
8. انٽرويوءَ لاءِ ايندڙ اميدوارن کي ڪو به TA/DA نه ڏنو ويندو.

سپرنٽنڊنگ انجنيئر
ديزرٽ پٽ فيڊر سرڪل سکر

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/1214/2026

PAKISTAN AIRPORTS AUTHORITY
پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی

ٹینڈر نوٹس

1- پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی، پیپرا رول نمبر 36(b) کے مطابق، درج ذیل کام کے لیے اہل کنٹریکٹرز/فرمز سے پیشکشیں طلب کرتی ہے۔ پیشکش کنندگان کا پاکستان انجینئرنگ کونسل (PEC) کے ساتھ کم از کم C-6 کیٹیگری میں ME-01 اسپیشلائزیشن کوڈ کے تحت رجسٹرڈ ہونا ضروری ہے۔

کام کا نام	زرِ ضمانت	پیشکش جمع کرانے کی تاریخ/وقت	پیشکش کھولنے کی تاریخ/وقت
CATI میں آرکائیو بلڈنگ پر HVAC سہولیات کا انضمام	250,000/-	17-04-2026 سہ پہر 02:00 بجے	17-04-2026 سہ پہر 02:30 بجے

2- پیشکشیں، مع بڈ سیکیورٹی دستاویز (Bank Draft/Pay Order) جو کہ "PAA DEVELOPMENT" کے حق میں جاری ہو، اور دیگر مطلوبہ دستاویزات، PPRA E-PADS پورٹل http://eprocure.gov.pk کے ذریعے مقررہ تاریخ اور وقت سے قبل الیکٹرانک طور پر جمع کرانا لازمی ہے۔

3- مطلوبہ زرِ ضمانت کے بغیر جمع کرائے گئے ٹینڈر پر غور نہیں کیا جائے گا۔ زرِ ضمانت کی اصل دستاویز (سربمہر لفافے میں بند کر کے)، مقررہ تاریخ اور وقت پر (یعنی ٹینڈرز پیشکش کھلنے کے وقت) جمع کرانا ضروری ہے، اور اس کی اسکین شدہ کاپی ساتھ منسلک کی جائے گی۔ زرِ ضمانت بنام PAA DEVELOPMENT ہونا چاہیے۔

4- پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی کسی بھی یا تمام ٹینڈرز کو معقول اور ٹھوس وجوہات کی بنیاد پر قبول یا مسترد کرنے کا مکمل اختیار محفوظ رکھتی ہے، اور درخواست پر ایسی وجوہات پیشکش کنندگان کو فراہم کی جائیں گی۔ تمام ٹینڈر کارروائیاں E-PADS پورٹل کے قواعد وضوابط کے مطابق انجام دی جائیں گی۔

5- انتباہ: پیشکش کنندگان / کنٹریکٹرز کی جانب سے بطور ٹینڈر کاسٹ، زرِ ضمانت/ بولی سیکیورٹی یا بینک گارنٹی جمع کرائے گئے پے آرڈر، بینک ڈرافٹ یا دیگر مالیاتی آلات اگر کسی بھی مرحلے (قبل یا بعد از معاہدہ) میں جعلی ثابت ہوں یا متعلقہ بینک/ مالی ادارے کی جانب سے نامنظور/ ڈس آنر کر دیے جائیں تو ایسے معاملات میں ملکی قوانین کے مطابق بلیک لسٹنگ اور قانونی کارروائی عمل میں لائی جائے گی۔

اسسٹنٹ ڈویژنل انجینئر ES E&M، سندھ ڈویژن، CATI، ٹیلی فون: 022-9260335-310
پتا: دفتر ڈویژنل انجینئر ES E&M، E&M ورکس سیکشن، CATI حیدرآباد۔
www.paa.gov.pk
PID(K) 3084/25